٤٨٦
٩٢

سُر ڪلياڻ

ڪافي ١

ٿلهه ريهي ريهي ريهي [وويار]
سهڻان رمز تنهنجي دل ريهي

١- نعل لٿي وئين ڪري دلڙي ديواني
اُتي رهينءَ ڪيئن ويهي [وويار]

٢- هلي نه سگهان ٿي هوت آءُ هيٺي
ڏيهي اچي ٿيءُ پر ڏيهي [وويار]

٣- باغ بهار ٿيو تو يار ملڻ سان
درد وندئَ جي ديهي [وويار]

٤- هن نمائيءَ ننڍر سان [لا]
نينهن نباهج نيهي [وويار]

٥- ڪرم ڪرين سان اصغر عاشق
پڪي آءُ تون پيهي [وويار]

ڪافي ٢

ٿلهه ڏنارن ڪئون ڏار، درد ڀري دل منهنجي
١- ساريو سانگيڙن کي [لا] نيٽين وهايان ٿي نار
٢- ڪائن ٿا ڪيت ريءَ [لا] ويس وڳاهي هار
٣- اباڻن سان آءُ وڃي [لا] ڏوُرن چونديان ڏار
٤- ساعت ساهه کي [لا] سرتين جي آهي سار
٥- پانور ٻين پڌرَ جي [لا] تن ۾ تنهنجي آهي تار
٦- فالن ويٺي آءُ رجهان [لا] ويڙهه ويندين ڪنهن وار
٧- سڪ سنگهارن جي ساهه ۾ [لا] ٻيئي اٿم اپار
٨- ڪڏي مونکي ڪوٺ مون [لا] جهانگي ميل جبّار
٩- سانگيئڙن لئي اصغر سو [لا] نيٽين وهايان ٿي نار

ڪافي ٣

ٿلهه پڇ نه ڪنهن پار، تو ۾ آ ڏيرو دوست جو
١- هوت اُهوئي هڪڙو [لا] ڄاڻ نه تون ٻه چار
٢ وڏي ڏس تون وجود ۾ [لا] وهم وڇوڙي جو وار

٣- من محبت جي مچ ۾ [لا] پارڻ ڪري پار
٤- ملين تان پڻ مچي جان [لا] سانول ڪيو سار
٥- اَصغر عاشق کي اندر ۾ [لا] آهي پرينءَ جي پچار

ڪافي ٤

تله ماروئڙن جا ماڳ، ساريو ويٺي ٿي ونجهلان
١- ڪلي ڪاوان ڪيت سان [لا] سويو ساٽيھ ۾ ساڳ
٢- محل ماڙيون بنگلا [لا] دلڪي ڏين ٿا داڳ
٣- خاطي ايندم ڪيت جو [لا] واري وهلو واڳ
٤- ماروئڙن جي ملڪ تان [لا] لٿا آهن لاڳ
٥- ريدارن رئَ روح کي [لا] راس نہ اچن راڳ
٦- اَصغر جَفَّ القَلَمُ جا [لا] ويٺي پوڳيان سوياڳ

ڪافي ٥

تله:- رمزن سان ڏيئي ريھ، ريھي روح وٺي ويا
١- آزاريائون اندر کي [لا] چرين جا ڏيئي چيھ
٢- جيڏيون تن جتن لئي [لا] دکي ڏکيل جي ديھ

۳- آريءَ جي اٺن جي [لا] پايان ڪٿوري ڪيهه

۴- هوتن جي حضور لئي [لا] ڏکي ڏوري ڏيهه

۵- آري جي اچڻ لئي [لا] سڪي سارو ڏيهه

٦- اچج ڪين اصغر چيئي [لا] وڃج تائين ڇيهه

ڪافي ٦

ٿلهه:- شور مچايو شوق، جانب تنهنجي جيءَ منهنجي ۾ وو

۱- مُربا ماکيون مصريون مٺايون [لا] زهر ڪيا تنهنجي ذوق

۲- سهسين سالڪ سرمد جهڙا [لا] چٽڪيءَ تي چوق

۳- چئني طرفان توکي ڏسان [لا] ڇا تحت ڇا فوق

۴- ڳيرن جا ڳل آهن اصغر [لا] برهمڻ بندگي طوق

ڪافي ۷

ٿلهه ڪٿي ڪرڪا ڪوڪار، عشق آيو جُهل باري باري

۱- ستين پيري زهر ڏنائون، چونڪي هئي چوڌار
چود بيٺا مان تي چاري چاري

٢- دشمن ٽيڙا ڪيڙا، ويري ٽيڙم وار
سنگت ڦري وئي ساري ساري

٣- ننڊي لاڪون نينهن اوهان سان، ڪنڌي منجهه ڪپار
ڪانُ هٽي ويا ٿهري ٿهري

٤- اَصغر چئي حال اُني جا، مان تي ناهي ميار
در خدا جي زاري زاري !

ڪافي ٨

ٿلهه: پرين جا پيغام، سور سلام ٿي آيا
١- وَٽِن ويٺس ڪينڪي، ڪاٽيو ڪنڌ ڪلام
٢- سانگي ويڙا سانگ تي، وريا ڪين وريام
٣- سُمهان سڪِ نه چندڙو، نيٽين ننڊ حرام
٤- اَصغر عاشق عشق جي، ماريس ٽنهنجي مام

ڪافي ۹

ٿله: نازن ساڻ نه مار، هن نماڻي کي
۱- نيڻ ڪٽج تون يار ننگيلا، ننڌر ڏي تون نهار
۲- رحم راحم ڪر ڪنيزڪ تي، گڏ گولي سان گذار
۳- پرين پارج قول قالوا جا، ساڻ ننڌر نادار
۴- قالان پائي هيءَ فراقڻ، ايندين تون ڪنهن وار
۵- اصغر تو لئي آهي اداسي، تنهن کي يار تنوار

ڪافي ۱۰

ٿله: سپني ۾ ڏيکار، سهڻا صورت سهڻي
۱- سدا سکي ٿي صورت تنهنجي لئه، ناميان هيءَ نِڪار
۲- ڪريو ڪرم هن هيڻي سان، ميان پري پيڪار
۳- ننڌر نوازيئي نند ۾ نوري، برهمڻ سا بيڪار
۴- قول قالوا جا ڪيئي جي ڪيچي، پرت سان پرين پار
۵- اصغر عاشق کي يار تون ياور، تار منجهئون اچي تار

سرڪوهياري

ڪافي ١

ٿله: اوٺي ٺي ارها [ڙي اديون] مون ڪان رات رسي ويا
١- دم نہ گذرن هُن درد جا [ميان الا] ساجن ريءَ سرها [ڙي اديون]
٢- پهتي هوند پنهون کي [ميان الا] پرٿيءَ جا پرها [ڙي اديون]
٣- ترُ نہ ترسيا [وو] تاوَڪئون [ميان الا] ڪيچين جا ڪرها [ڙي اديون]
٤- آيا رات آڌيءَ جي [ميان الا] ڪاروسي ڪرها [ڙي اديون]
٥- جيرا هنيانءَ هنيئن جوڳڻ جا [ميان لا] چرا تيا چرها [ڙي اديون]
٦- ڏير ڏکي جا [وو] اصغر چيئي [ميان لا] شوم وڏا شرها [ڙي اديون]

ڪافي ٢

ٿله- ڪج نہ مهٽين هاب [ميان لا] مون کي محب موچارا [وو]
١- ڏيکارين [وو] ڏونگرٽا [ميان لا] تيز تکير و تاب
٢- عيش عشرت [وو] آري ري [ميان لا] آهن عين عذاب

٣- بيبي چڏيائون [وو] برم [ميان لا] هيءُ نہ بلوچن باب
٤- هڪلان ڪيم [وو] هوت کي [ميان لا] جت نہ ڏين جواب
٥- جاڳيا جوش [وو] جتن جا [ميان لا] ستي سندن خواب
٦- اصغر عاشق [وو] عشق ڪئون [ميان لا] عينون اِهي ثواب

ڪافي ٣

ٿلهہ- نماڻيءَ جا نصيب نجيڏيون، اصلئون هئائيءُ احبايا [وو]
١- سنجهي ساٿ لڏي ويا [ميان لا] ٺهرڪري ويا قريب
٢- ورج ويڳاڻي ڏي وهلو [ميان لا] نينه نهوڙيو نجيب
٣- فرق وجهن ناڦنيءَ کي [ميان لا] طبون سنديون طبيب
٤- جدا جانبن کان جنين ڪيو [ميان لا] رُلن شال رقيب
٥- آلهَ لڳ اصغر تي [ميان لا] اديون ايندا عجيب

ڪافي ٤

ٿلهہ- آري منهنجا عيب معافي ڪريو يار مٽڙيئي
١- پوءِ پيس هوند ڪينڪي [ميان لا] روح رلايس ريب
٢- ور وساري جاڪون وئين [ميان لا] زهر ٿيم سيپ زيب

۳- سمجهيم ڪينڪي ڪيچين جا [ميان لا] فڪر فند فريب
۴- خواب غفلت جي خزان ڪپو [ميان لا] روئي پسايم جيب
۵- نگهَ ساڻ نوازيو [ميان لا] ڏوڙا ڏيئي ڏيب
۶- مدد ڪرتون اصغر سان [ميان لا] غوث غني ڏنه غيب

ڪافي ۵

تله- نوري لاھ نقاب، پڌرو ٿيءُ پرين پيارا [وو]
۱- لڪي لڪندون [وو] ڪيترو [ميان لا] ڪڍ تون هوت حجاب
۲- پرين پري ڪر پردو [ميان لا] شوق وارن ڪئون شتاب
۳- ملوهن مشتاق سان [ميان لا] عفو ڪرتون عتاب
۴- عشاقن تي [وو] اصلئون [ميان لا] هادي ڪونهي حساب
۵- اصغر عاشق ورتو آهي [ميان لا] روز ازل ڪئون رڪاب

ڪافي ۶

تله- موٽي آءُ محبوب ميان، توڪي ساھ ساري ٿو
۱- سامڻ ڪي بہ سميرم [ميان لا] ملواڇي مطلوب [ميان]
۲- مورنهون مورنہ وسرين [ميان لا] آرياڻي اصلوب [ميان]

٣- اداسڻ ڪئون [وو] وڇتي [ميان لا] محب ٿيا محجوب [ميان]
٤- سڄڻ سڪايل ڏي [ميان لا] مڪونا مڪتوب [ميان]
٥- آءُ بلوچا [وو] پنهورم [ميان لا] من گهريا مرغوب [ميان]
٦- اصَغر ليکي ورهه ٿيا [ميان لا] ڏينهن پيا محسوب [ميان]

ڪافي ٧

ٿلهه- ٻپ پرزا ڪيم ٻپ ڙي، پران ڪيئَن پار پنهل جي
١- ڪيڇي ڪاڇن تي ڪاله ويا [ميان لا] ٻيله چڙهيوسي ٻپ
٢- وندرورُنيائُونم ٿان، وسلي [ميان لا] چڪيَ ساڻ چپ
٣- چنو چوري جي چورتون [ميان لا] ڦبندي ڪين سا ڦپ
٤- نال نذرکي نيو سپرين [ميان لا] ٿڪي تي ڪيو ٿپ
٥- ٻک لنگهنديس اصَغر آئون [ميان لا] ٽڪرجا ٻڏي ٿپ

ڪافي ٨

ٿلهه- چمان چائٺ سان چپ ڙي [ووءِ ووءِ] وڃبي ڪيچ ڏٽين جي،
١- وينديس هوت حبيب ڏي [ميان لا] روهه لنگهي سپ رپ [ڙي]
٢- روهين رڙن رچ ٿا [ميان لا] سرڪا سوين ڪن سپِ [ڙي]

۳- ڏينديس ماه مرن کي [ميان لا] ڪوري ڪلهي سان ڪپ [ڙي]
۴- وينديس ويندس هڏ نه رهندس [ميان لا] ڊوهيون ڏيوچو ڊپ
۵- اصغر ويندي پرينءَ ڏي [ميان لا] ڏکا جهلن پيا ڏپ [ڙي]

ڪافي ۹

ٿله۔ توڙي ڏيو ڊپ ڙي، ونڌر وينديس مور نه رهنديس

۱- جانڪي جينديس ڙي چپر ۾ چوري [ميان لا]
چاڪئون چڏي ويڻ ڪري ويا چپ [ڙي]
۲- وهلو وجان وڻڪار ونڌر ڪان [ميان لا]
ڪاسڪ ۾ سرتيون پون ٿا گهپ [ڙي]
۳- دليان درتنهين دلبر جي ڪي [ميان لا]
دعا ڪريو تان چمان سان چپ [ڙي]
۴- نيزن نيڻن جي ڦت ڦٽيا [ميان لا]
ٿرندا ڪين سي ٽپ [ڙي]
۵- نينهان نثار ڪنديس ڪيچن تان [ميان لا]
سري سرتيون ڪيي ساڻ ڪپ [ڙي]

٦- ويندیس آءُ وٽڪار مور نه ورنديس [ميان لا]
لنگهنديس آءُ روه سپ رپ [ڙي]
٧- ڪرندي چاه نه ڪيتم زلفن کي [ميان لا]
هيم هٿڙا ته هواسي سپ [ڙي]
٨- اصغر عاشق جي دل دلبر [ميان لا]
نيڻ نيڻن سان چپي چپ [ڙي]

ڪافي نـ ١

ٿله- چران آءِ چنپ ڙي، وهايان ورلئه اديون
١- وچان اڏامي [وو] وٽڪار ڏي [لاميان]
هجنم جي هي هي ڪنپ [ڙي]
٢- پل نه پليو [وو] پٽ پايون پنهل کي [ميان لا]
ڏيو ڏکيءَ کي ٿيون ڏنپ [ڙي]
٣- ڏکوئن ٿا [وو] ڏيل کي [ميان لا]
محل ماڙيون ۽ ٿنپ [ڙي]
٤- پر پٽان [وو] پٽن جا [ميان لا]
روجهان ڪن ٿون رنپ [ڙي]

٥- اصغر آڪي [وو] سار نتي [ميان لا]
ساٿ ڪئي جڏ سنپ [ڙي]

ڪافي ١١

ٿلهه- رڙندي ساري رات، رُئندي رانول روز لنگهي ويا

١- سال وياسي من سڌ ڪندي [ميان لا] تن ۾ تنهنجي آهي تات
٢- سرهي سورن ۾ سرس آءُ [ميان لا] ڏک جي ڏنَو جا ڏات
٣- ڪوڪان ڪوڙين ڪافن ۾ [ميان لا] لکن ۾ لاتيان لات
٤- ڪيچي ڪرم ڪريو ڪٽي ڪٿيءَ تي [ميان لا] صفاتي ڪي ڪيو ذات
٥- روئندي اصغر عاشق ڪي ڪڏهين [ميان لا] صبر ڇيوُ نه وات

ڪافي ١٢

ٿلهه- توريءَ آهه سڪرات مونکي، منهنجا ڪاند ڪوهيارا

١- جالڻ تنهنجي [وو] جوشن سان [ميان لا] برهمڻ جي ڪا بات
٢- هن هيٽيءَ ڪي [وو] حب ۾ [ميان لا] کهي وڃ سان ڪات
٣- ٿهرڪري [وو] آئيا [ميان لا] جاني جوش جمات
٤- رس راحم [وو] روهه ۾ [ميان لا] وارث ڪج ورڪات

٥- سهسين آيا [وو] عاجز کي [ميان لا] ساجن سور سوغات،
٦- وار ولهي تي [وو] اصغر چئي [ميان لا] ڪوهيارل ڪرهات

ڪافي ١٣

ٿلهه- ڏويڙ کي ڪر نه ڏت [سائين] اٿس اصلئون اُڪند اوهانجي

١- وڪ نه واريندیس پوءِ تي [ميان لا]
پاريندي پرت جي پت [سائين]
٢- تر نه ترسي [وو] ترس ڪان [ميان لا]
هوت ڪرينس جي هٿ [سائين]
٣- پرمين ڪين پتار ريءَ [ميان لا]
پوري ڪهين نه پت [سائين]
٤- نيو يا چائي پنيور مان [ميان لا]
ڏيرو ڪريوس ڏت [سائين]
٥- عاشق اصلئون اصغر چئي [ميان لا]
مڃين ميڙ نه مت [سائين]

ڪافي ١٤

ٿلهه:- پنهل ساڻ پريت، لائي لڪين لڪ لنگهڻ پيا

١- چوري چڏي ويا چيرم [ميان لا] ڪيچن ڪيڙي ڪريت

٢- جوڙي وهنديس [وو] واٽن تي [ميان لا] محبن لاءِ مسيت

٣- عاشق اصغر وٽ ورهه جي [ميان لا] نئين نماڻا ڪا نيت

ڪافي ١٥

ٿلهه:- طلب تنهنجي تات، آهي اٿئي پهر اندرم

١- چمين چاتم [وو] چاهه ڪئون [ميان لا] سور ڏنو جو سوغات

٢- هوت اوهان [وو] هن هيٺئَ کي [ميان لا] ڏکن جي ڏنو ڏات

٣- لنگهڻ آيا [وو] لوٺئَ کي [ميان لا] لڪ لڪيون پاٽئون پات

٤- ڪپي ڪتر وو] ڪيو ڪٺئَ کي [ميان لا] ڪئي زوري ظالم ذات

٥- جهوريئَ جهوريو [وو] جيءُ جوڳڻ جو [ميان لا] روئي روئي ساري رات

٦- آهي اصغر [وو] عاشق کي [ميان لا] ووءِ ووءِ جي وائي وات

کافي ١٦

ٿلھ:- رھبر راتو رات اچن ٿا مونڊي عشق جا
تاڙي رھبر ڏينھان رات

١- جاءِ اسان جي اندرم جوڙ [ميان لا]
صه ويندي صفت ٿيندي ذات .

٢- اچڻ اسان جو روز ازل کئون [ميان لا]
ڏکه وارن لئہ آهي ڏات .

٣- نينه نياپو وو موکليو [ميان لا]
هي کنڌ کپيندو سان کات

٤- نفي کندو سان نگھ جي [ميان لا]
توکي مچائيندس تات

٥- نَارُ الله نينه نسورو [ميان لا]
سوکان دکائج لات

٦- لَا يُحِبُّ اللهُ الْجَهْرَ [ميان لا]
بتايا نه کا بات

٧۔ نينه وارن کي نينه نوازيون [ميان لا]
پاتيا پاتيا پات

٨۔ اصغر خسخانو هي خوديءَ جو [ميان لا]
عشق کي ساڙڻ هات

ڪافي ١٧

ٽله۔ ٽندي تي ٽنڙي [وو] پنهل پهچي کين سگهان ٿي
١۔ پيرين پيادي [وو] نه پڄان [ميان لا] الله لڳ جهل اٿ
٢۔ ڏونگر ڏاڍا [وو] هوندا ڏکيا [ميان لا] سورن جهڙي آهي سٽ
٣۔ رنجيا سُنجارِڻ [وو] روهه کي [ميان لا] برٻجهي ٿو بٽ
٤۔ سڪ جي سورکي [وو] اصغر جيئي [ميان لا] کوهه ڪندو سو ڪٽ

ڪافي ١٨

ٽله۔ چٽا يوم نه ڦٽ [ڙي] دلتي دلبر جون هِنِ نشانيون
١۔ چن سي چٽندا ڪينڪي [ميان لا] مرهم جي سان چٽ [ڙي]
٢۔ برڪي ڦٽن ۾ سو وجهو [ميان لا] ليڙن سندي لٽ [ڙي]
٣۔ اڳي ملڻ ڪئون جي مران [ميان لا] ڪٽي نيو تي ڪٽ [ڙي]

۴- ساجن سودي ۾ جي ملي [ميان لا] سرجي اٿم ست [ڙي]
۵- اصغر عاشق وو عشق ڪئون [ميان لا] گهورا گهمن گهٽ [ڙي]

ڪافي ۱۹

ٿلهه- وڏ شابش ڪئون اٿم ڦٽ [ڙي] مونکي پنهنجي چام پنهل جي
۱- ڪن نه ڪئي ڪنيز سان [ميان لا] سرتين جي ساٿ [ڙي]
۲- ٻاجهه ٻين جي ڪان افضل آهي [ميان لا] بلوچاڻي بٿ [ڙي]
۳- لنئو مون لڳي ڪيچين سان [ميان لا] هيس جيڏي ڳٽ [ڙي]
۴- سيد سجاڻان اصغر چئي [ميان لا] ڏينهن جي ٿم ڏٿ [ڙي]

ڪافي ۲۰

ٿلهه:- ڪري ڏمر ڏوٿ [ميان لا] هلي هتان مون ڪئون هوت ويا
۱- جيجان تن جتن لئه [ميان لا] ڳولي رهيس ڳوٺ
۲- ڪاهي ڪيچي وو آءُ تون [ميان لا] مَيَنِ ڪي ڏيندس موٺ
۳- ڪن نه ڪيچن ڪئي ڪا فهم [ميان لا] ڪيڙي چامون ڪوٺ
۴- ڪانگل ڏي ڪاٿهين ڪيچيءَ جي [ميان لا] وندر مئون آڻي ووٺ
۵- اصغر ڪنديس وو ڪينڪي [ميان لا] سڪ ۾ سرجي سوٺ

ڪافي ٢١

ٿلهه:- روهن جاهِنِ روٽ، دلبر درد وندي جي دل تي

١- مل اچي منهنجا پرين [ميان لا] گوليءَ سان ڇڏ گوٽ
٢- سنجهي هيس سڄاڳ آءٌ [ميان لا] اسر جو ڪياءُون اوٽ
٣- پير پنهل جا ٿيا پنڌ ۾ [ميان لا] ڏکن ۾ سڀ لوٽ
٤- وه وڳا سپ وو ويس ٿيا [ميان لا] سرڪوهي ڪيمر ڪوٽ
٥- اصغر عاشق کي عجيب [ميان لا] اچي هاڙهي مل هوت

ڪافي ٢٢

ٿلهه:- نماڻيءَ سان نيٺ، نباهج تون يار ننگيلا

١- ڏهاڳ ڏنوئي جنهن ڏينهن ڪئون [ميان لا] سيڪو ڏيئم توقيٺ
٢- هي جي ڦٽ فراق جا [ميان لا[ڇگيان ڪري چيٺ
٣- شوق وارن کي شابش ڪئون [ميان لا] هوتن وڌ آهيٺ
٤- جڳ ۾ ڪونهي ڪو جيڏيون [ميان لا] منهنجي محب جي ميٺ
٥- اصغر عاشق توکي عجيب اِهي [ميان لا] ننگي نه ڇڏيندا نيٺ

ڪافي ٢٣

ٿلهه:- هوت حبيب جاهت ، هوندا هيٺي تي هميشان
١- ڪڏ تون ڪاهج ڪيچ ڏٽين جي [ميان لا] ڪج ڙي ڪانڪاڪَٿ
٢- دستار وهن جا روح ربي جي [ميان لا] سنهنجا هِن ڪان رَٿَ
٣- قلب ڪٺيءَ جي ۾ هوت هٽي ديا [ميان لا] نينهه ناتي جي سانَٿَ
۴- عجز عاجزيون آري عجيب سان [ميان لا] ڪج تون ڪين آرَٿَ
۵- اصَغر چئي گڏج وڃي تون [ميان لا] منجهه سيّد جي سَٿَ

ڪافي ٢۴

ٿلهه:- هردم هوت هسج [سائين] ڏمر ڪج نه يار ڏکيءَ سان
١- پسي ڪوجها ووڪڙا [ميان لا] ننگي ڪين نسج [سائين]
٢- هادي هن هيٺيءَ ڪي [سائين لا] ويجهو ويرو سج [سائين]
٣- پرين پرنياڻي ڪي پنڌڙا [سائين لا] ڏونگر جاتهه ڏسج [سائين]
۴- بخش جا بخشو وو برهه جي [سائين لا] کُهيءَ ڪٿون نه ڪسج [سائين]
۵- بدو برن جا بچڙا [سائين لا] دلبر سپ دسج [سائين]
۶- آري عاصي وو اصَغر ڪي [سائين لا] روهن منجهه رسج [سائين]

ڪافي ٢٥

ٿلهه:- نال نذر ڪي نج وو نوري پنهنجونگ سيجاڻي

١- ساجن سڙي جي سورجي [ميان لا] ڪوهيارل ڪا ڪج
٢- هن هيٽي ڪي حَبَ ۾ [ميان لا] دوست دلا سوڏج
٣- ويندس آءُ وٽڪار ۾ [ميان لا] سرتيون اپري سج
٤- ٿرن ۾ ٿڪيءَ ڪي اصغر چيئي [ميان لا] وهلو واهر ٿج

ڪافي ٢٦

ٿلهه:- ڏکه ڏولا وا ڏاج، ڏونگر مونکي ڏولي ڏنائُون وو

١- نوح لکيا هوا اڳي اصلئُون [ميان لا] ڪوهه ڪميٽيءَ جا ڪاج
٢- سمند ڏنائُون سڪ جو [ميان لا] وجهي سورن جا ساج
٣- ويهان ورمان آءُ ڪيئن [ميان لا] هوتن ۾ اٿم هاج
٤- سيّد جي وو صحبت لئي [ميان لا] قضا ڪنديس نماز
٥- پيري پچنديس وو بر ۾ [ميان لا] زيور پانهيون عاج
٦- صدقو سيّد تون اصغر ڪر [ميان لا] تن طُولَانَا تاج

[illegible] شريف

كافي ٢٧

ٿلهہ:- ايندا اوڻي اڄ [اڙي] مونڊي منهنجي يار سڄڻ جو
١- ڪاهي ڪوهن ۾ ڪرم سان [ميان لا] ڪيچي ٿيندم ڪڄ [اڙي]
٢- ڪيو آهي ووڪينڪبي [ميان لا] روح روهن ڪئون رڄ [اڙي]
٣- ٻٽڪو ڪريان وو پرين لئہ [ميان لا] چائي پائي چيچ [اڙي]
٤- چو نہ چئو ٿيون سرتيون [ميان لا] پوري پنيوران پيچ [اڙي]
٥- اصغرچوي عشق ڪئون [ميان لا] پرت ٻنهل جي ۾ پيچ [اڙي]

كافي ٢٨

ٿلهہ:- ڪيچ نہ ڪيچي وڃ سائين ڇڏي چوري چپر ۾ [وو]
١- پنج ڪارات پنيور ۾ [ميان لا] منت مُنيءَ جي ميچ [سائين]
٢- ڪري ڪرم ڪنيءَ تي [ميان لا] پيرو پنيورُون نہ پيچ [سائين]
٣- ساعت ساعت وو سپرين [ميان لا] سورسئي ڏي نيچ [سائين]
٤- پيٺ پرت پئي وو اصغر چئي [ميان لا] اڳي ڪئون سُتي ٿيچ [سائين]

ڪافي ٢٩

ٿلهه:- ساجن سگهو اچ [وو] صاحب سائين سنگ سڄاڻي

١- عشق تہ آري تنهنجي [ميان لا] من مچايم مچ [وو صاحب]
٢- ننڌري جيڏيءَ ننڊ ۾ [ميان لا] ڪئي ڪوهيارل ڪچ [وو صاحب]
٣- هلنديس هوت حبيب ڏي [ميان لا] ٿيان هاڙهيءَ ۾ هيچ [وو صاحب]
٤- چڙهي ڏونگر چوٽين [ميان لا] نينه نوريءَ جي ڪان نچ [وو صاحب]
٥- ڪمر تہ ايندو وو اصغر چئي [ميان لا] سڪ ساجن جي ۾ سچ [وو صاحب]

ڪافي ٣٠

ٿلهه- ويندس آءٌ تائين ڪيچ، جهليو چوٽيون مونکي جيڏيون

١- زلفان ظالم جون نانگ نسورا [ميان لا] پيچي وجهي ويو پيچ
٢- جهلي رهنديس وو ڪينڪي [ميان لا] قصا ڪرن جي ڪيچ
٣- دل ڏکي ويو يار دکيءَ جي [ميان لا] رکي رمزن جي ريچ
٤- عقل وارو وو عشق وارن سان [ميان لا] پيچي ڪونہ ڪو پيچ
٥- اصغر عاشق عشق جا اشارا [ميان لا] سمجهن ڪي سرو يچ

ڪافي ۳۱

ٽلھ: مچايُ محبت مچ سائين ويٺين وچي ويروند رچو [وو]

۱۔ ٻانهي ٻروچ وڇڙي وئين [ميان لا] ڪيچي ڪري سو ڪچ [سائين]
۲۔ ڇنٽ جو نہ آچيگير جو [ميان لا] فراقن جو هي ڦچ [سائين]
۳۔ سترو چايو سڪ آھ [ميان لا] سهٽا سٽوهي سچ [سائين]
۴۔ ڪاهي رسج وو ڪاف ۾ [ميان لا] حب ۾ هيٺي ٿي هچ [سائين]
۵۔ اصغر عاشق وو عشق جي [ميان لا] پورن ۾ پيو پچ [سائين]

ڪافي ۳۲

ٽلھ:۔ امڙ اٿم اڄ، پچان تنهن پرينءَ جي [وو]

۱۔ چپر منجھ ڇپي ويا [ميان لا] ڪانڌ ڪڏي مان ڪڇ
۲۔ پيچي پيري وو بلوچ لئہ [ميان لا] رڙيون رويو رڇ
۳۔ هاري هوتن لئہ حب ۾ [ميان لا] ڳاڙي گوڙها ڇيڇ
۴۔ بيبيءَ ٿي بلوچ ڪئي [ميان لا] بيحد برھ جي ٻيڇ
۵۔ ڏنا نيزن وو نيڻن جي [ميان لا] قلب اندر ڪئي پيچ
۶۔ اٿس آري ري اصغر چئي [ميان لا] هي جڳ هو جڳ اڄ

ڪافي ٣٣

ٿلهه:- بديون پائيُ پاند، آيس در عجيب اوهانجي

١- زلفن تنهنجن [وو] دلڙيون [ميان لا] بره وارن جون ڪيون باند
٢- رحم ڪيو [وو] راضي ٿيو [ميان لا] هيڪر ڪيو هيڪاند
٣- حُب تنهنجي [وو] هورڪئُون [ميان لا] وڃان ٿي وٺواند
٤- پلپل پورن [وو] تنهنجن ڪان [ميان لا] وارنه آهي ڪاواند
٥- دست تنهنجي [وو] دامن پئُو [ميان لا] روحن جنه ڏينهن کي راند
٦- اصغر عاشق [وو] ڪئي درد ۾ [ميان لا] بلڪل بيحد ڪاند

ڪافي ٣٤

ٿلهه:- دلڙي لک ڪاغذ، تون پورن جو سو پار پنهل جي [وو]

١- نيئي سگهي نا وو نينه جو [ميان لا] ويندڙ وک ڪاغذ
٢- لِکَ لکان جي هن سور جي [ميان لا] سڙي سپ ڪاغذ
٣- منجهان تان ڪيچي قلم مس [ميان لا] لک لکان ڪاغذ
٤- واءِ صبا جا وچ تون وٺي [ميان لا] ڪيچي ڏي هي ڪاغذ
٥- پار وچاهن پانهيَ ڏي [ميان لا] مهرُون منج ڪاغذ

٦- اصغر عاشق تون تنهن ڏنهن [ميان لا] پرتئون پيولڪ ڪاغذ

ڪافي ٣٥

ٿله،- ڪيچي ڏج ڪاغذ، تون ڏري ڏرتي نوو نڌرجو
١- لکي سگهي تان سور سپ [ميان لا] سڙي تان ڪاغذ
٢- ڪيان واقف ڪيئن ورهه جو [ميان لا] قلم مس ڪاغذ
٣- رکندو ناهين هن حال جي [ميان لا] گنجايش ڪاغذ
٤- لکيم لکي هڪ سورجي [ميان لا] لعل ٿيوسو ڪاغذ
٥- اصغر ڪونهي ڪو عشق جي [ميان لا] دفتر ۾ ڪاغذ

ڪافي ٣٦

ٿله:- ڪرن ٿهر ڪلوڙ ڪيفي ڪجليون اکڙيون آريءَ جون
١- سيني ساهه شرير کي [ميان لا] ساڙيو ساڙن سور
٢- سمهڻ نا ڏين وو تنهنجا [ميان لا] پنهل پارس پور
٣- نيو نماڻي پاڻ سان [ميان لا] گهايو ساڻ جا گهور
٤- اصغر عاشق اوهانجو [ميان لا] آهي ملڪن ۾ مشهور

ڪافي ٣٧

ٿلهه:- هينئڙي ڏئيُ هور، وڃي ويٺو ياريگانو
ونڊر ويڙو يار يگانو هينئڙو ڏيئي هور

١- ڏسڻ سان ڏکئَ جي [ميان لا] دل ڪاڏو هو دور
٢- پرچي ڪين وو پريان ريءَ [ميان لا] آوڙيس نه اور
٣- هلي ڪو نه حبيب سان [ميان لا] زاري بنا زور
٤- نڌرڙي سان ننڊ ۾ [ميان لا] جيڏيون ڪيڙو جور
٥- ڏيرن ڪيڙو ڏکئَ سان [ميان لا] ڏاڏوڙي شر شور
٦- باغ باغيچا وو بنگلا [ميان لا] تو بنا ٿيا هن تور
٧- برن ۾ بيبي ٿي [ميان لا] فضل ڪريو فِي الفَوُرِ
٨- عاشق هن اصغر جو [ميان لا] ڪج غفار تون غور

ڪافي ٣٨

ٿلهه:- آري ويه اسور، پره جاڳي پير پڇايان [وو]
١- جاڳاييس نه جتن ڙي [ميان لا] سڙان انهيءَ سور
٢- هيڪلائيُ جو هن کي [ميان لا] ڏک ڏيئي ويا ڏور

٣- ويھڻ مون کي وھ ٿيو [ميان لا] دوست بنا دم دور
٤- جھٽڪو جھليو جي جيڏيون [ميان لا] موٽان آءُ نہ مور
٥- اصغر عاشق عشق کئون [ميان لا] ھوندا منجھ حضور

ڪافي ٣٩

ٿلھ :- پورھيت جي پچار، ڪانگا ھئي ڪا ڪيچين ۾

١- قاصد آئين [وو] ڪيچ ڏنھ [ميان لا] سلج سخن سچار
٢- کھندي وينديس [وو] قريب ڏي [ميان لا] ڪرھن جيَّ قطار
٣- سامڻ ڪيپي [وو] سمير ۾ [ميان لا] سولي ڪر ستار
٤- وجيڻ سر [وو] وٽڪار ۾ [ميان لا] ڪٿيان ساڻ ڪٿار
٥- ڪاڏھن پچان [وو] ڪرھن کي [ميان لا] مٿا ھن مٿار
٦- آرئي اسم [وو] الله جي [ميان لا] ڏوھڻ ڪئون ٿي نہ ڏار
٧- رلي روھن ۾ [وو] ھوت لئہ [ميان لا] ٿيس سويل نہ سار
٨- آھون ڪري [وو] عجز ڪئون [ميان لا] وڻن وٿيو ڏار
٩- ورلئہ واڻن تي [وو] اصغر چئي [ميان لا] ڪڏي پر لئہ پار

ڪافي ۴۰

ٿلهه:- پاندي ڪر پچار، پورهيت سان ڪا يار پنهل جي وو

۱:- خبر ڏيم ڪا خير جي [ميان لا] هوتن هئي ڪا سرتيءَ جي سار
۲:- اٿم آريءَ جي عشق جي [ميان لا] لئون لئون منجھ لغار
۳:- سنگهي ويندس اوءِ لڪڙا [ميان لا] هوتن لاءِ هزار
۴:- وڳا وڻنم [وو] ڪين ڪي [ميان لا] هوتن رڳي هي هار
۵:- پارج پنهنجا [وو] پورهيت سان [ميان لا] ڪامل قول قرار
۶:- ايندا اصغر پاڻهين [ميان لا] ساري سخن سچار

ڪافي ۴۱

ٿلهه:- ورڪج واهرور وو واري چوري تي تون يار چيڙم

۱- ناميا هن [وو] نڪار سان [ميان لا] ننگ نباهج نر [وو]
۲- آيا ڏير [وو] ڏکي جا [ميان لا] شوم گهٽي سان شر [وو]
۳- ڊ ڀچاري نا [وو] ڊچنديس [ميان لا] کهن ڪوهتا ڪر [وو]
۴- نيرو هايم [وو] نيڻن مئون [ميان لا] چلي تي ساچر [وو]
۵- سرتيون سينگيون [وو] سيئي [ميان لا] ڏين ڏونگر جا ڏر [وو]

٦- همت هادي [وو] هوت جي [ميان لا] ٽيلهي ويندس ٽر [وو]
٧- سڪاين کي هن سٽرا [ميان لا] باري هن جيڪي بر [وو]
٨- رسان رانول کي راهه [ميان لا] پيرين پائي پر [وو]
٩- آري جيم اچڻ جي [ميان لا] ڪانگا ڏينم ڪاڪر [وو]
١٠- وٽ نه ڪرڪا [وو] وارجي [ميان لا] عاشق سان اصغر [وو]

ڪافي ۴۲

ٿلهه:- پڙي پيڙم پور، سورن جا مون سان سهج ڪيا ٿئُون
١- ڏکي ڏسي ٿي ڏونگرتي [ميان لا] تَجَلٰي طرح طور سورن جا
٢- لڏ لڏ يائون لکن ڏي [ميان لا] سنجهي ڪارڻ سور سورن جا
٣- پهچي ڪين پريان سان [ميان لا] نڪي زورئون زور سورن جا
۴- دانهون ڪريٿي وو درد ڪئون [ميان لا] گهائي جاساڙ گهورسون رجا
۵- اصغر عاشق وو عشق جا [ميان لا] ڪامن ٿا منجهه ڪورسون رجا

ڪافي ۴۳

ٿلهه:- اندر منجهه اکير، سدا تنهنجي يار پيارا وو
١- ساڙيو سورن [وو] آهي سنجهه [ميان لا] ڏويڻ کي ڏئي دير

٢- لنگهنديس آئون [وو] لطف سان [ميان لا] سورن جي سير
٣- ڪڍهن اچي ٿي [وو] ڪانڪا [ميان لا] هوتن ڏنها هير
٤- طلب نه اٿس [وو] طعام جي [ميان لا] ڪٿا پائين ڦي ڪير
٥- فراقن جي [وو] فڪر ڪئون [ميان لا] نيڻئون وهايان ٿي نير
٦- چواڪا [وو] چشمن مان [ميان لا] هاري دامن گير
٧- پيئي منهنجي [وو] پيٽ ۾ [ميان لا] ستي سڪ سان سير
٨- جدائيِ ڪيا [وو] جوڳڻ ڪي [ميان لا] جان جگر ۾ چير
٩- نظر پنهنجي [وو] ناز جي [ميان لا] مهرئون ڪيو مهير
١٠- سهسين سامڻ ڪي [وو] سيني ۾ [ميان لا] چاڪ ٿيا ٿس چير
١١- سيد ڪر [وو] اصغر جي [ميان لا] والي واهر وير

ڪافي ٤٤

ٿله:- چشمن ڪيڙيس چور، چري ڪي چو چاڪ وجهو
١- سدا! سامڻ ڪي سڪ جو [ميان لا] ساڙيو وجي سور
٢- جهليو مون ڪي ناجيڏيون [ميان لا] ويندس آءُ ضرور
٣- دليئون ڪريو دعائون [ميان لا] ٿئيم نصيب حضور
٤- بيراڳڻ ڪي پيار جو [ميان لا] بره ٿيو ڀرپور
٥- طعنا ڏيوجي تهمتان مهڻن ۾ آءُ مسرور

٦۔ اصغر عاشق کي آري جو [ميان لا] من اندر مذکور

ڪافي ٤٦

ٿلھ۔ گولي سان گفتار، ڪريو ڪيچي قرب وارا
١۔ ميلو ڪر مشتاق سان [ميان لا] من گھر يا مختيار
٢۔ معاف ڪريو منھنجا پرين [ميان لا] پوريءَ تون پلڪار
٣۔ ڳالھ ڳالھائج ڪاڳڻ جي [ميان لا] ڪامل تون قربدار
٤۔ اصغر ھن وو عاشق سان [ميان لا] مشڪوڪي مھندار

ڪافي ٤٧

ٿلھ. ساجن تنھنجي سور، ڪٽي ساڙيو ساھ سڙي جو
١۔ گھايو ھن [وو] گھايل ڪي [ميان لا] گھوٽ تنھنجي گھور
٢۔ ويھڻ ڏين [وو] نہ وارڪو [ميان لا] پرت جا پرتيڪي پور
٣۔ ليئي مون [وو] لعلڻ جي [ميان لا] چشمن ڪيڙيس چور
٤۔ حُسن برابر [وو] ھوت جي [ميان لا] ھادي ڪانفي ڪاھور
٥۔ اصغر عاشق [وو] عشق ڪٺون [ميان لا] ڪامين ٿو منجھ ڪور

ڪافي ٤٨

ٿلهه:- ساجن توريءَ سور، چيئي سٽايان ڪنهنکي وو

١- ليو ليئي مون [وو] پاتئي جو [ميان لا] گهايم تهين سوگهور
٢- مهٽان ملامت [وو] ملڪ جا [ميان لا] ڪنيم اُتي نور
٣- ماچي ماچن [وو] نامن ۾ [ميان لا] پرين تنهنجا پور
٤- اصغر عاشق [وو] ڏسڻ سان [ميان لا] چري ٿيڙيس چور

ڪافي ٤٩

ٿلهه:- سورن منجهه سرير، ساڙيو آهي ساهه سڙي جو وو

١- لنگهن آهون [وو] اپن مئون [ميان لا] سئي جيئن مان حرير
٢- ور وڻي [وو] وات ٿيا [ميان لا] شهدي کان شرير
٣- مالڪ ٿيڙس [وو] سڪ کئون [ميان لا] سندي سڪ سرير
٤- ڏيرجي آيا [وو] ڏکي جا [ميان لا] ظالم هوڙا ضرير
٥- اصغر چئي [وو] چڏي ويا چير ۾ [ميان لا] ڪيچي ڀيئي ڪاڪرير

ڪافي نـ ۵۰

ٿلهه:- هاڙهُن وهايم هور، ڪنهنکي ڏيان دانهن دردجي

۱- درد وندي جي [وو] دل جو [ميان لا] چنيسر هو چور
۲- نيڻان ان هارتان [وو] چوڙان [ميان لا] مک تي نيائون مور
۳- ريب رلائيس [وو] جڳم [ميان لا] ڪر غفّار ڪو غور
۴- سودي سودا [وو] ٻه وڏو [ميان لا] شوق شروع ڪيو شور
۵- اصغر عاشق تي [وو] عشق جو [ميان لا] زورئون پيو آهي زور

ڪافي نـ ۵۱

ٿلهه:- ڳوڙهن سان پريو ڳاٽ، ڳهلي ڳليون ڳوٺ ڳولي ٿي [وو]

۱- پوک جا پوکي ٿي پرٽ جي [ميان لا] جوڙي ڏنائين هڪ جاٽ
۲- اچلي آيو وو اکين مئون [ميان لا] چيٺ ڪڪر جيئن چاٽ
۳- پرتيان پنهل لئه پريٽ [ميان لا] گهورون ڏيئي منجهه ڳهاٽ
۴- پير پساس وو اصغر چئي [ميان لا] مَيَّنِ جاسي مات

ڪافي ۵۲

ٿلهه:- سورن ساڻ نه ساڙ سهڻا سڪايل کي [وو]

۱- سٽي داڻهون [وو] درد جون [ميان لا] لالڻ ليڙ ولاڙ
۲- زور ڪري [وو] ضعيف سان [ميان لا] توڏن کي تون نه تاڙ
۳- نوري نيائونس [وو] نند ۾ [ميان لا] ڏوهڻ سان ڪري ڏاڙ
۴- ڪري برهمڻ [وو] برم ۾ [ميان لا] راڙن منٿي راڙ
۵- ڊوڙي ٿي [وو] ڊپن ۾ [ميان لا] ڊني ناسٽي ڊاڙ
۶- سخن سچارا [وو] اصغر چئي [ميان لا] پرتيائي پرين پاڙ

ڪافي ۵۳

ٿلهه:- جت ڪري ويم جاڙ، ڪنهنکي ڏيان دانهن ڏکن جي

۱- ٻچي باهه [وو] برهه جي [ميان لا] سڙي کي نه ساڙ
۲- ڏيئي ڏکيءَ کي [وو] ڏکڙا [ميان لا] پنهون پاڙ نه پاڙ
۳- وندر ويندس [وو] جيڏيون [ميان لا] پاروچن جي اٿم ٻاڙ
۴- سيني ۾ [وو] سڙيکي [ميان لا] ڦٿن جاهن ڦاڙ
۵- سورن جي [وو] سرير مئون [ميان لا] پت پنهل تئون پاڙ

۵- سورن جي [وو] سرير مٿون [ميان لا] پٽ پنهل ٿون پاڙ
۶- ساٿ سدا ٽس [وو] سنجهي ئي [ميان لا] اسُر ڏيئي اصغر آڙ

ڪافي ۵۴

ٿلهه:- مٺان ڪري موڙ، پڌم پهرين رات پنهل جا [وو]
پهرين ڏينهن پنهل جا [وو]

۱- وندر ۾ [وو] وٽڪار ۾ [ميان لا] وڏي ڏنم ووڙ
۲- سور سمرهن [وو] سج جا [ميان لا] تتيءَ کي ڪئون توڙ
۳- دعا ڪريو [وو] دل ڪئون [ميان لا] جانب سان ٿئيم جوڙ
۴- وڏا آهن [وو] اصغر جيئي [ميان لا] وده ۾ وڳوڙ

ڪافي ۵۵

ٿلهه:- جانب ڪيڙيءَ جاڙ، جڏي سان جيڏيون [وو]

۱- اسر ويڙم [وو] اوچتي [ميان لا] اپري ڏيان ٿي آڙ
۲- اندر هن [وو] اڪنڌي جي [ميان لا] فراقن ڪيا ڦاڙ
۳- هيٺي هن سان [وو] هوت تون [ميان لا] پاڙ نه پرين پاڙ
۴- ازلئون عاشق [وو] اصغر کي [ميان لا] ڀڳڙ جي آهي پاڙ

ڪافي ٥٦

ٿلهه:- جهاما ڏيئي جيئن جُهڙ [ساڻين]
تيئين رت روئن اکيون تولئي [وو]

١- روهه رنگيم روئي [وو] رت سان [ميان لا] ماڻ پريا ڪين مُڙ
٢- مرن پڌي [وو] مات ڪئي [ميان لا] لکن ۾ منهنجو لڙ
٣- ويڙ ڪڙاتو [وو] قريب جا [ميان لا] هن مٿا جيئن ڳڙ
٤- پانڌي ڏجان [وو] پوٽائن تي [ميان لا] ڍاڪون ڍڪي جيئن پڙ
٥- محبت جي [وو] ميدان ۾ [ميان لا] اصغر عاشق پيو گڙ

ڪافي ٥٧

ٿلهه:- وهه ٿيا سپ ويس، اديون مونکي پنهل پچاڙا [وو]

١- غم گاذر کي [وو] ڪوڙا ڪيا [ميان لا] دلبر بنا ديس
٢- چيري چيهاڙيون [وو] ڪيان [ميان لا] لعلڻ لاءِ لبيس
٣- جلايان [وو] جورن کي [ميان لا] ڪُهِ وجهان کي ڪيس
٤- ڏوڙ ڪيو [وو] تن ڏوهڻ سان [ميان لا] رات آيا جي رليس
٥- اصغر عاشق [وو] مات ڪئي [ميان لا] محبن ري سپ ميس

ڪافي ٥٨

ٿلهه:- وارڻ لاءِ ڪيهر وس ڙي وريو ڪين هوت
وندر ڪٿون

١- درياجي هوند [وو] ات تئون [ميان لا] جڳ ڏنا هوند
جَسَ
٢- جيتر ها هت [وو] هوت سو [ميان لا] رمزن جا هَنِ
رَسَ
٣- لنؤ لڳايم [وو] لڪڙا [ميان لا] لعلڻ لاءِ
سولَسَ
٤- ڪله هتئون [وو] ويو قافلو [ميان لا] ڏونگر ڏنا
ڏَسَ
٥- سر ڏجان سڪ [وو] ۾ اصغر چئي [ميان لا] گهوري اُتي
گَسَ

ڪافي ٥٩

ٿلهه:- هوتن لاءِ هميشه، روئنديس رڙيون
ڪيو

١- پيرن ۾ [وو] پاسن ۾ [ميان لا] روهن
وڌم ريش
٢- اندر اڏري جي [وو] اچو آءِ [ميان لا] نينهن نوان
ڪانيش
٣- ورهان وهسن [وو] تا ڏسو [ميان لا] تاب تڪيرا
تيش
٤- ڪوڙا ٿيڙم [وو] ڪانڌلئه [ميان لا] ڪڙم قبيلا
خويش
٥- عاشق آهن [وو] اصغر چئي [ميان لا] ديوانا
درويش

ڪافي نـ ٦٠

ٿلهه:- تو سر چيت لولاڪ [سائين] چانو نه لاهه چوريءَ تئون [وو]

١- پير پيادي [وو] ڏونگر ڏاڍا [ميان لا] عشق جو ڏي اولاڪ

٢- آري عشق جي [وو] آگ ڪئون [ميان لا] تا ڙا ڏيان تولاڪ

٣- ڪنيم [وو] جوڳڻ جان [ميان لا] غمن جا گولاڪ

٤- ساهه سرير ۾ آهي [وو] سرتيون [ميان لا] ڳڻن پريلاءِ گولاڪ

٥- نيرن تنهنجن [وو] تن ۾ [ميان لا] سهسين ڪيا سولاڪ

٦- لقب لنؤ ڪئون [وو] ٿيو لو ڪ ۾ [ميان لا] اصغر جو رولاڪ

ڪافي نـ ٦١

ٿلهه:- ڏيئي ڏکيءَ کي ڏک وو ياڪي وڃي يار ٿئين چـو

١- چوري چت کي [وو] چريو ڪئي [ميان لا] ٻچي برهه جي ٻک

٢- هادي هوت [وو] حبيب جي [ميان لا] جيءَ جسي آهي جک

٣- سر سياري جي [وو] سيءَ ڪئون [ميان لا] لعل لکن جي لک

٤- بيحد بيبي [وو] ٿي وتان [ميان لا] ساجن ساريو سُک

٥- نال نه نياڻن [وو] نذر کي [ميان لا] هيس هوتن جي نه نک

٦- اصغر چئي [وو] اندر ۾ [ميان لا] چست چيپي آءِ چڪ

ڪافي ٦٢

ٽله:- سڪ ري ساهيم نه سنگ [سائين] رولي مونکي روهين وئين چو
١- پارن پٻ ۾ [وو] پو کيا [ميان لا] لنگ ناڙي کياڻون ڳنگ
٢- پرڏي پوءِ [وو] چڏي وئين [ميان لا] آئين جڏهن هيس منگ
٣- نذر نينهن [وو] نهوڙيو [ميان لا] رنگڻ ڪئون اڳي رنگ
٤- پرزا پٻ جي [وو] پاهڙ کيا [ميان لا] پير پرن نه ڪئون لنگ

ڪافي ٦٣

ٽله:- ساهيم ناڪو سنگ [سائين] توسان آهي نياز نذر جو [وو]
١- ڪنديس باهه [وو] فراق جي [ميان لا] ڳوڙها ڳاڙي ڳنگ
٢- قادر وجهه [وو] ڪيچن جي [ميان لا] ليڙن ۾ لنگ
٣- ڀاڙن جي [وو] پنڌ ڪئون [ميان لا] عاجز ناٿيو ٿم لنگ
٤- سوال صاحب جي [وو] سرڪار ۾ [ميان لا] ماءِ مٿئَ ڪومگ
٥- اصغر عاشق سان [وو] عشق ۾ [ميان لا] راس رائج ڪورنگ

ڪافي ٦٤

ٿلھ:- هڪ هٿم ابتوانگ، ٻئو جتن ڏسو جاڙ جيڏي ڪئي [وو]

١- پيو ڪو نه [وو] پنهون ڪي [ميان لا] هن نذر جو ڪو ننگ

٢- جهليم نا [وو] ڪرهن ڪي [ميان لا] وارن وجهي ونگ

٣- هٽي هوت [وو] سوير ويو [ميان لا] ڏک جو ڏکيءَ کي ڏنگ

٤- ڏسي لاٿم [وو] نه ڏکڙا [ميان لا] رويت سند ورنگ

٥- اصغر چئي [وو] اسريا [ميان لا] توڏن تاڻي تنگ

ڪافي ٦٥

ٿلھ:- وسرين نا ڪنهن ويل، جڙون جڙيءُ جيءَ ۾ جاکون

١- سهڻا تنهنجي [وو] سڪ ڪئون [ميان لا] تتي وٽن نه تيل

٢- فائق فراقون [وو] تنهنجي [ميان لا] ٿتا ڪيم قليل

٣- مٺي هن [وو] مخمور کي [ميان لا] عشق ڪرائي اليل

٤- واهڙ واهي [وو] ورهه ڪئون [ميان لا] اکڙين مٿون سيل

٥- پرٽي تي تو [وو] پنهونءَ جي [ميان لا] پورن ڪئي آءِ پيل

٦- ڪان ڪري ٿي [وو] ڪاف ۾ [ميان لا] شوق اوهانجي ڪئون شيل

٧- سرڏين تا [وو] سڪ ڪئُون [ميان لا] اصغر عاشق طريل

ڪافي ٦٦

ٿله:- ڍولڻ ڏئي وئين ڏڍ، ٿهرڪميني سان ڪيڏو ڪيڙءِ

١- لوئي لوڏين جي لعلڻ تون [ميان لا] ڪين ڇڏيندس ڪيڏ

٢- ڪي تان ڪامل ڏيوها [ميان لا] ڏيل ڏکي جي ڪي ڏيڍ

٣- جتن جيڏي جاڙ ڪئي [ميان لا] وير هون چاڪي ويڍ

٤- سڪ صورت جي ڪئُون اصغر چئي [ميان لا] ودي ويندي ساوڍ

ڪافي ٦٧

ٿله:- هوم اميدن جوانڌ، جو ننگي پنهنجو ننگ نہ ڇڏيندا

١- جاءِ جتن جي [وو] آهي جڳ ۾ [ميان لا] هنيون هوتن جو آهنڊ

٢- ورھ ويڙهي [وو] ورتو آهي [ميان لا] سپ ڪنهن سنڌ ۾ سنڌ

٣- چنون چاڙهيو [وو] چانگي تي [ميان لا] ٻڌي ڏاڍو ٻنڌ

٤- پالڪي ڪئُون [وو] پيارو اٿم [ميان لا] پيرين پرينءَ ڏي پنڌ

٥- تڪيو توڪل جو [وو] جيڏيون [ميان لا] اٿم آسا ٻنڌ

٦- خالق جي [وو] خواهش ڪئُون [ميان لا] ڪيئن ڪڍي اصغر ڪنڌ

ڪافي ٦٨

ٿله:- سٽي سهڻا سڏ [وو] دهلو ورج ورمنهنجا [وو]
١- سڙي ساڙ نه [وو] نيوٽا [ميان لا] جيلان هيس نه هڏ
٢- وارث وڻان [وو] ويچاري [ميان لا] گولي نئين گڏ
٣- وساري [وو] ولهي ڪي [ميان لا] ڪوجو پيڙئي ڪڏ
٤- اصغر عشق [وو] اصلئون [ميان لا] ڏکيو آهي ڏڏ

ڪافي ٦٩

ٿله:- پلاڪر ڪو پال، پري اڄ پاڻ پوري جي [وو]
١- رلي تي راضي ٿيو [ميان لا] ڪيچي لاهيو ڪال
٢- ٿيو آهي سورن ڪئون [ميان لا] ولهي سرسو پال
٣- فرقت ڪئون فقير ڪي [ميان لا] جيڏيون جئين جنجال
٤- عاشق اصغر ٿيو تڏهن [ميان لا] ڀڳڙ هو جڏهين پال

ڪافي ٧٠

ٿله- جروهايان ڦي جال، آري آءُ تان عشق تنهنجي ڪئون

۱- مل اچي وو محتاج سان [ميان لا] پلا ڪري پال
۲- ڪيچي ڪنهن سان [وو] نه ڪئي [ميان لا] اچي ڪئي سان ڪئي جلجال
۳- جان جگر [وو] جيرا جليا [ميان لا] سورن ۾ سهڻا سال
۴- ملندين محب [وو] مجالسي [ميان لا] شوق وارن سان شال
۵- ڏکي لاھ تون [وو] ڏکڙا [ميان لا] هوت ڏسي هي حال
۶- اصغر عاشق ڏي [وو] آءُ تون [ميان لا] ليلهائي تولئي لال

ڪافي ۱۲

ٿلھ:- عشق ڪيس آئون عليل، سا ٿيم سهڻا سور سورن جي [وو]
۱- چوري ڪي ۾ [وو] چڏاءِ تون [ميان لا] جوراڻي ڪئون جليل
۲- بيھ بلوچ [وو] پنيور ۾ [ميان لا] ڪيچي قدر قليل
۳- ساٿي سمجهي [وو] ساجن جا [ميان لا] دانهن ڪي ڪيو دليل
۴- باھ برھ جي آ [وو] باغ مٺون [ميان لا] خاوند مثل خليل
۵- ڪرنه ڪيچي [وو] يرڪاف ۾ [ميان لا] ضايع ڪي ذليل
۶- آسر ڏيو [وو] اصغر ڪي [ميان لا] آرياڻي اصيل

ڪافي ٧٢

تله:- درد وندي لئه هِنِ دام زلفان پيچي چام پنهل جون[وو]
١- نال نماڻي کي نيو[ميان لا] سرور پنهنجي ساسام
٢- پياري ويو پريت جا[ميان لا] جانب جيڏيون جام
٣- ڪاراڪيس قريب جا[ميان لا] جهڙ جاڏين جهام
۴- ليئا پائي ٿي لڪن ۾ [ميان لا] چڙهي اصغر بام

ڪافي ٧٣

تله- ڪرڪو ڪرم ڪريم، ڪنئَ سان تون ڪيچي ڪوهيارا[وو]
١- درد وندئَ کي ڏيو[وو] دارون ڪو[ميان لا] فرق سو فهيم
٢- ڪرڪو پيرو[وو] پنيور ۾ [ميان لا] منجهان رحم رحِيمُ
٣- جن جدا ڪيو[وو] جوڳڻ کي [ميان لا] جلن منجهه جَحِيمُ
۴- ماڻن سان نه[وو] مارتون[ميان لا] سهڻا کي هن سقيم
٦- وڏو پاڳو ڏيو[وو] رحم جو[ميان لا] آصغر عاصي عظيم

ڪافي ٤ـ

ٿله :- نيڻون نيرنيون ٿيون، هارن سهسين هوت پنهل لئهٔ [وو]

١- دردا ور جي [وو] دوست لئي [ميان لا] رڙي روهه ڪري ڪيه ڪيون

٢- ڪڻي ڪري ٿي [وو] ڪانڌ لئي [ميان لا] رڙي روهه رئيون

٣- پڙي پرتياڻي جي [ميان لا] پنيون پڙ پيئيون

٤- وڃي ويري [وو] وڻڪار ڏي [ميان لا] هي هي هوت هيون

٥- ڏيئي ڏوراپا [وو] ڏيرن کي [ميان لا] ڪاڻي هٿ ڪيون

٦- اصغر عاشق [وو] اصلئون [ميان لا] سَرِ ٿين سِرَ ڏيون

ڪافي ٥ـ

ٿله :- وهندو شال ورن، جي مونکئون منهنجا ڏورويا لا [وو]

١- اچڻ لاءِ [وو] عجيب جي [ميان لا] ڏوران اکڙيون ڦرن

٢- ٻاڪارون پي [وو] ٻڌي ڪري [ميان لا] ڏونگر ٿاڙي ڏرن

٣- قول ڪڻي جا [وو] سني سرتيون [ميان لا] پرين ساڻ پرن

٤- سچ محبت جا [وو] من ۾ [ميان لا] ڀڳڻ ٿا ٻرن

٥- ويندي آءُ [وو] وڻڪار ڏي [ميان لا] ٿڪيس منجهه ٿرن

۶- آب وهائي [وو] عين جو [ميان لا] تُنين منجهه ترن
۷- اصغر عاشق [وو] اصلئون [ميان لا] ڳايو ڳڻ ڳرن

ڪافي ۷۶

ٿلهه:- سُنهُ ڏين جي ساڪون، نه آهيان ٻانهي تنهنجي ٻاروچا [وو]
۱- مٺيو منهن مجيب ڇوتو [ميان لا] ڇوري ڪئون سوچا ڪئون
۲- ٻاري لڳ بخشج تون [ميان لا] مٺيون ٿيون جي ماڪون
۳- شجر ٻوڪيئي جوشوق جو [ميان لا] ڇانگ نه تنهن شاخون
۴- اصغر هن عشق جي [ميان لا] مس بره ڪيون باڪون

ڪافي ۷۷

ٿلهه:- فراقن ڪئي ٿاڪون [ڙي] دلبر دلڙي ديواني جي [وو]
۱- آري ناهه [وو] آرام ڪو [ميان لا] جدا ٿئين تون جاڪئون
۲- سور منجهايو [وو] سُڄ ۾ [ميان لا] تستي ڪي تاڪئون
۳- ڪُهن ڪوڙن ٿا [وو] ڪنئيَ ڪي [ميان لا] ڇشمن جاسي ڇاڪون
۴- هيٺي هن ڪي [وو] حب ۾ [ميان لا] ڇڏيئي يار ڇاڪون
۵- ظالم تنهنجي [وو] ظلم ڪئون [ميان لا] هاڙي پيون هاڪون

٦- محبن جي[وو] ميلاپ سان[ميان لا] ڏک ڪندا ويا ڏاڪون
٧- پڙ پرين پيا [وو] پرتي ڪي [ميان لا] سورن جاسي ڏاڪون
٨- برهمڻ [وو] بيسبي وتي [ميان لا] اصغر اصل لاڪون

ڪافي ٧٨

تلھ:- آسائتي آهيان، جوايڊو آري، اَگڻ ڪتيءَ جي [وو]

١- محبت مستاني ڪيڙس [ميان لا] تاه نڪو بيٿ تاهيان
٢- چڏيو سرتيون هن چوريءَ کي [ميان لا] ڪيڏ ڪيچين جي ڪاهيان
٣- سر وڃي جي سرتيون [ميان لا] لالچ تان نه لاهيان
٤- پاڻهي آهيان پروچ جي [ميان لا] سگ نه ڪو ساهيان
٥- سڪن سوين ٿيون سيد لئي [ميان لا] چوري آءُ چاهيان
٦- اصغر عاشق چيئي عشق ۾ [ميان لا] مست مدامي ماهيان

ڪافي ٧٩

تلھ:- سورن ساڻ سڙيون [ڙي سڙيون] وچي ساھ سڙيءَ جو

١- درد وندن جون دلڙيون [ميان لا] ڪيچين سان ڪڙيون [ڙي ڪڙيون]
٢- اکيون اُڪنڊي جون [ميان لا] آري سان اڙيون ڙي [اڙيون]

٣- ميخان محبت جون سرتيون [ميان لا] جتن سان جڙيون [ري جڙيون]
٤- ڏکي ڏيئي ووڏونگرم [ميان لا] پاروچن لئي ٻڙيون [ڙي ٻڙيون]
٥- ليا پايان ٿي لعل لئي [ميان لا] لکن تان لڙيون [ڙي لڙيون]
٦- اصغر عاشق ناموتندو [ميان لا] جڏن توڙي تڙيون [ڙي تڙيون]

ڪافي نـ ٨٠

ٿله:- پرين ڏيکارج پاڻ، سکندي کي تون سياڻا [وو]
١:- پلا پالئون [وو] پانهنجي [ميان لا] ڏوڙ وڏيارج ڏاڻ
٢:- ويندي وندر ڏي [وو] سپرين [ميان لا] سڙي نيارج ساڻ
٣:- اصغر عاشق کي [وو] سپرين [ميان لا] ٻئو نه مارج پاڻ

ڪافي نـ ٨١

ٿله:- ڀڳڙ هٽي پاڻ، وڃي پاڪي يار ٿئين چو [وو]
١- ورنهه ويروساءِ تون [ميان لا] پوري هن جو پاڻ
٢- سڙي هن سکندي کي [ميان لا] صاحب نين ها ساڻ
٣- سکايل کي سيّد جيئَ [ميان لا] ڏي ڏاتر تون ڏاڻ
٤- کين چڏيندو چورئَ کي [ميان لا] حاتم هي ٿي جاڻ

۵- اصغر هن عاشق کي [ميان لا] پسائج تون پاڻ

ڪافي ۸۲

ٽله:- ڪوڙين آءُ ڪاٽيون ٿي ڪڍان، ڪيچن لاءِ ڪنين جون
سيد لاءِ ساٿن جون پنهل لاءِ پانڌين جون، جانب لاءِ جيڏين جون سهڻي لاءِ سرتين جون

۱- پيرين پانڌين کي پوان [لا وو] دوجامڻ سيئي جاٽيون [ٿي]
۲- ڪيا نتل جون سوکيرن لئي [ميان لا] ڏي تو جو آٽيون [ٿي]
۳- منٿان مادر جون موٽڻ لئي [ميان لا] پوريءَ ناپاٽيون [ٿي]
۴- ساڱتان وسرن نا ساهه ڪٿون [ميان لا] محب سان هم ماٽيون [ٿي]
۵- جدا جانب ڪٿون جيڏيون [ميان لا] گهڙيون هن گهاٽيون [ٿي]
۶- اصغر عاشق سو عشق ڪٿون [ميان لا] توڙ وچين تاٽيون [ٿي]

ڪافي ۸۳

ٽله:- ڏکن سان نه ڏهو [ڙي ڏهو] ڪاڪيون هن ڪنيءَ کي [وو]

۱- روڪيو مون کي [وو] نا راهه ڪٿون [ميان لا] رليون ائين رهو [ڙي رهو]
۲- سڪ سيّد جي [وو] هجي جن کي [ميان لا] سي تا سور سهو [ڙي سهو]
۳- وڃو ورتيون [وو] آئين وري [ميان لا] گهليون ڪوهٽيون گهو [ڙي گهو]

۴- سور سچڻ جي ڪئون [وو] سرتيون [ميان لا] پيم پٽ ڀهو [ڙي ڀهو]
۵- ڪانه هلي [وو] ڪا سڪ ريءَ [ميان لا] وري آئين سپُ هو [ڙيُ هو]
۶- اصغر عاشق [وو] سڪاين سان [ميان لا] ڏوتيون ٻنڌن هو [ڙيُ هو]

ڪافي ۸۴

ٿله:- ساجن آهه ساڙيو، سرتيون منهنجو ساهه سورن سان [وو]
۱- لنگهيا وڃن ٿا لڪڙا [ميان لا] توڏن کي تاڙيو [ڙي]
۲- ڪاهيون نين ٿا ڪرها [ميان لا] لڪن تئون لاڙيو [ڙي]
۳- رت روان ٿي روهن [ميان لا] گلبن تئون ڳاڙيو [ڙي]
۴- قدم ڪيچن جي ڪرهن جا [ميان لا] ڏسان ٿي آڙيو [ڙي]
۵- پانڻ سان پروچ ني [ميان لا] قول نه هڪ پاڙيو [ڙي]
۶- ڪرهو ڪيچي جو اصغر جيئي [ميان لا] ڪرن نيو ڪاڙيو [ڙي]

ڪافي ۸۵

ٿله:- ڪرهو نين ڪاهيو ڙي پهچان ڪيئن پيرين پنهل کي
۱- ڪڏهن ڪئي تنهن ڪانڌ سان [ميان لا] سڱ سڙي نه ساهيو [ڙي]
۲- هڪلي هوت نه شل هيٺي کي [ميان لا] لوڪ وچي چا لاهيو [ڙي]

٣- پياري آهيان پنهل کي [ميان لا] تاه اوهين نه تاهيو [ڙي]
٤- هلو پٽي هوند هوت جي [ميان لا] نينهن نيون پرناهيو [ڙي]
٥- روئي رڙي اصغر جيئي [ميان لا] ورهان هنجهڙيون واهيو [ڙي]

ڪافي ٨٦

ٿله:- محب حقيقي ماه، مونج مولي لڳ هن مئي ٿي

١- پانڌي پهچ [وو] پنهونءَ ڏي [ميان لا] لڪ لنگهج ڏيو لاه
٢- وڪ وڌائج [وو] [ميان لا] ڪج قاصد تون ڪاه
٣- اچي نڌر کي [وو] ننڊ ۾ [ميان لا] ڏکن ڏني آهي ڏاه
٤- ناحق [وو] بيبيءَ تي [ميان لا] پنڌن ٽٽو ليو تاه
٥- ڪميني کي [وو] ڪاٿهين [ميان لا] ور ري ڪانهي واه
٦- ڏني آهي [وو] ڏکي جي [ميان لا] سڄڻ ساه کي ساه
٧- مولا مارج [وو] تن کي [ميان لا] ڪر ڪرن جي ڪاه
٨- مور نه ورنديس [وو] ورريءَ [ميان لا] رڪ روڪن چاراه
٩- ڏيو مبارڪ [وو] سرتيون [ميان لا] شوق بخشيو ٿم شاه
١٠- بلڪل آءٌ [وو] پنيور ۾ [ميان لا] آري لڳ الله
١١- اوران ڪنديس [وو] عجيب سان [ميان لا] ڳالهين جا ڪري ڳاه

۱۲- اجھو اصغر [وو] عاشق جو ٿيو [ميان لا] هادي آهي هر گاھ

ڪافي ۸۷

ٿلهه:- فراق ڪيو فناءِ، وارو ڪر ڪو يار وصل جو
ويرو ورڻ جو، مٺا محب ملڻ جو، آري جام اچڻ جو

۱- آهون ڪيان ٿي عجز ڪئُون [ميان لا] ڪوڪ ته ڪاڪن لاءِ
۲- طمع تو ۾ ٿم تنهنجي [ميان لا] جاني اچ هن جاءِ
۳- منهن مبارڪ پانهنجو [ميان لا] لائق ڪي مَ لڪاءِ
۴- تتي هن ڪئُون نه طاق ڏي [ميان لا] سڪندي ڪي نه سڪاءِ
۵- صبر سيڏو سڪ ڪئُون [ميان لا] جيءُ ناهيم جاءِ
۶- غم ڪنج غمگين جا [ميان لا] ناميانان ءِ خداءِ
۷- راضي ٿيءَ رلي تي [ميان لا] پلا پاڻ پلاءِ
۸- اصغر آڪرن پهرين [ميان لا] فنا ڪيا سپ فداءِ

ڪافي ۸۸

ٿلهه:- عشق آزاريس آءُ، ناهيو ورديو ورھ ا ويڙي

۱- لطف لعلڻ جو تن تي [ميان لا] ٿينهن جو جن تي نانءُ

٢- پرور پانهنجي پريت جو [ميان لا] ٽڪيءَ کي ڏج ٽانءُ
٣- گولي هن جي ڪڍهين [ميان لا] ڪنڌي لَنوَنڌُو ڪانءُ
٤- ووءِ ووءِ ريءُ سرتيون [ميان لا] ڏکيءَ آيو نه ڏانءُ
٥- هردم هوتن جي حب ڪئُون [ميان لا] هِرڪيي ٽومِهيانءُ
٦- رمزن نيهي اصغر نيو [ميان لا] ڪنهن سان پيس نه پانءُ

ڪافي ٨٩

ٿلهه:- ٿئين فراق فناءِ، رليا مون کي ڪوهه روليو ٿي [وو]

١- جيءُ جدا ڪيو جانب ڪئُون [ميان لا] باري وصال بناءِ
ٿڪيا مون کي ڪوهه ٿوليو ٿي
٢- ورند وواءُ وصال جو [ميان لا] برٿيندُ سو بناءِ
ڏوليا مون کي ڪوهه ڏوليو ٿي
٣- سهسين سڪايل سنسار ۾ [ميان لا] ڪين ٿهين ڏي ڪناءِ
ڪِيئَن ڳوٺن مٿون مون کي ڳوليو ٿي
٤- اصغر چيئي عشق ڪئُون [ميان لا] مونسان محب مناءِ
چيڙ ۾ مون کي ڪوهه چوليو ٿي

ڪافي نـ ۹۰

ٿلهه- چانگي تي چاڙهي [ڙي اديون] منهنجو هوت ونئي ويا

۱- ڪيچن ڪيچي [لنو] ڪيچ نيو [ميان لا] ڪنئيَ ڪي ڪاڙهي ڙي

۲- ڳايان ڳالهيون [وو] ڳُڻن جون [ميان لا] ڳيت ۾ ڳاڙهي ڙي

۳- وينديس وهنديس [وو] ڪين ڪيي [ميان لا] هوتن لئہ هاڙهي ڙي

۴- سبق سورن جا [وو] اصغر جيئي [ميان لا] پنهل ويو پاڙهي ڙي

ڪافي نـ ۹۱

ٿلهه- ڪُهين عاشق ڪينءَ، ناحق هيئن ناجڳائيُ

۱- ظلم ضعيفن سان نہ ڪجي [ميان لا] حاڪم هيڏن سان هيئن

۲- ڪنڌي ڪنيزڪ سپرين [ميان لا] جاني چوندين جيئن

۳- ساندِيان سور سرير۾ [ميان لا] سامين سيني سيئن

۴- موت نہ مارين ٻي ڏانءُ [ميان لا] ڪٿي ڪهين ڪيئن

۵- اصغر عاشق کي سپرين [ميان لا] ڪلي گڏجو سان ڪيئن

ڪافي ٩٢

ٿلهہ:- ڏارين لڳ ڏٽي، ڏکج ڪين يار ڍول تون [وو]

١- ڪھ ڪنيزڪ ناڪيچي سان [ميان لا] هوت هيري جي ڪٽي
٢- مٽ نہ پائيان مشڪ ڪي [ميان لا] پنهل تنهنجي پيٽي
٣- پنهنجو پنهل هن هيڏيءَ ڪي [ميان لا] تن لائُج سان تٽي
٤- اُڪليا قٽ اندر جا [ميان لا] سان اکين جيءَ آٽي
٥- اصَغر عاشق سان مل تون [ميان لا] نہ تہ پوندو سوگهٽي

ڪافي ٩٣

ٿلهہ:- ڏمر سان نہ ڏهج ڙي ڏاڍيا ڏکي هن ڏ ڏي ڪي [وو]

١- قاصد چيُج قريب ڪي [ميان لا] رات ڪاهڪ رهج [ڙي]
٢- خبر هن ڪاٽي جي [ميان لا] لکن منجھ لهج [ڙي]
٣- قصَا ڪُئيءَ جي قرب جا [ميان لا] ڪيچي سان ڪهج [ڙي]
٤- ويندي وندرو ٽڪار ڏي [ميان لا] پيئي سور سهج [ڙي]
٥- پانڌي پرٿيءَ جي حال جي [ميان لا] پرين ڪان پڇج [ڙي]
٦- عاشق ينهنجي اصَغر سان [ميان لا] منٿڙي ٿاھ ٿهج [ڙي]

ڪافي ٩٤

ٿله،- پرين پنڌ پري ڙي اديون پيرين آءُ نه پڄان ٿي
١- پلڪ پريان ريءَ پرئي جي [ميان لا] ساهيڙيون نه سري [ڙي]
٢- واڪن منهنجن جي وڪر ڪئون [ميان لا] ڏونگر ٿوم ڏري [ڙي]
٣- اچڻ لاءِ عجيب جي [ميان لا] ڏورئون اک ڦري [ڙي]
٤- تيهون نڪتيس هيڪلي [ميان لا] ڪاڏ وڪيچ ڪري [ڙي]
٥- سڏڙا ڪريان ٿي سڪ مان [ميان لا] واڪي مان وري [ڙي]
٦- اصغر آهون ٿو ڪري [ميان لا] اکيون آب ڀري [ڙي]

ڪافي ٩٥

ٿله،- ڳڻ پرياڪي ڳالهاءِ، سڙي ڪي چو ساڙ ڏئين ٿو
١- مهرون هن مسڪين تي [ميان لا] پلا پاڻ پلاءِ [ڙي]
٢- راضي ٿي رلي تي [ميان لا] جوشن ۾ نه جلاءِ [ڙي]
٣- داغ جدائيءَ جا [ميان لا] محب مڙئي مان لاءِ [ڙي]
٤- ٻانهي ٻانهوٿي تنهنجي [ميان لا] ٻانهي ٿي نالاءِ [ڙي]
٥- اصغر عاشق پانهنجي [ميان لا] پاڇي يار پالاءِ [ڙي]

کافي ۹٦

ٿله:- تنهنجي آهي تانگه، سهڻا سدا ساه منهنجي ۾ [دو]
۱- وِندر ويندیس ناورنديس [ميان لا] سَچي کنديس سانگ
۲- وڻ ورهه جوير پوکيو [ميان لا] چنو کج نه چانگ
۳- سرتيون چوچٽُو برهه رئيَ [ميان لا] سيڪا آهي پانگ

کافي ۹۷

ٿله:- گهوري مون گهوري ڙي اديون پاڻ نه چاتو پرينءَ تان [دو]
۱- جدائيءَ جو جوش ٿو [ميان لا] چري کي چوري [ڙي]
۲- سٽي سڌ سقيم جا [ميان لا] آري آءُ اوري [ڙي]
۳- من وڌو مامري [ميان لا] هوتاڻن هوري [ڙي]

کافي ۹۸

ٿله:- کٿيءَ جي کوڪار، کوهيارل کن نه کئي کا [دو]
۱- چپر ۾ چوري ڏي [ميان لا] ڪيچي کوهيارا چوکار
۲- دل نه ڍلائيءَ ڏوهڻ جي [ميان لا] پيٿن جي پوکار

۳- ڪَنِ نہ ڪانن ۾ ڪيچي ڪئي [ميان لا] پرٿي جي پوڪار
۴- پوندي ويئي پهاڙ ۾ [ميان لا] ڏوهڻ جي ڏوڪار
۵- اصغر عاشق کي ڪرتون [ميان لا] ڦٽن تي ڦوڪار

ڪافي نم ۹۹

ٿلهه:- رانول گذري رين ڏکي، ڏونگر ڏادي ڏکي جبي [وو]
۱- ڪانهي ڪيچين ري ڪاڪيون [ميان لا] چري کي سک چين
[illegible]- وهلو واهر ڪر ويرتون [ميان لا] سٽي سامڻ جي سين
۳- چمان شال چپن سان [ميان لا] ننگي جبي نعلين
۴- آهون اصغر عاشق جون [ميان لا] سڻ تون سيّد ثقلين

ڪافي نم ۱۰۰

ٿلهه:- سڀ ڪنهن ساعت سار، آهي مون کي يار اوهان جي
۱- پرين پلپل پاندين ڪئون [ميان لا] پڇان تنهنجا پار
۲- نوري وهايان نيرٿي [ميان لا] نيٽان نير جا نار
[illegible]- جوشئون جهاڳيان جبلڙا [ميان لا] جاني منجهان جار
۴- لعل لهج تون لکن ۾ [ميان لا] چڪي هن جي چار

۵- وِس وڳا سڀ وهه ٿيا [ميان لا] هوت هستي هي هار
۶- اصغرؔ عاشق عشق ڪئُون [ميان لا] هنجهون هاري هزار

ڪافي ۱۰۱

ٿلهه:- پرين سوبي پرواهه، چشمن جنهن سان چاهه رکئُو آهه [وو]
۱- ڏکي چيڏيائُون ڏوبڻ کي [ميان لا] سوگهو ڪري ساهه
۲- ڏاڍا ڏوري ڏينهن ويا [ميان لا] نفي ڪيائُون نه ٿاهه
۳- چگِتيان ڪري هوند چانگن جو [ميان لا] پِرتي ميڙؤن پاهه
۴- گوڏو ٻڌي گورن جو [ميان لا] گولي ڪندي گاهه
۵- آهي اصلئُون انجو [ميان لا] ڏکيو اصغرؔ ڏاهه

ڪافي ۱۰۲

ٿلهه:- حسن تنهنجي حبيب موهيو مونکي سائين منهنجا [وو]
۱- سڀ پرسهڻن کي سيبائجين تو [ميان لا] لائق يار لبيب
۲- صدقي سيد تئُون سيڻ سڳا ڪُل [ميان لا] ڪنئُي جاجي قريب
۳- درد دفع ڪرو دليان دکي جي [ميان لا] نگهه ساڻ نجيب
۴- رلائَن ٿاهن رليءَ کي |ميان لا| روهن منجھ رقيب

۵- ڏکہ ڏولاوا ڏاڍا ڏونگر [ميان لا] نڌر جا ها نصيب
۶- عشق جي آزار کي کوه ڪريندا [ميان لا] طِبّان ڪن جي طبيب
۷- لاهج لعلڻ درد دل جو [ميان لا] اصغر جو تون عجيب

ڪافي ۱۰۳

ٿلهہ:- جابره جي وڏي ٻٽ [ميان پنهل ساءِ] حال تهين هئي ڪين هوندو

۱- ڀڳڙ ڀڪي ڪاٻاجهہ جي [ميان لا] پچل ڏنه ڪاپٽِ
۲- لنگهي نٿي ووآءُ سگهان [ميان لا] لکن سندي لٽ
۳- پنبڙن جي پاڏيءَ ڪئون [ميان لا] گهير نہ اچي هٿ گهٽ
۴- پيئي پرٿيءَ ڪان جاپرين [ميان لا] مندائي ساسپ مٿ
۱۲۶۲ھ
۵- آزي اصغر هي ڪئي [ميان لا] سن ٻارهن سوٻاهٺ

ڪافي ۱۰۴

ٿلهہ:- سهڻا نينهن نندرسان نہ پنج ڪري ڪرم کوهيار اپرين پاڪ پيارا
۱- چوري يار چڏي چپرم [سهڻا ساءِ] وندر ڏي نہ وج
۲- رهہ اسان وٽ رات ڪا [سهڻا] منت منهنجي ڪاميج

٣- عشق اندر ۾ محبت من ۾ [سهٽا] وڏيم مادر ٿنج
٤- اصغر چوي عشقون [سهٽا] سور سڪين ڏي نه سنج

ڪافي ١٠٥

ٿله:- ٿي گم ٿيڻ ڪئون گم وو پوءِ آهين سلطان اُتم
١- دور ڪرتون دوئي دل مئون، دير ڪرنا دم
٢- ٿي فنا الفناء ۾ فاني، غير جو رک نا غم
٣- رنگن ۾ اٿي فرق فراقي، رنگن ڪئون ڪرم
٤- اِذَا تَمَّ الفَقرُ فَهُوَاللهُ، اُتي هَمُ ناقُمُ
٥- جدا جيري آهين جانب ڪئون، ڪسي ڪڻ قدم
٦- عاشق ٿي تون اصل انجو، جنهن کي ابو نه اُمُّ
٧- وَهُوَ مَعَكُمْ قول ڪيم جو، اَيْنَمَا كُنْتُمْ
٨- اصغر عاشق پنڌ پري نٿي، وَفِي اَنْفُسِكُمْ

ڪافي ١٠٦

ٿله:- جدا جانب ڪئون جيڏيون، ڏکي ڏونگر ڏوريا
١- ڏري ڏونگر ويا [وو] وحي ڏسو [ميان لا] جهوري منهنجي من جهوريا

۲- سورن ساجن جي
سرتيون [ميان لا] چاڪ چڪيءَ جا چوريا
۳- پٽ پپ جي
[وو] پيڙا پيڙا [ميان لا] بيراڳڻ جاهن پوريا
۴- هٿ گوڏا ءِ
[وو] پيڙا [ميان لا] ڪوهڪنيءَ جا ڪوريا
۵- پير پيغمبر
[وو] اولياءَ [ميان لا] ساجن لاءِ مون لڪ سوريا
۶- درد هوم جي
[وو] دل جا [ميان لا] آري سان نه مون ورريا
۷- دو جڳ دانهه
[وو] دلبرتان [ميان لا] گهوريءَ سي هن گهوريا

ڪافي ۱۰۷

ٿلهه:- بار وڃي ڊي آءُ اُيس، جال هجن جي جت جوءِ م
۱- ڪٿوريءَ ڪئون خوش سا [ميان لا] گس گهيرن جي گس
۲- ماري مون کي مادر ٿي [ميان لا] اچي ان ٿي نه اس
۳- اصغر عشق جي آ اصلئون [ميان لا] حب وارن سان هس

ڪافي ۱۰۸

ٿلهه:- درسن تنهنجي کيس ديواني، ورنهَ آءُ وري هن ديس م
۱- هيٺي جي طبع ٿي حيواني، دلجاءِ ته جمعيت ٿيس
۲- قاصد کهج وتي هي بيگاني، نينهن ٿهين سان نباهي نيس

۳- سڪ تنهنجيءَ ڪٺُون ٿيس سيلاني، سُڃاڻا سيڪنهن ويس
۴- هوت اوهان لئه ٿيم حيراني، پانڌي پرينءَ کي چڳيان وُچي چيس
۵- اصغر عاشق کي آهه ويراني، ريءَ ديدار جي چوُ وڃي ڪيس

ڪافي ۱۰۹

ٿلهه:- اندر ۾ اٿم آس، هيڪر هوت ڏسان آءُ
۱:- چڙيئي چوري چيڙين [سائين الا] بندي مون ڪا آئيُ باس
۲:- ٻن وڏو مون ٻين کي [سائين الا] تن ۾ آهه تنهنجي تاس
۳: وڃن اجايا عمر جا [سائين الا] هي هي توريءَ ڪٽان ساس
۴:- عشق وارن کي اصلئون [سائين الا] ايهي وٽڻ واس
۵:- ورن ورهان ڪينڪي [سائين الا] جي ٿي مرون ڪائُن ماس
۶:- اصغر هن عشق جي [سائين الا] ايهي ياور لاهج پاس

ڪافي ۱۱۰

ٿلهه:- لطف تنهنجو لطيف، سدا مون کي گهر جي سائين
۱- آءُ آزارڻ تي [وو] نانءَ الله جي [وو ميان] آري يار عطيف
۲- حيلا هزارين ڪيا [وو] ڪاڻ ملڻ جي [وو ميان] ڪيچي هن ڪسيف

۳- هيڪر هيڏي ڪي[وو] پاڻ پسايو[وو ميان] نوري يار نظيف
۴- طلب تنهنجي[وو] آهي تن ۾ [وو ميان] بکي ناهيان رغيف
۵- رڻ وارن ۾[وو] رکج رانول [وو ميان] شرم شاهه نجيف
۶- ازل ابد ڪئون[وو] آهين آري[وو ميان] ضامن هن ضعيف
۷- اصغر عاشق چئي[وو] اڃي اجاريو[وو ميان] نظرسان هي نحيف

ڪافي ۱۱۱

ٿلهه:- شور مچايو شوق جانب تنهنجي منهنجي من ۾
۱- مربا ماڪيون مصريون متايون، زهر ڪيا تنهنجي ذوق
۲- سهسين سالڪ سرمد جهڙا، چٽ تو ڪيئي چوڪ
۳- چئن طرفن توکي ڏسان ٿي، چا تحت چا فوق

ڪافي ۱۱۲

ٿلهه:- حجت ڪئي آ هلاڪ، گهڙو هي گوري
۱- توبه ڪيم تهين ڪئون، اوچو جو اخلاق
۲- رهي رهيا ڪين هن رلي وت، هي هي هڪ ڪلاڪ
۳- چست چاڙهيائون تنهن چانگي تي، چوڪو هو جو چالاڪ

۴- پرين منهنجو پڌرو پدمن ۾، چٽ مٿس لولاڪ !
۵- گهڻو گهوريائين گهوران گهوٽ تنؤن اصغر سڀ املاڪ

ڪافي ۱۱۳

ٿلهه:- ٿني فراقن جي مان آهيان هڪ، ناهيرا وهين ڙي ٿنيس آءُ هڪ
۱:- ڪيچن ڪمينيءَ کي نه نيائون، وڇلي وڃڻ جي ڪيائون لڪ
۲:- پچاڻان پرين جي پرتيائون، نيڻين وهايان نينهن جي نڪ
۳:- چڏي ويا چيرم جيڪي، چوري کي آءِ تنين جي چڪ
۴- ڪيچي قطار قطاري ويڙا، ڏير ڏيو جبل جي پڪ
۵- ڏالي ڏکه جي ڏيئي ويا ڏکي کي، ڏوبڻ سان ڪي ڪيچن جا ڏڪ
۶- وچوڙي جي ورهه ڪٺؤن جيڏيون، روهه روئي ڪيو چري هن چڪ
۷- اصغر عاشق کي آءِ اندر ۾، سدا سهڻي سيّد جي سڪ

ڪافي ۱۱۴

ٿلهه:- يار رسو چوٿا ماڪٺؤن [وو] آءُ تان آهيان اصل اوهان جي
۱- ڏمر ڪيونا [وو] ڏکيءَ سان [ميان لا] برهه ڪنيون جي مس باکون
۲- پاڙيو پور هيت سان [وو] پانهنجا [ميان لا] سُنه ڪنيو جي ساکون

۳- رڻ ورهه جو [وو] پوڪي پرين [ميان لا] چانگ نه تنهنجون شاخون
۴- اصغر چوي [وو] عشق ڪئون [ميان لا] چنيو چوري چاڪون

ڪافي ۱۱۵

ٿلهه:- يار نباهج ياري، ويچاري سان ورتون
۱- چيڙ چڏ نه [وو] چوري [ميان لا] محبت تنهنجي ماري!
۲- سڏ سمير ۾ [وو] سهسين ڪيڙام [ميان لا] ڪوڪ ٽئي من ڪاري
۳- بيراڳڻ جي [وو] پاٽ پلائي [ميان لا] تون اچج الله لڳ آري
۴- ڪڙم قبيلي [وو] ڪوڙي ٽيڙس [ميان لا] شال هجان پرين پياري
۵- وير دلهي ڪئون [وو] يار چنين ٿي [ميان لا] پرت پنهل تونه ياري
۶- اصغر عاشق کي [وو] وير وجهي وئين [ميان لا] گل ڳڻ جي ڳاري

ڪافي ۱۱۶

ٿلهه:- ٻ ٻانهن جي آهيان ٻانهي يار تنهنجي ناوَ جي
۱- ساه سوگهو ڪيو صورت تنهنجي دلڙي سيرت ساني
۲- ريَءَ سپاه جي سهڻا سائين، ڏيه ڪيو سڀ ڏاني
۳- چناچن چنڊ جا ناهن، گهورن ڪياجي گهاني

۴۔ اصغر ڪونہ ڏٺو آهي ڪاٿي، تنهنجو ڪو ثاني

ڪافي ۱۱۷

ٿلهه: هت اسانجا هي حال، توکي پنهنجا سانگ سيباڻا
۱۔ روئي رنگيديس رت سان، لک مڙيئي لعل
۲۔ ڏٽ ڏٽارن چيڙيو مارن ڪاهيا مال
۳۔ گهورون گهوريان گهوٽ تان، گهوريان مڏيون مال
۴۔ اصغر چوي انهن لاءِ، جر وهايم جال

ڪافي ۱۱۸

ٿلهه: يار وڃي جو ٻاڻ، لڳو آهي جان جگر ۾
۱۔ ويهان ڪيئن پنيور ۾ ولهوهي وٺاڻ
پايان سرتيون سڄ شهر ۾
۲۔ چڙهنديس ڏادين ڏونگرين پرزا ڪنديس پاڻ
ڏوري ڏسنديس يار ڏونگر ۾
۳۔ ويهان ڪيئن مات ڪري ايڏن سورن ساڻ
وڙي لهنديس ورمان وندر ۾

۴- اصغر چئي آريءَ جو ٻنڌڻ لاکون پانڌاڻ
رهندو قبر ۽ حشر ۾

ڪافي نـ ۱۱۹

ٿلهه:- گهوري مون سر گهوري، پاڻ نه ڄاتم پنهل تان

۱- اٺ ته چاريندين ان جا [وو ميان] لاتڪرتي ٻه ٽوري [سي ٽوري]
۲- ويو ٻارو چو نکري [ميان لا] چاڪ مئي جا چوري [سي چوري]
۳- ڏيندين ماس مرن کي [ميان لا] ڪنڌ ڪلهن تان ڪوري [سي ڪوري]
۴- عشق وارن لاءِ اصغر چوي [ميان لا] ڏونگر ٿيو ڏوري [سي ڏوري]

ڪافي نـ ۱۲۰

ٿلهه:- جهنگ جبل ۾ جاليان، توريءَ خان ٻاروچا

۱- مرون مارين ٿا مئي کي، بيحد ڪن بي حاليان
۲- هي حقيقت حال منهنجي جي، ڪنهن سان ڪريان ڳالهيان
۳- اصغر عاشق عشق وارن جون، آهن اکڙيان آليان

ڪافي ۱۲۱

ٿلهه:- عشق ڪيس اظهار، نه ته لڪيو ٿيس لوڪ ۾

۱- اَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ، ايهو ڪيم اختيار
۲- نينهن جي نار ۾ صاف سڙي ٿيءُ، عقل ڇڏ انڪار
۳- سورن سوڏي مون صفا ڪيو، پرکي ڪيائون اعتبار
۴- وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ وارو سڀڪنهن سواسرار
۵- پاڻ پرين آهي سڀڪنهن صورت، اصغر ڪيو اقرار

ڪافي ۱۲۲

ٿلهه:- ورنهه آءُ تون وير، اڳڻ آسائتي جي

۱- ڏج دلاسو يار ملڻ جو، دلبر ڪي دلگير
۲- لڳ لقاء جي لائق تنهنجي، پوڇي ٻيٺيس پير
۳- ڪري ڪانن ۾ ڪوڪان ڪنيزڪ، پرين ڪَرِسي پذير
۴- سڪ ساماڻي ساهه سڙيءَ جي، سهڻا هيس آئون صغير
۵- هو ڏهيٺي سان ڪجي نه ڪيچي، نقل ڇڏ نظير
۶- ڪيچي ڪر هو ڪاهي آءُ تون، مون نماڻيءَ تي مير

۷- اچڻ اوهان جو فضل الاهي، فضل ڪريو ساڻ فقير
۸- ذٰالِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَّشَاءُ قول ڪيو تو قدير
۹- اصغر عاشق چوي عشق ۾ اوهان جي نيڻين وهايان ٿي نير

ڪافي ۱۲۳

ٿلهه- سهمن ساڻ نه ساڙ، ساه سڙيءَ جو ساجن تون
۱- ليلهائيَ ٿي لعل لڪن تي، ليڙا تنهن ڏي تون لاڙ
۲- قول جي ڪيڙءِ هن ڪني سان، پنهل پارس پنهنجا پاڙ
۳- سنجهي ويڙا ساٿ سنيائيُ، گهٽ تني جا تون گهاڙ
۴- مِهرَ ڪريو ڪيچي قريب، ڏوهڻ سان ٿي نه ڏاڙ
۶- ڪرم ڪر ڪميٽي تي اچي جانب جيءُ جبار
۷- اصغر عاشق جو عرض اهوئيَ، مالڪ ٿي منهنجي ماڙ

ڪافي ۱۲۴

ٿلهه- ڪاٿئون ڳولي لهان، جو هينئڙي منهنجي هوت سنيا ليو
۱- ازل ما انسان ائين ڪيو، ڪنهن ڪي ڏوه ڏيان
۲- هي حقيقت حال جي، ڪنهن، ساندايون هوندا اوريان

٣۔ اصغر عاشق چوي عشق جا، ويٺي سور سهان

ڪافي ١٢٥

ٿلهہ۔ ساجن توکي ساري، ٻئ نيڻ وهايان نيون

١۔ رس مَ رسڻ گهوريو، ماڻن سان ٿو مارين
غصي سان گهور ڏيون

٢۔ منٿڙيون ڳاڙهيون ڪين وسرن، ٻانهون ڳل ڏيئي
توجي مانسان ڪيون

٣۔ اصغر عاشق چوي عشق مان، پيون سپ واهون ويون
ڪين سگهان ٿي چيون

ڪافي ١٢٦

ٿلهہ۔ جنهنجي آهيان آءُ گهوري، ڏوري شال ڏسان تنهن کي

١۔ اندر منهنجي ۾ روز ازل کان، حب مچائي ساهوري

٢۔ مِلڻ ري مون کي محب مِٺي جي، او ڪائڻ آهي ساگوري

٣۔ دل ديواني جي وٺي جو ويڙو، ظالم ڪري سوزوري

٤۔ چاڪئون ويڙو ڪيچي ڪوهيارو، ڇڏي چپر منجھ چوري

۵- آهي تحقيق سهڻي سائين جي، جان جُسي جيءُ کي جهوري
۶- وندر ۾ وڏڪار هاڙهي هَبَ ۾، گهورن تنهنجن آهيان گهوري
۷- اَصغر عاشق کي بيحد ڏاڍي، لالڻ ويو لائي ٻوري

ڪافي ۱۲۷

تله: جيءُ منهنجي کي آجهوري، تنهنجي پسڻ جي سو پيارا
۱- پرم پوريءَ جو رکج رانول، ڇپر ۾ نه ڇڏ ڇوري
۲- هن هيڻي ڪُون ويسلي وَيڙو، ڇنون ڪري سو ڇوري
۳- زورئون زورِ هن ضعيف سان، ظالم ويا ڪري زوري
۴- جو شَئون جبل ۾ جانب جت لاءِ، پيرا ڏئي ٿي ساپوري
۵- اصغر چوي ڪامَ ڇپئي ڪان کي، گهوري آ تنهن تئون سو گهوري

ڪافي ۱۲۸

تله- سوگهو ڪري ساه، ڏکيو ڪيُو چو يارَ ڏکي کي
۱- صورت سهڻي کي ڏسي، تالان ٿيو سِرُ ساه
۲- ڪڻ نه کهي تئون خان تون، چشمن جو سرچاه
۳- پرين تنهنجي پريت جي، پورن ڪيڙو پاهُ

۴- رحم وجهيءُ ڪو روح ۾، عاجزِ ڪاڻِ اللهُ
۵- لَهان ڪين لُڙڪ ڪنئُون، روهن جو آءُ راهُ
۶- آهي اصغر اصلئُون، ڏکيو تنهنجو ڏاهُ

ڪافي ۱۲۹

ٿلهه، پاند ڳچيءَ ڳل پايان، جي هيڪر، پرچن ڏير ڏکي جا
۱- پرين پرچي مون ڳِهراچي، روئي هوند راهيان
۲- ميندي هن ملير جي، لال ٻنگن کي لايان
۳- ونگيان هوند وارن سان، ڏاگها هوند ڏايان
۴- اصغر چوي عشق وارن سان، ڪهڙو سينو ساهيان

ڪافي ۱۳۰

ٿلهه، عشقَ وڇيءَ شل ڪو حال، رُليا ناحق روليو ٿئي
۱- ڪو نه ڏٺو هيءُ ڀيو جڳ ۾، مون ڪو لٽيو تنهنجو مال، جي ڳوٺن ۾ ڳوليو ٿئي
۲- هن سر منهنجي جو قيامت تائين، لهندُي ڪو نه ٻنبال، ٿُڪيا ناحق ٿوليو ٿئي
۳- ساهه منهنجي کي اصغر چئي، پيڙي ڪيو ٿئي پيمال، سَنڌ سَنڌ ڪري ڦوليو ٿئي

ڪافي ١٣١

ٿله: مرڻ منهنجو وسِ نه پنهنجي، حيف جيئڻ هئي حياتي

١- مرڻ متابعت عين شهادت، پٽيان پرين جي مان پوندسِ، توڙي ڏينِ سِر ڪاتي!

٢- ڪوڙئين هجن ڪچ ڪولاوا، لوچي لڪيون وڃي لهندس، اهو سفر آهي صفاتي

٣- اصغر چوي عشق وارن کان، ڇنو روح قدر پيو ٿئي، روئڻ آيو ڏينهن راتي

ڪافي ١٣٢

ٿله: ايئين نه پانيم يار، مون کان تون ڪو مُنهنڙو مَٽيندين

١- لوڙ لڪن تي لوڻيءَ جي، ڪرم ڪجانءُ ڪو هيار، لطفئون منهنجو لوڙهه لٽيندين

٢- رُس مَ راٺا رُسڻ ڳوريءُ، سونهن پريا سردار، دلبر پنهنجي دست ڪٺيندين

٣- درد وندي‌ءَ جي دل تي، آهن هول هزار، تون ڪو ڦورو ٽڳ ڦٽيندين!

٤- اصغر صدقو ساعت تان، ساهه ڪريان سوار، جنهن ۾ محب موٽي ايندين

ڪافي ١٣٣

ٿله: سامهون ڳالهه سُڻاءِ، جنهن تان ڪري وئين جانب جدائي

١- پاڻئُون لاتئي پريتڙي، لعل ڪچاڙي لاءِ، تو آ ويهي دير جلائي

۲۔ ڳجھيون ڳرھيندسِ ڳالھيون، جانب پنھنجي جاءِ، توسان سَلنديس سورَ سيائي
۳۔ ٻانھي آھيان اصغر جي، خان پنھل تنھنجي لاءِ، مون آھي جڳ ۾ جيئُ سَڏائي

ڪافي ۱۳۴

تلھ۔ ڪيئن پليان پنھنجو پاڻ، آيل منھنجي ڪانہ سَري ٿي
۱۔ بتُ چڏي ويا بر ۾، ساھ وٺيون ويا ساڻ
۲۔ ڪيئن ويھان پيور ۾، ايڏن سورن ساڻ
۳۔ اصغر چوي عشق مان، لڳو ٻارو چو ٻاڻُ

ڪافي ۱۳۵

تلھ: ڪنيس آئُ ڪاڪل، ڪاڪيون ڪيچ ڏٿي جي
۱۔ خم زلفان جي ۾ سوين سھسين، ڦاٿيون ڊليون جاڦل
۲۔ زلفان زابر زور ظلمن جون، پيز ڪن پڙيل
۳۔ آڙم آتش عشق جي جا، قلب ٻرن ٿاڪل
۴۔ منھن ڏٺي محبوب جي، ھو رٿيم حاصل

٥- وَتي ويڳاڻي جا وِرهه اوهان جي ڪان، وير ڪريو واصل

٦- سِڪاين ڪي هن اندرِ ، حب هوتن جا هل

٧- اصغر عاشق ڏين ڏکيا ٿا ، ڪني ڪڪڙ جان ٻُل

ڪافي ١٣٦

تلهه:- ڪونهي جيڏيون مُئيءَ جو ڪوس، هاڙهي منهنجو هوت وٺي ويا

١- ڪيڏ ته ڪاهيندسِ تن ڪيچن جي، وٺي ته گورن جو گس

٢- انگ اصل ڪئون اڳ ته لکيو هو، ناهي ڪامينڻ جي مس

٣- ڏير ڏکيءَ کي ڏک ته ڏئي ويا، هُئڙن اڳي جو اکس

٤- اصغر عاشق جي عشق جو ، ڪونه پَئُنِ ڪو ترس

ڪافي ١٣٧

تلهه: ويا ته ڪهي سان قربن، تن ڏاڍن سان منهنجي دلڙي اڙي وئي

١- الفي پائي آئون جوڳياڻي ٿيندسِ، سر سانول تان گهوري ڏونگر ڏوربندس
هي هنڌ ڏيئي هن.

٢- ريءَ صحبتَ ساعتَ هڪُ سال ڪري ٿي پانيان، ننڌ رنماڻي ابتر آئون ته انهن جي آهيان
ٻُتُ ته بيراڳي ڪوجن.

۳- اڳ ته انهن سان جاءِ حجت جي ناهي، اصغر جهڙئي ان سان ٻول ٻانهپ جو آهي
مهرَ پوندنِ ڪامون من۔

ڪافي ۱۳۷

ٿلهه:- آر نه لاهج آري، هن نماڻي توُن سپرين

۱- سائين ڇڏي وئين ڇوري ڇپر ۾، ڪان هٽي ڪو ڪاري

۲- هادي حمايت هن هيڻي سان، ٻرن ۾ ڪج باري

۳- رانول تنهنجي روج روئڻ ڪئون، واهه وسايان ٿي واڙي

۴- آهون سُٽي آءُ تون اوري، هادی سائين هڪواري

۵- اصغر چوي هن عاجز سان، يار نڀاهج ياري

ڪافي ۱۳۸

ٿله:- ڏسي جانبُ اکيون ٺريون، اڄ آسائي جون
۱- جنين جوڏ نڙو دل جو دلبند، چوڙيو ٿيون آڙهي چريون
۲- حال هيٺي جو ڏسي ڏک کان، پيا ٿي ڏونگر ڏريون
۳- اڄ گڏيو اهو دلبر، پورن ڪيون ٿي پريون
۴- اصغر چوي عشق ۾، گهڙيون توري نه سريون

ڪافي ۱۳۹

ٿله:- هر دم تنهنجي ساهولي، اٿم هادي هنيانءَ ۾
۱- پنهل تنهنجي پريت ڪئون، گس گهمي ٿي گولي
۲- حب حبيبن جي سرتيون، روهن ۾ آهيان رولي
۳- ڏونگر ۾ هن ڏکي سان، صاحب ڪر ڪاسولي
۴- پرين پسڻ لئه اوهانجي، ڳوٺن ۾ آهيان ڳولي
۵- اصل عاشقن جي اصغر چئي، ٿلي تڪرسان تولي

ڪافي نـ ١٤٠

ٿلهه: ڪونهي ڪو منهنجو وس، منهنجو هوت وٺي ويا
١- ڏير ڏکي کي ڏک جو ڏئي ويا، هين ڪو آڪ اڪس
٢- ڪڏ ڪا هينديس تن ڪيچن جبي، وٺي گورن گس
٣- انگ ازل ڪئون اڳ جو لکيو هو، ناهي ميٽڻ جبي مس
٤- اصغر چوي حال منهنجي جو، پرينِ ڪو پوي ترس

ڪافي نـ ١٤١

ٿلهه: جوشن جلائيءَ، دلبر ڏي دلداري دل ڪيي
١- مِل تون محب ڪڏهن ته مُنٿي سان، پالئون ڪر پلائيءَ
٢- ظاهر ڪرڻ نه هُيُئي جائز پاٽيون، سوزن ڳالهه سٽائيءَ
٣- سڪ ته تنهنجي سهٽا سائين، رَئيِ وارن سان رلائيءَ
٤- طاقت پنڌ جي هئي نه هيٺي ڪي، هيترو حب هلائيءَ
٥- وِک جي وُسعت هڏ نه هئي ڪا، چاهه ڏاڍي سو چلائيءَ
٦- اصغر عاشق جي سو اندر مان، محبت ميٺي مَلائيءَ

سرپهاڙي

ڪافي ۱

ٿلهه:- نماڻي سان ڪڏهين ملندا
نماڻيءَ سان، اياڻيءَ سان، ويڳاڻيءَ سان جوڳياڻيءَ سان

۱- جوڙيم جان ۾ جاءِ جانب جي
آهيان آسائتي اڱڻ ٿلندا

۲- ٿين بخت ڀوري حبا باري
ڏسان هادي هتي هلندا

۳- ايندي يار عجيب جي سرتيون
سوز سريرؤن سڀي لڏيندا

۴- ڪتان آءُ ياڪتن پرين مون ڪي
ساري سڪ جيءَ جي ڊاري ڊلندا

۵- ڪميڻيءَ سان ڪرمؤن ڪيچي
سڀ ڪنهن ساعت ڪليو ڪلندا

٦- نشي نينهن جي سان پرين آيا
گهر گهوري جي اصغر گهلندا

ڪافي ٢

ٿلهه :- ويڳاڻي ويجهو وسندا، ويڳاڻي سان وسيو وسندا
١- ڏکيو ڏکي جو ڏيل ڏيو ميان، هوت هيٺي سان هسيو هسندا
٢- جوشن جان جڏي جي ڪئون جيڏيون، مرون ميرن جا نسيو نسندا
٣- ٻڌي ٻاڪارون ٻانهي جون ٻهڳڻ، روهين راهه ۾ رسيو رسندا
٤- اٿم اميد اندر ۾ اهائي، نيڻ ننگي ڪي پسيو پسندا
٥- ويتر ويندي اصغر عاشق، پيو پهاڙي جي گسيو گسندا

ڪافي ٣

ٿلهه :- سٽي سڏڙا ورنهه ورندا، واڪي ولهي جي ورنهه ورندا
١- قالو بلىٰ وارا قول ڪني سان، پرين پنهل جا جيڏيون پرندا
٢- اِنَّ اللهَ لَا يُخْلِفُ الْمِيعَادَ، ڍولڻ بيشڪ مون تي ڍرندا
٣- هل منهنجي ڪئون حيرت پيڙا، پکي پٽ جا سيئي پرندا
٤- سٽي داهون درد جون، ڏسي ڏکڙا ڏونگر ڏرندا

٥- ماڻن سان نہ مار مُٺي کي، ڏيئي ارلانبا ڀهڳڙ ٻرندا
٦- ماڻن محب محبوب کي سيئي، مرڻا اڳي جيڪي مرندا
٧- ڏسي تنهن عجيب آري کي، نيڻ نماڻي جا بيحد ٽرندا
٨- رک رقيب روازي ريذالا، گنڍ گولي پسيو ڳرندا
٩- بحر برہ جي ۾ اصغر عاشق، تنهن ۾ طالب کي ترندا

ڪافي ٤

ٿلهہ:- وَهُوَ مَعَكُمْ، اِيْنَمَا كُنْتُمْ
پول پائڻ جوينج تون پورا سمجھ کي وَفِيْٓ اَنْفُسِكُمْ

١- اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَاَنَا سِرُّهٗ، ڇڏ لباس اجهو همر تم
٢- وَنَحْنُ وارو پار پڇائج، هادي هردم توسان همد م
٣- هابيلُ قابيل جاوا آدم کئون، آدم کي کو آبُ نہ اُمُّ
٤- ڪري ظهور تو هرجاءِ هرهنڌ، ڪڏهين جدا هوئي ڪڏهين ٿي جَمَّ
٥- اصغر اکبر پاڻ چاڻ تون هڪڙو، سمجهي سچائي چپن سان چُمُّ

ڪافي ۵

ٿله:- وهلو ورتون شاه شاهان، سگهو آءُ تون

١- نينهن منجهارُون نت ٿي نهاريان، راتو ڏينهان تنهنجون راهان

٢- بند بره کيون هن هيٺيءَ جون، ورنه توري سپ واهان

٣- لنگهي ويندي يون ستن اپن مٿون، درد وندي جون داجون داهان

٤- ڪجان ڪن ڪاڻ قادر جي، اصغر عاشق جون آهان

ڪافي ٦

ٿله:- اور پنهل جي ڪنهن سان اوريان

جوشن ڪئُون جند جان ڙي جيڏيون جبل تئون ٿي پاڙ گهوريان

١- سورن جي اج سوز ڪئُون سرتيون، ڪنڌ ڪلهن تئون ڏوريان

٢- بلوچن جي سواري بُغدَنِ تي، ڪيڏ تن جي ڪيئن سوهلان [illegible]

٣- ڏکائٽ ڏيرن جي ڪئُون پوءِ آءُ ڏکي ٿي ڏونگر ڏوريان

٤- هيڪر هوتن کي جي ڏسان آءُ اصغر عاشق آءُ سيڪهي گهوريان

ڪافي ۷

ٿلهه:- ڪيچي آءُ تون واري ڪرهو، ڍولڻ آءُ تون دلبر آءُ تون

۱- دل دکي جي ۾ دود دکن ٿا، آهيان اوهان ريءَ ووا پرار هر

۲- ورتيون وڄن ٿا ور ولهي جو، آڌي رات جو ڪارو ڪرهو

۳- ڪندي ڪاڇن لڳ ڪيچن جي، ميندي ملير جي چڙي چڙهو

۴- پيئي جي وصال ڪئُون تنهنجي فراق ۾، ساه سڙي جو گهڻو آهي سُرهو

۵- هوتن حبّ جو وڏڙو آهي: ڳُل اصغر جي ڳڻن ڳرهو

ڪافي ۸

ٿلهه:- ماڻ تنهنجن سائين مونکي ماريو، ٿاڻ تنهنجن سائين مونکي ماريو

۱- هن هيٺي وٽ هيڪر گهڙي، گهوري وٽ ڪا گهوٽ گهاريو

۲- وعدا ڪيئي جي ورنه ويهي، پرين پورهيت سان اوهي تا پاريو

۳- عشقّ اوهانجي اندر منهنجي منجهه، ٻارڻ ڏاڍو آهي ٻاريو

۴- آهيان اسائتي عجيب اوهان لئي، ويرو اڳون ولهي تي واريو

۵- رڙان راتو ڏينهن روهن ۾، حب اوهانجي ڪئُون جهون هاريو

۶- اصغر عاشق سهڻا سائين، ڏکئُون ڏونگر ٿو وڃي ڏاريو

ڪافي ۹

ٿلهه :- پڇان تنهنجا پرين پيرا، پڇان پيرا پرين سويرا ڏيان هيرا

۱- سار لهج تون تنهنجي سانول، جنهن کي ڏني تو هوت حيراني

۲- هي جڳ هو جڳ سهڻا سائين، ڏسي ڏکي ٿي وير ويراني

۳- ويئي جمعيت جان جسم مئون، جو شئون جلن ٿا جند جيراني

۴- سک تنهنجي ڪئون هي سڪايل، ڏونگر ڏي ٻي هي حيراني

۵- پرين پاتو تنهنجي پسڻ لئي، پوري برهه ڪندي پيراني

۶- فائق تنهنجي فراق فنا ڪيو، نيڻان وهايان نير نيراني

۷- مرون مارن موت جي مون کي، ڀڳڻ تو ڏي ايندا پيراني

۸- جهلي جيڪي رهيا نٿي جاني، روئي ٿيڙا سي نيڻ سيراني

۹- مٿج مونڌه منهن نه محب تون، پسي ڪمڙا منهنجا ميراني

۱۰- اصغر عاشق شال اکين سان، ڏسي ڏهاڙي تنهنجا ديراني

ڪافي ۱۰

ٿلهه :- سڄڻ توسان منهنجي زاري، دلبر ديولڻ دلبر تنهنجي اڳيون زاري

زاري زاري هي لک واري، سڄڻ توسان منهنجي زاري

۱:- هيٺي هوت ٿيس آءُ بيحد، تڳان تنهنجي رحيم تاري
۲:- پوان پنڌ نه پهاڙ ۾ پڙيم، ڳل ڳٽن جي پيم جاڳاري
۳:- سر ساه ڪريان قرباني، هوت ڏسان جي هڪواري
۴:- لائق لوڏج ڪيم تهينڪي، مئي ماڻن جا تنهنجي ماري
۵:- پرين پاتم پير پرت ۾، موتان تان ٿيان ڪوجهي ڪاري
۶:- شفقت شاه ڪريو شوديءَ تي، برسر آيم جو برهه باري
۷:- اصغر عاشق ڪيو سڀ صدقي، جان جُسو جيءَ جند ساري

ڪافي ۱۱

ٿله:- پرين تنهنجا پنڌ پڇان سڄڻ تنهنجا سير ڊولڻ

۱- لنو جا لائيءِ لعل لکي وئين، تيلهان تولئي لکين لڇان ٿي
۲- پور پريت جا پايون پنڌ ۾، ڪنهن سان ڪيچي ڪين ڪڇان ٿي
۳- ڏڙڪا ڏوتيون ڏيئي ڏوٻڙ ڪي، چون سرتيون جو برپچان ٿي
۴- اصغر عاشق سڪ جي سوز ڪئون، پيرا هوتيون منا ميچان ٿي

ڪافي ۱۲

ٿله:- ڏيرن تي نا نياري پنهل جام، بخت پوري جو ڪو اصل نذرهو

١- سڌ نه پيڙم ساٿ جي، جڏهن ڪيائون تياري
٢- چمندي لڙهيس لهرين ۾ [ميان وو] ماءُ پيءُ ٿيس ڪساري
٣- پيرين پڇي نه سگهان [ميان وو] ڪا نه اٺن جا سواري
٤- ڪُڏيو ڪنوائن ڪينڪي [ميان وو] ڪيچن ڪيچ قطار قطاري
٥- گوراهو جي تان گڙيا [ميان وو] بودي آندائون ڪي باري
٦- ننڊ نه ڇڏيو نيٽن کي [ميان وو] ڪيئن تيار سواري
٧- اصلئون عاشقن تي [ميان وو] سورن ڪيڙي سواري
٨- سائين ميڙتون سڪندي کي [ميان وو] ڪر ستار ستاري
٩- اصغر عاشق سان مل اچي [ميان وو] هادي هڪواري

ڪافي ١٣

ٿلهه:- پرين تنهنجو آهيان پاڃي، سڄڻ تنهنجو ڍولڻ تنهنجو آهيان
١- بکيو آهيان بيحد سهڻا، برهه جي مون کي ڏي نه پاڃي
٢- ڪشتي قرب جي تڏهن ساترندي، هيرحب جي گهُلي ساڃي
٣- ايندس آءُ جيڏيون سهٽي ساهڙ لئي، رٿي وئي رانول راڃي
٤- ڪڏهن ڪيچي ملي ماندي سان، لنوارن ۾ ٿيان نه لاڃي
٥- اصغر آهون ڪيڙون تيلاهون، محبت من ۾ جونٽي ماڃي

ڪافي ١٤

ٿلھ:- آهيان مارن لئي ماندي، تن ويڙهيچن لئه ماندي
١- عمر خوف نه ڪيئي خاوند جو، بند ڪري آندئي باندي
٢- ڪلان ڪيت ري آءُ ڪيئن توسان، ورهه تنهنجي ڪئون ناهيان واندي
٣- پانڌي ڇئج پيغام پنهوارن، انگ ازل جي هي هتي آندي
٤- ڪنگڻيون چوڙيون ڪچ جون سنگهارن کي نه سيبائڻ چوڙيون چاندي
٥- اصغر عاشق جهانگيرن ڏي، خط لکان آئون جي هجان خواندي

ڪافي ١٥

ٿلھ:- دوست دلاسو، ڏي ڏکئي کي
١- پهريان پرت ۾ يار پيارا، جُوراٽو تو ڏنو جهڪي کي
٢- او چتي يار عجيب تو چا ڪئون، سورن ۾ سو وڌو سڪي کي
٣- محبت منهنجي ائين آهي توسان، سج جي آ سورج مُکي کي
٤- جام وحدت جو پري جانب، پلائي سان ڏي بکئي کي
٥- سورن سوزن ساڙيو آهي، اصغر عاشق جي دل دکي کي

ڪافي ١٦

ٿلهه:- پاروچل کي باجه پوندي، کوهيارل کا باجه بندي
ڪهل پوندي، هن نماڻي نڌرجي

١- جت وئي جهنجو ورُويا، روهن ۾ ساچو نه رڙندي
٢- رت جون رنائين نيرپريون، ساوو مواريان نوندي
٣- گلا غيبت ڪن نه ڪنديس، سيڪا وتي پلي سوندي
٤- درد دل جو در دلبر جي، هي چري پاڻ چوندي
٥- باهه برهه جي يار ٻاري، ساڪڏهن ڪين اجهامندي
٦- ڏسي ڏاڪا ڏونگرجا، لڪن ڪئون نه لڙندي
٧- اصغر عاشق کي سڪ سجڻ جي، سر ڏيڻ تائين رهندي

ڪافي ١٧

ٿلهه:- هوت هلي آءُ تون هادي، پرين پارس يار پيارا

١- روئي روهنم نير نيڻان، وير وهايان ٿي وادي
٢- ڪول نقاب مونهئون موهن، شوق وارن جي ٿي شادي
٣- ڏسڻ ساڻ ڏکئون ٿئي، عاشق کي آزادي

۴- آئي تنهنجي ٿي سيئي، اصغر جي آبادي

ڪافي ١٨

ٿلهه:- ڪيس فراقن فاني ميان آءُ تون مونڏي محب منهنجا
۱- آءُ ته آهيان يار اوهان جي، جتي جوڙ نه جاني
۲- توريءَ آهي صاحب سپرين، ويچاريءَ کي ويراني
۳- نوح لکي هيمُ ڪا اصلئون، هي هي هئي حيراني
۴- ريءَ جنگ جهيڙي جانب جاني، ڏيهه ڪيوسيپ ڏاني
٥- اصغر عاشق تي ڪريو پنهنجي، محب مٺا مهرباني

ڪافي ١٩

ٿلهه:- دل درد ڪئون ديوان ٿي، آکڙيون آري سان اڙيون
۱- فوجين ڦريس فراق جي، پا ڏايو دانهن ڏيان ٿي پڙيون
ڀڳڙ لاءِ جهاڳن سي جبل، جي برهه ۾ هونديون پريون

۲- تانگهه جي اديون تا وڪئون، تڪيان ٿي آئون وهجون پڙيون
سرمان ڦٽيون سپ ساڙٽيا، وڃي ساهه ٿو سوزئون سڙيون

۳- وهه ٿيو ويهڻ مون کي، گهر گهوٽ رئي گهارڻ گهڙيون
ڪوهه ڪُوڪنِ ڪنُون منهنجي، ڳاراٽي ۾ سپ ٿيا ڳڙيون

۴- محبت ۾ من مخمور ٿيو، جئُ جان جانب سان جڙيون
لڪ ٿي پسان تنهن يار لئي، ليڙا ويس لڪ تان لڙيون

۵- ٻاٽان پرين بلڪل نه ويو، ڪرهن نيو ڪيچن ڪڙيون
هوريان ويا هڏ ڪين ڪي، قصدئُون ويا توڏا تڙيون

۶- محب محبت جون هنيون، چورئي ڪي چوهئُون چڙهيون
عشق جي آزار ڪئُون، اصغر ڪري آهون پڙيون

ڪافي ۲۰

ٿلهه:- هينئڙو منهنجو نيئڙو جتن، ايندا ڪڏهين سي ملنداوري

۱- اڏر ڪيانتل ڪانگڙا، خير جي خبر ڏي تون ڪري
ويڙا پرين ايندا ڪڏهن، ملنداڪ ويندس مري

٢:- ظاهر ڳالهه زبان مان، جيڪر ڪريان هڪڙي ذري
ڏسي حال مون هيٺي سندو، ڏک ۾ پون ڏونگر ڏري

٣- سهڻي ساجن مليو، مَنُ خواب ۾ ٿيو خوش تري
جاڳان تان جيڪي ٿيو، باهه ٻاروچل ريءَ ٻري

٤- اصغر عاشق چئي عشق جا، چاڪ چيٽي تي چري
قسم مون کي قادر سندو، سيّد بنا ساعت نه سري

ڪافي ٢١

ٿلهه:- ڪعبي وڃن ڪيئن ڪاٻڙي، جي عام ڪان آجا ٿيا

١- ورن ڪين وجود ڏي، نسبت ناطي نينهن جي نيا
ننگ نامين ناهي نگاهه، نانگا ننگئُن نڪري ويا

٢- بي ريا سهسين لکين، ڪعبي وڃن حاجت پنڌ سي آقيا
ڪعبو وڃي تن ڏي هلي، جي ري خمر ٿيا هن ڪيا

٣- جسن هادي جو پسي، هرجاءِ لڪين پائن ليا
مستن ڏٺو محبوب کي، پنهنجي ڏيل ۾ ٻاري ڏيا

٤- سامي سدا آهن سير ۾، ڳرناٿ رئَي نه آراميا
لنگهي دوارڪان ڪاشي هليا، جوڳي جو ڏون جمنا ڳيا

٥- ترڪ ڪيائون ترڪ کي، جسمون مري جوڳي جيا
ڳرنا رڪان ڳنگا هلي، هنگلاج کان پورب پيا

٦- صفت کان جي صاف ٿيا، مٿرا اٿن من ۾ سندا
بيراڳ ۾ بيرا ڳيا، درسن پسي ديوان ٿيا

٧- مشاهدي ۾ محو ٿيا، خمار ۾ مخموريا
اصغر عاشق آهن اُهي، جن ساهه ساجن سان سيا

ڪافي ٢٢

ٿلهه:- سامي سدا هن سير ۾، هنگلاج وياهيجون هلي

١- جوڳي هليا هي جڳ ڇڏي، سيڪا مڙهي ڪيائون ٿلهي
جلوو پسي جانب سندو، هر رنگ ۾ ويڙا رلي

٢- مشاهدو پسي محبوب جو، جوڳي ويا جيءَ ۾ جلي
ڪاٿي ملا منصور جا، ڪاٿي قريشي ڪربلي

٣- پاڻ کون جي پاڪ ٿيا، ڳولي لڌائون پر جي ڳلي
رئي منجهه روشن ٿيا، چاندي ٿيا آهن سي چلي

٤- نفس کي جن نيست ڪيو، ڏول پيو تن تي ڏلي
اصغر عاشق آهن اُهي، جنجي بات تي بلڪل يلي

ڪافي ٢٣

ٿلهه:- رمزان راول منهنجي روح ۾، اڄ ڪي وري لايون نيون

١- محب ڀڏيو ڏين موڙيون، تحفا منجن شوقئون شيون
جهولي پايو آءُ ٿي جهليان، ڏکڙا ڏکيءَ کي ويا ڏيون

٢- وٽ ٿي ورهائجي ورهجي، مون کي محب ٿو ڏي ماڻ ميون
عشق وارا ٿا وٺن، جنين عشق مان عيدان ڪيون

٣- طوفان نوح جو ويو سڪي، اکڙيون جهجهڻ کان نا جهليون
پلئي پايو آءُ پورڙا، نيٽين وهايان ٿي نيون

٤- ڦٽڙا درد فراق جا، تن ۾ وٺيون وهه جون پيون
سي تاب تنهنجي کان تتيون، جيئن تيل جون ٽمڪن تيون

٥- ڦٽيس فوجن درد جي، سي تان وري وهلو ويون
سانگاڙي سهسين ساهه ۾، هادي ويو هٿ سان هنيون

٦- اصغر عاشق عشق جون، ڳالهيون چوان ٿي سڀ سيون
قاصد ڇڄان منهنجي يار کي، جيڪي چريءَ توکي چيون

ڪافي ٢٤

ٿلهه:- رمزان نه پڇ راول ميان، جيڪي هيئي مونسان اڳيون

١- ڪين مٽن ميدان ۾، جيڪي تنهنجي ديدن ڏٺيون
ٿت ٿت سدا تن تي هونديون، جيڪي هن پڙمان پڳيون

٢- ڪيچي ڪيڏو ڪيس ڪيو، ٿڳ تو وچي دلڙيون ٺڳيون
آهه ننگ منهنجو توتي ننگي، لعلڻ پنهنجي توجي ٻڳيون

٣- جنجو آسابند آهين تون، سي تر نه توريءَ ٽڳيون
ويندي ونڊر ڏي ورهه کٿون توڙي جهلين پينر سڳيون

٤- نوبتان جي نينهن جون، ورهن سنديون سرتي وڳيون
پل نه پئي ڪنهن جي پليون، اصغر ويا جهيڙا جهڳيون

ڪافي ٢٥

ٿلهہ:- بت خانہ ۾ تون يار ڏس، ڇو ٿو وڃين ڪعبي ادا

١- اَلرَّحۡمٰنُ عَلَی الۡعَرۡشِ اسۡتَوَا ، سمجهندا قلب کي ڪعبو ڪري
هردم هيجون هينئڙي اندر، طواف جي ڪن اقتدا

٢- ڪُنۡتُ ڪَنۡزًا مَخۡفِيًّا، فَاَحۡبَبۡتُ چيو آهي خدا
ڪير هو پر ڪير ٿيو، ڪنهنجي هئي ساهو صدا

٣- لاولد جو تون عبد ٿي، ڇو ٿو ڦرين غافل گدا
وارث ٿئين وارث سندو، معنيٰ مُلان پي هئي ڪندا

٤- ڪُلُّ شَيۡءٍ مَا سِوَا الله ، کي ڪر سڃڻ فاني فدا
جيڪي بچي باقي هجي، مشتاق جي آهي مدعا

٥- پول ڇڏ پائڻ سندو، پورا ٿئين بند کان بدا
دام پيچ دعوا سندو، روحئون وجودئون ڪرودا

٦- بي مثل ٿي آئين مثل، مونتج مٿا ڏي مبتدا
تعطيل ڪي تعجيل سان، تبديل ڪرچڏاِج غدا

٧- نَحنُ اَقرَبَ جي ڪئي آهي، يار ڏس اصلئون ندا
موجود ٿي موجود سان، ٿيءُ جسم کان جيري جدا

٨- اصغر اهو اڪبر اهو، تيڏي ڏسي ٿي ٿي سدا
محمود سو محمّد اهو، احمد تهين جي ابتدا

ڪافي ٢٦

ٿله:- هينئڙو هاچي ۾ عشق نيو، چشمان چريو ديدار ڪيون

١- پڙڪا برهه جي باهه ڪيا، عاشق وچن گلزار ڪيون
ترسيو نه ترسن تاب ڪئون، ڪوپا وچن ڪڏڪار ڪيون

٢- سڪ کان ڪٽن سورهه سچا، سوزن ڪي سو سردار ڪيون
هرجاءِ گهمن هرجاءِ ڦرن، عاشق اُهي الغار ڪيون

٣۔ محبت سندي ميدان ۾، عاشق رُوون ڪوڪان ڪيون
سڏ ڪن سدائيَ سوز ۾، جهٽڪن اهي جهونگار ڪيون

٤۔ رب اشعث واغبر جا، يروتن اطوار ڪيون
نينهن وارن جون اهي نشانيون، جڳ ۾ آهن جبّار ڪيون

٥۔ اصغر عشق جي آگ ۾، عاشق وڃن اقرار ڪيون
ڪامن ڪوري منجھ عشق جي، خان سي خنڪار ڪيون

ڪافي ٢٧

ٿلهه۔ هينئڙو منهنجو نيڙو جتن، ايندا ڪڏهن جي ويڙاهلي

١۔ زاغ زاري زور ڪج، ڪيچين اڳيان وڃ تون چلي
ملندا ته مقصد مون ٿيندؤ نه ته موت رئيَ ڪانهي ڳلي

٢۔ اکڙيون اڃيون ڪيم روئيُ، سڪ سوز ڪان وارث ولي
ديدار جن ڪير دوست جو، جند جان ڪيئُون جيُ ڪان ٿلهي

٣- سورجي هن سرير ۾، هڪ ڳالهه جي ويڙا سلي
حالت ڏسي هيڻي سندي، جيڏيون ويو سڀ جڳ جلي

٤- سپني ۾ سهڻو ڏٺم، رات مون گذري ڀلي
جي جاڳيس جيڪي ٿيو، آري هٿان آتش ٻلي

٥- اصغر عشق جي آگ ۾، سڀ پروئي سسئي جلي
ڦٽڙا چٿا فراق جا، وڃي راڄ ورنهه جي رلي

ڪافي ٢٨

ٿلهه:- جانب جڙي جڙجان ۾، جهوري ڏئي ويو مون گهٽي

١- اڳهه به ڪن لاءِ عشق هو، ڪين باب آيو مون لئي بٽي
ڪيفي ڪٿاريون عشق جون، هوت ويو هيڻڙي هٽي

٢- سورن سجهايو ساهه کي، دعائون پنان هٿڙا ڪٽي
هيڪر ملان پنهنجي هوت کي، منهن سرمليان پيرن پٽي

۳- ڇم ڇرم شرم ڇڏي، هارڙهي هليس هڪڙي ڇٽي
ڏک سور ڏونگر جا ڏسي، لس لڙڪ پيا لونڻن ڇٽي

۴- ڏک سور سوز فراق جا، ڏوهڻ کي بخشي ويو دٽي
جند جيءَ جت وجهي جاڙ ويو، وه ويس ٿيا سرمان ڦٽي

۵- سوز وث ڏي سڪ سيئي، ڳاڻن وره جي هئي ڳيٽي
سالڪ سچن مٰان تان ٿئين، هي ڳالهه جان توکي وٽي

۶- سڪ ڏئي ڏکڙا ورتم، اها ڳالهه آهي ڳاڻن ڳيٽي
اصغر عاشق آهن اُهي، آلي هوندي جن اک جي اٽي

ڪافي ۲۹

ٿله:- ڪانگل ڪدي دل تو ڏيان، جانب اڳيان جي تون ڪئين

۱- ڏج ڪتابت روبرو، قاصد ادا شل تون جيئن
مرڪي حقيقت جي پڇن، جيئن آءُ رئان ٿي روئج تيئن

٢۔ مـژگن سندا خنجر هٽيو، عاشقن جو رت ٽو پيئين
هٿ پير رت ۾ رڱيو، پوءِ ڏوهه ميندئَ کي ڏئين

٣۔ بجليون بهاري جون ٿيون وسن، اکڙيون رئن ٿيون ٽيئين
اصغر عاشق جو حال ائين، جرڪان مڇي ٻاهر جيئن

ڪافي نـ ٣٠

ٿلهه:۔ ڪاپڙين ڪو ڪاج، ڪونه ڪاٿي ڪيو سورَ ريَ سرتيون
١۔ طوق طمع جو ڇوڙي ڇڏ ياٽون، تَرڪ جو تن ڪيو سرتاج
٢۔ سونهن ۾ سهٽا سپيئَ، سڪ جو پهري ساج
٣۔ ڪوري ڪيڏ تون سامن سرتيون، دل مٿون دنيا جو داج
٤۔ صفت جي سيا هي ڪٿون صاف صفاٽيا، اچا اُجرا جيئَ عاج
٥۔ آڏو ٿي ٿيا غير ڪان غافل، بِرهه لاٿون تُون باج
٦۔ اصغر عاشق مور ٿون مليو تن، ڏوڙو ڏکن جو ڏاج

ڪافي ٣١

ٿله:- وڃڻ ڪعبي ڏي خطاهي، ڏسين جي يار ٻتڪدي ۾

١- مَارَاَيتُ شَيئًا اِلّا وَرَاَيتُ اللهَ، الله ڏانهن عطاهي

٢- پسڻ پرين جو سڀ صورت ۾، عُشاقن ڪي اداهي

٣- سَندي سورن سُرڪڻ سُرڪي، مشتاقن جي مُداهي

٤- مشاهدي محبوب جي سان، وهم سڀ ڪان وڏاهي

٥- اِنَّ اَولِيَائِي تَحتَ قُبَائِي، رضاوارن جي رداهي

٦- حيرت منجهه ٿي يار حيراني، دع نفسڪ جي نداهي

٧- وحدت سڀ ڪنهن آهي نهايت، اصغر تنهنجي ابتداهي

ڪافي ٣٢

ٿله: ڪوڙين ڪروڙين ڪيتريون، رائي تنهنجي هَنِ روليون

١- ساجن سڙيءَ ڪان ويا، ٽَڪر اهي سي ٽوليون
سمجهي صحي سو ڪين، ٻانيڙِ ٻروچن ٻوليون

٢- محب موڪل ڪيئي نه مون کان، وئين ڇپر ۾ ڇوليون
ٻوڙها ڳاڙيو ويٺي ڳائيان، لڳيون يارجون ماکي لوليون

٣- سڪ ساھ ۾ ساجن جي جن، ڏونگر سي پائن ڏوليون
ڄانب پي ڏئي ٿو تنکي، جھوري پري سوجھوليون

٤- عشق جي آزار ڪئون، ڪن ٿيون ڇيهاڙيون ڇوليون
سر ساھ سڀ مايا مڙئي، ڏين گھوٽ تئون ٿيون گھوليون

٥- دل اندر ديدار جون، دلبر دريون سي کوليون
عاشق اصغر کي آهن، حُب جون هنئين ۾ هوليون

ڪافي ٣٣

ٿلھ: معشوق عاشق ڏي مُڪا، اٿڙا عتابن جا پري

١- پرت وارا ڪيئن ٿين، پاڙان وڃي پرڪان پري
سهٽي سندي ديدار ري، ساعت سڪاين ڪا سري

٢- دڙڪا نه پڄائن دَرَ اُتَئُون، مشتاق ڪو موٽئون مڙي
تون وٽين جيرو اڃان، مشتاق محبن ري مري

٣- چور ڪيو چشمن جيڪو، سو سور سهسين پيو چري
ذات ڄاڻي ڏکن کي، اِهو ڏيل ۾ ڏڪڙا ڏري

٤- درمتي دلبر سندي، ڪاهيو اچي ڪو ڪان ڪري
جيتر ملي نه يار کي، تيتر ڳايون ڳڻ پيو ڳري
٥- توڙي تڙن تنهن کي پري، ووءِ ووءِ ڪيون وهلوري
اصغر عاشق اعتبار ڪر، ڏس ڍول ٿو تولاءِ ڍري

ڪافي ٣٤

ٿلهه: متا منهن ڏيکار عاشق اصغر، ماڻن ساڻ نه مارا ڪبر کي

١: پانڌي پيش پرين جي پچر منهنجي پچار، ساهه سري سڀ سڪ ڪئون ڏنائين اختيار
تو افسر کي

٢: سٽي سوال سقيم جو ڪٽي نيڻ نهار، ڦيرائج فضل سان هادي تون هن پار،
مُنهن منور کي

٣: لاهه نحوست نند رتئون مُئيءَ کي تون جيار، سُرڪ سعادت جي سپرين وصل ساڻ پيار
بد اختر کي

٤- فنا ڪريو فراق کي ياور تان يڪبار، ڳُڻ پريا ڳٽين جي ڳارا ڏي م نه ڳار
هن افقر کي

٥- برهه جي بحر م تو ٻُڏان آءُ تنهن مون تار، سمنڊ جي تنهن سير ما پرين لنگهائج پار
هن احقر کي

ڪافي ٣٥

ٿلھ :
پرين وٽ ڪا پچار، هئي گولي جي

١۔ قاصد آئين ڪيچ ڪئون خبر ڏي ڪا چار، ڪل لھندا ڪا ڏھن محب مٺا منٺار
ڀڳڻ ڀوليءَ جي

٢۔ هئي ڪا هوتاڻ ۾ گولي جي گفتار، سڌ تہ مونکي ڪا ڏي منجھئون سج سچار
هيو ڪا سَولي جي

٣۔ ياد هئي ڪا يار کي نند رهي نادار، لاهيندا ڪين لطف سان او ڪائي آدار
هن تنھن اوليءَ جي

٤۔ پانڌي چيئج چڳيان ڪِري اڳيئون، تنھن مختيار، والي وڙئون پنھنجي لوڪادا ڪرهار
ڏکن ڏوليءَ جي

٥۔ آئي اچاڻ سان عشق جي وڏي هيئان بار، ڪوڪ ڪريو ڪَنِ تنھنجي جاني ٻگ جبار
گھوري گھوليءَ جي

٦۔ اڳ نہ واقف عشق جي او چني آيم اپار، مچي آزي آءٌ تون سيد سائين سردار
انھيءَ نَولي جي

٧۔ اصغر عاشق عشق ڪئون سر آند ولاءِ نثار، مِلو تنھن مشتاق سان مُند آئي بھار
سونھن تولي جي

ڪافي ٣٦

ٿلهہ: سامي سدا هن سير ۾، رهن نہ رات ڪا رام ري

١۔ سِڪ ڪٺون سناسن نفس نفي ڪيو، پرين گڏ بن هڪ پير ۾

٢۔ ترنہ ترسيا توڙِ رَسيا سي، پُليا نہ سي ڪنهن پير ۾

٣۔ جنگ جوڳين جي جيڏيون جسم سان، خوف ڇاڻن سي خير ۾

٤۔ سُڌ سناسي سٽي سِيرُوُ اجو، واصل ٿيا تنهن وير ۾

٥۔ اصغر عاشق اصلئون آڏو وتي، گم نہ ٿيا ڪنهن غير ۾

ڪافي ٣٧

ٿلهہ: سامِن سرير ڪيا صاف، ڪانهي ڪدورت ڪاپڙين ۾

١۔ جوڳي ڇڏي جڳ هلي اتي ويا، جاتي اَمَّا مَنُ خَافَ

٢۔ عرش عظيم ٿيا بي شڪ شبهي، نينهن وارن جا ناف

٣۔ لُنگ لاجي سان محو ڪيائون "مان" ڪي سُنگ ڪٺون سَنگ ٿين معاف

٤۔ اصغر عاشق عشق وارن جا، شوق سينا ڪيا شفاف

سر حُسيني

ڪافي ١

ٿله:- رحم نہ آيو رتي ڪا، ڏکيءَ جي ڏيرن ڪي، سڙيءَ جي سيڻن ڪي

١- سيدريءَ سگهي ڪا [ووءِ ووءِ] آتڻ منجھ ڪتيڪا
٢- سگهي ڪيئن سورن ري [ووءِ ووءِ] لڪن تي پيي وتيڪا
٣- مون سان هلي ساسرتيون [ووءِ ووءِ] هجي اوهان ۾ سني ڪا
٤- سانديم سور سرير ۾ [ووءِ ووءِ] هادي جا تہ هٿيڪا
٥- سور ساماڻم ساهہ ۾ [ووءِ ووءِ] پڌريئي آپتيڪا
٦- ويهي ڪيئن اصغر چيئي [ووءِ ووءِ] تنين ريءَ تتيڪا

ڪافي ٢

ٿله:- آري ساڻ اڙي ڪا، اڪ اڇاڻ جي اصلئون ازلئون

١- ڪانهي اوهان مئون اديون، جانب ساڻ جڙيڪا
ويهي دوست ريءَ سگهي هيءَ سڙيڪا

٣- پرڪن ٿا پرتيءَ ڪي، ڪيچن ڪي آءُ ڪڙيڪا
نند رهايو نڌر ڪي، تنين آءُ تڙيڪا
٥- هڏ مٺي ٿيا حب ۾، پٽ تہ پيي نہ پڙيڪا
٦- اصغر عاشق جي سري، ڀڳڙ ريءَ ٻڙيڪا

ڪافي ٣

ٿلھ:- ساجن ريءَ نہ سري ڪا، ساعت هن سقيم جي
١- لوڪئون لڪائي ڪا سگهي، چاهہ پنهل جو چري ڪا
٢- شيئي چون سرتيون، هڙ ي ڪا نہ ڪريڪا
٣- محبت هن مٺي جي، ڍولئي سان نہ ڍريڪا
٤- وڙيندي وٽڪار ڪي، ڏونگر ڪان ڏريڪا
٥- ڪانہ ٻڌي سي ڪڌهين، وندر ڪان وريڪا
٦- آئي مون سر اوچتي، سندي برھ پريڪا
٧- الله وجھ تون اوچتي، مَيَنِ منجھ مريڪا
٨- قاصد آندا ڪيچ مئُون، سندا وِرھ وريڪا
٩- پري پانگي برھ جي، اصغر لاءِ گريڪا

عبد الماجد

ڪافي ٤

ٿله:- ڪٿيءَ وٽ ڪٿي ڪا، رات نه هڪ ڪيچن ڙي

١- ڦٽو ڪيائون ڦٽي ڪي، جيڪس ٽيس ڪٽيڪا

٢- ٻڌي ڪا نه جتن ڙي، ڦٽن تي به پٽيڪا

٣- ويندي هن ولهي ڪي، گهوٽ نه ڏسي گهٽيڪا

٤- هڙي هوندي ڪانڪا، فراقن جي ڦٽيڪا

٥- جنهن يار جدا ڪيو، پوي تن تي چٽيڪا

٦- اصغر عاشق دل ديواني، محبن ڏنهه نه مٽيڪا

ڪافي ٥

ٿله:- پورن ڪئي پٽ ست، سڪايل ساڻ سمير ۾

١- اچي منهنجي اندر ۾، جهوري ڪئي جهٽ پٽ

٢- وڙيندس وندر جي، جبل جا گهٽ ڏٽ

٣- جدا ڪري جانب ويا، زور هٽي زٽ پٽ

اندر منجه اصغر جي، ڏاڍي ڪئي ڦٽ حٽ

ڪافي ٦

ٿلهه:- جيڻ آهي عبث، پڇاڻان پرين جي
١- عشاقن کي عجيبن ڪاڻ، جدا ٿيڻ عبث
٢- ڏيرن کي سو ڏکئَ جو، ٿيو نيڻ عبث
٣- فراقن کي فراق ۾، پاڻي پيڻ عبث
٤- ڏس ٿي سو ڏکئَ کي، ڏونگر ڏيڻ عبث
٥- اصغر آرئَ ري، ڪلڻ ڪيڻ عبث

ڪافي ٧

ٿلهه:- ڪعبو منهنجو ڪيچ، ڏيان ٻاهه پنهور کي، ڪنديس ڪوهه پنهور کي
١- پيس آءُ پهاڙ ۾، پنهل پرينءَ جي پيچ
٢- ڪُل قريب جي ڪوڙا ڪيڙم، روئي رانول جي ريچ
٣- ڏاها ڏاهڪي ڪيچ نئين، وڃي ورتون ويچ
٤- ڳڻن سان بندي جا ڳڌءِ، بيشڪ ساتون بيچ
٥- اصغر عشق وارن کي، هاڙهو تن لئي هيچ

ڪافي ۸

ٿله:- گولي تنهن ٿي گستاخ، چوري ڇا ڪئون ڇڏي ويا
۱- آهون آلا پون ڪري، شجر جي وڻيو شاخ
۲- لوڻي لتاڙيون ٿي لنگهي، سڄڻ لئي سنگ لاخ
۳- مژگن ڪيس محبوب جي، سهسين سيني ۾ سوراخ
۴- ڏيچارين ٿا ڏين ۾، ڇپتا ڇيلا ٿا چراخ
۵- پوري ڪي ٻه پينيور جي، ڪَئُوڙي اصغر ٿي ڪاخ

ڪافي ۹

ٿله:- زلفن تنهنجن زور، ڦاسايو آهي فقير کي
۱- ابرو آهن ڪمانا، ڏاڍيان چاڙهه نه ڏور
۲- مژگن جا مسڪين تي، تُڪا تير نه تور
۳- سڳو پڌءِ جو سڪ جو، سهڻا تنهنجي سور
۴- ڏيئي ڏک ڏکئي کي، چاڪ چڪي جا نه چور
سگهو رَسِج تون سَيّدا، غوث غريب جي گور
۵ سڏيندءِ سي سهج مئون، اصغر تن سان اور

ڪافي ۱۰

ٿله،- عجز ڪيم اپار، جيڏيون تن جتن سان

۱- ڏوهه ڪري ويا ڏوها، غريب ساڻ غدار

۲- سَارَ نه ڏِني مون ستي ڪي، مڪر ڪري ويا مڪار

۳- پيرو ڪج پوريَ ٿي، منجهه پنيور پتار

۴- موٽي آئين ڪينڪي، لعلڻ لائيُ لغار

۵- آري آئيُ اصغر کي، توڙهين تون جي تنوار

ڪافي ۱۱

ٿله:- ڪهڙي پيئيُ تقصير، جنهن ڪئون يار رُسي ويئين

۱:- بخش بديون بدڪارِ جون، پرين منهنجا پير

۲:- پٽن ۾ پيرپري، وَرِڪجانءُ ڪاوير

۳:- الله لڳ آڏر ڏي، دلبر ڪي دلگير

۴:- گڏ ڪولي گولن سان، هادي هي حقير

۵:- آءُ آڇها اصغر جا، مولىٰ لڳ مهير

ڪافي ۱۲

ٿله:- محب توتي ميار، منهنجي آهي هڪڙي
۱- ويندي وقت وندر ڏي، بندي نه ڪيئهٔ بيدار
۲- ٿيس فراقڻ سڪ ڪئُون، سُيَسِ سپ سينسار
۳- جتن ريءَ وجهان آئُون، جهنم ۾ سپ جنسار
۴- لڏيندي لڏ ڪيچ ڏي، سَيَّدَ ڪئي نه سنڀار
۵- سار لهج هن سج ۾، اصغر جا آڌار

ڪافي ۱۳

ٿله:- وسئُون آءُ وياس، سرتيون ڏيو نه سرت مون
۱- پرت ڪان پنهونءَ جي، پهاڙين پياس
۲- آري جي پي عشق ڪئُون، ٿيلهڻ ٿر ٿياس
۳- رڪن تي لعلڻ، ڏسان آءُ ڏياس
۴- ملڻ تنهن محبوب جي، ڪين اچي قياس
۵- اجل ويس عجيب ڏي، جيتر هوند جياس
۶- سرت ڪئُون سنسار جي، اصغر نينهن نياس

ڪافي ۱۴

ٿلهه :- شافع شاهه شفِيق، راضي ٿي تون ٿڪي ٿي، راضي ٿي تون رنجور ٿي

-۱ پاڏائيَ ٿي پڌي گهٽو، عاجز بحر عميق

-۲ پهاڙن جي پنڌ ۾، نٿي لهي طريق

-۳ سامياڻي سان سيج ۾، راحم ٿيو رفيق

-۴ جيڏيون تن جتن جي، ظالم زور فريق

-۵ ڪيو آهي ڪنيءَ ڪي، حب هوتن جي حريق

-۶ اصغر چوي عشق ڪئون، غور ڪريو سان غريق

ڪافي ۱۵

ٿلهه :- سرتيون ڪهڙ آسڪ، جيڏيون تن جتن ري

-۱ دردئَ جو دوستن ري، ڏيل ڏکايو ڏک

-۲ جيڏيون تن جتن جي، اندر اٿم جِڪ

-۳ دوستن جي درسن جي، برهه ڏني آ ٻُڪ

-۴ وڃي ساوڻن تي، لعل لائي سالک

-۵ نال نه نيائون نڏ ڪي، ننگي جي آئون نه نڪ

كافي ١٦

ٿله:- ورنه وير وصال، سيٻد ڪر سڙي سان

١- هلي آءُ هيڻيءَ رت، ٻيلاڪچ ڪو پال

٢- فنا ڪر فراق کي، سڏين سائين سوال

٣- آزيون عاشق جون سڻي، ڪڍ فراق جو ڪال

٤- ڏسي لاهه ڏمر، وارث لاهه وبال

٥- جبل ۾ آءُ مران پسي پرين، جانب تنهنجو جمال

٦- صورت تنهنجي تي سونهين، خوني خط خوش خال

٧- همسري جي حور ڪي، محب ناهه مجال

٨- گهوري گهوريون سيڪي، موڙي مايا مال

٩- اصغر ڪي عجيب رئي
ساعت ساعت سال

كافي ١٧

ساجن لهج سنپال سڪنديءَ جي سمير ۾
ڏيرن ڪيڙا ڏکي سان، جانب جيڏا جنجال

٢- هڪ جهڙن سان هوڏڪر، کهجن کين ڪنگال

٣- اصغر کي به عقاب جان، چشمن هنيڙا چنگال

ڪافي ١٨

ٿله:- پورن ڪيڙيون پريون، ساهه منهنجي سان سرتيون

١- مرض مون کي محبت جو، ناحق ڏسن نڙيون

٢- عشق نه جن آري سان، ڪُهيون سي ڪريون

٣- چريو چون چري کي، چڪيون سي آهن چريون

٤- هوڪاڏيان ٿي حق جا، ڪيون برهه پريون

٥- ڪچون هن سي قرب ۾، واٿان جي وڃن وريون

٦- سِيران هن جي سڪ جون، تارُئون لنگهن تريون

٧- ورهه وارا ٿا وڃن، ماڻن سان مريون

٨- پسڻ ساڻ پرين جي، اکيون اصغر جون ٺريون

ڪافي ١٩

ٿله:- ڏاجي ۾ ڏونگر، لکيا هٿام کي لوح ۾

١- هي هي پڏ ۾ نه حبّ ۾، هوتن جي هونگر

٢- ڪري ڪام ڪوهه ۾، جهوري ڪٿون جهونگر
٣- هلي ڇڏي هوت لئي، تتي هي تونگر
٤- اصغر چوي عشق جي، چور ڪئي چونگر

ڪافي ٢٠

ٽله:- واٽ وڃايس واءِ، سونهين نه آهي سمير جي
١- رس رليءَ ڪي روهه ۾، رحم ڪرتون راؤَ
٢- سڄ نه پائين سڪ ڪٿئون، سامڻ سان ڏنهه ساؤَ
٣- رتس پير سي رڄ ۾، ڏوٻڻ جا جان ڏاؤَ
٤- اصغر عاشقن جا، هذا ڪائن هُمَاءَ

ڪافي ٢١

ٽله:- لڪ لڪيا هيس لوح، توڙؤَن هن تتي ڪي
١- ڪر ڪنيون ڪيچن لئي، رڙيون رڙي ٿي روهه
٢- وڃي ٿي وڏڪار ڏي، پارن ۾ ساپوهه
٣- حيلا ڪيائين هزارين، ڏير ڏمرس ڪنهن ڏوهه
ڪوڙين ڪروڙين ڪيتريون هوڪان ڪري ٿي ڪوهه

ڪافي ٢٢

ٿلهه:- جيءُ نه منهنجو جاءِ، جتن ڏاران جيڏيون

١- ٿي سياڻي سسئي، لقب اسان کي نه لاءِ

٢- هوت ڇڏي وئين هيڪلي، وڃي کهڙي ساءِ

٣- پيئي وڃان حق پاهنجي، ڇوريون اوهانجو ڇاءِ

٤- جوءِ نه پائين جتن ڙي، مٿي منهن ۾ پاءِ

٥- آهيان پانهي ٻروچ جي، حجت نه ٻي آءِ

٦- نار نڪلي ڪا هيڪلي، پيءُ جي لڄ نه لحاءِ

٧- ڏيءُ ناهيان ڏوٻڻ جي، سامڻ جو آءُ وياءُ

٨- سپ سهنديس سرتيون، طعنا ڪيچن لاءِ

٩- ويندم ڪين وجود مئون، هوتن جي هي هواءِ

١٠- اصغر عاشق اصلئون، ڏچن ناڪنهن ڏاءِ

ڪافي ٢٣

ٿلهه:- لالڻ تنهنجي لاءِ، وڏڙان ڏيانتي وندر ۾

١- سچا سيد سرورا، مون تان ڇت نه ڇاءِ

٢- هيڪر گهر گهوريءَ جيي، گهوڙو گهوٽ گهماءِ
٣- ڪڏهن ايندين ڪانڌ تون، جڏيءَ هن جي جاءِ
٤- عاشق هن اصغر ڪي، مولا محب ملاءِ

ڪافي ٢٤

ٿلهه:- ڏني ٿيڙم ڏينهن، جيڏيون تن جوڳن ڪي
١- گنگاءِ گرناروَيا، شتابي سان شينهن
٢- وڃائي سي واٽ ٿيا، نانگا نقارونينهن
٣- وسايان ٿي تن ري، اصغر ويٺي ورهه جا مينهن

ڪافي ٢٥

ٿلهه:- ناميانانءُ خدائي جي، وٺيو وڃ وندر ڏي
١- مهرؤن محب مٺي جا، مون ڏي منهن وراءِ
٢- هنجهون هاري حبّ ڪئون، چشم چڪي ڏي چاءِ
٣- مونکي تن محبن ري، پيئڙ پنيور نه ياءِ
چپر منجهه چلان ٿي، سهڻا تنهنجي ساءِ
اصغر هن عاشق ڪي، توريءَ ڪو نه سياءِ

٢- اهين ڪيئن جهليو پيئون، آري ڏانهه انڌيون
٣- هڪ وڇوڙو وڃڻ جو، پئونئين پنڌيون،
٤- رويو رويو رڃن ۾، وهائي نيٽين نديون
٥- جنين يار جدا ڪيو، مرن سيئي گنديون
٦- پرين اُوهي اصغر چئي، وڃڻ سان ونديون

ڪافي ٢٦

ٿله:- روئي وهايم رود، جان فرهاد فراق ۾
١- چولي چيهاڙيون ڪيم، ڪمر سين ڪئون ڪود
٢- سٽي سڌ سقيم جا، آري ڪرتون عود
٣- پاٽي پنبٽيان مون، هاري پريم هود
٤- ڏير جي ڏورئون آهيا، نينهن ري هيڙانود

ڪافي ٢٧

ٿله:- اچي آري اُجار، بيراڳڻ جي بُتي ڪي
١- ڪيچي قول قالوءَ جا، قلسُن ڪين اُتار

٢- درد ونديءَ جي دلڙون ، ڪلي درد اُڏار
٣- پالو بي پرواهيءَ جو، برهمڻ تي نہ اولاڙ
٤- لعلڻ هن لڪان، اصغر ڪي تون اُڪار

ڪافي ٢٨

ٿلهه:- ساجن تنهنجا سور، سٽايان ٿي سمير ڪي
١- پنهل جي پرڻيءَ ڪي، گهايو پهرين گهور
٢- ڪيچيءَ جي يرسڪ ۾، جيشمن ڪيڙيس چور
٣- پياٺم پيٽ پهاڙ جي، پنهل سندا پور
٤- ڏونگر ڏسندي ڏکيءَ ڪي، لڦون پيون ۾ نور
٥- ٽڪر ٽاڪي فرهادجان، نيٽين وهايم ڪور
٦- روهه رمنديس راهه ڏيو، ساجن لئي سين سور
٧- جبل هيس جوان آءُ، جهوري ڪيم جهور
٨- اصغر چئي عشق ۾، چريَ وتان چور

ڪافي ٢٩

ٻانيڻ سان تون ٻول پارج پارس ڄام
معاف ڪريو يا مصطفیٰ، پوري هن جا ٻول
ٻانهي سان ٻروچ، ڏکڻ ٿي تون ڍول
درد تنهنجي ڪئون دوست، ڇيڙو ڏڙم ڇول
ملڪن ۾ مشهور آهِ، پنهل ڄام جي ڇول
ڏير ڏئي ويا ڏکي کي، جهوري پيري جهول
ڪري تنهنجي قرب ڪئون، ڳوٿن ڳهلي ڳول
سک تنهنجي سَيّدَا، روهن ۾ ڪيڙيس رول
آهون اصغر جون سٽي، هنيڙي لا ئيس هول

ڪافي ۳۵

ڪٿي آءُ ٿي ڪڙهان، ساريو سوز سرير ۾
لڪين لڪن جون لعل لئي، چاڙهيون آءُ ٿي چڙهان
ملڻ لاءِ محبوب جي، دم دم دعائُون پڙهان
پوريون آءُ پنيور ۾، ڀهگڙ ريءَ پڙهان
ڪيچ هلوسي سرتيون، جيڪي هجن پڙان
چني چڏيندو ڪينڪي، اصغر تنهنجون لڙهان

ڪافي ٣٧

ٿله:- وٺيو وير وريون ، نيو نماڻي پاڻسان

١- سهسين سڙي جهڙيون، چوري ڪيُوَچريون

٢- مَيَن محبوب جي ، سرتيون سون سريون

٣- بند بلوچن جون ، ترٿن شال تريون

۴- سڻي دانهون درد جون، ڏونگر پون ڏريون

۵- عرض اصغر ٿو ڪري ، آکيون آب پريون

ڪافي ۳۹

ٿلهه :- ڪيچي تنهنجو ڪونهَ ، ثاني آهي سنسار ۾

۱- صورت تنهنجي سوپرين، سفري صاف ڪئُون سونَ
۲- ڏک ڏيئي ڏکيءَ کي ، نڌرني ڀرتونَ
۳- ٻانهي پنهنجي ٻروچ تون، چيرمئُون نيئُي چونَ
۴- ڏکي ڏير ڇڏي ويا ، حسد ڪواڳ هونِ
۵- لَيسَ ڪَمِثلِهِ شَيءُ ، توڙئُون تل آءِ ڪونَ
۶- اصغر سر سمير ۾ ، پورا ڪرتون پونَ

ڪافي ۱۴

ٿلھ:- صدقي توتئون ساه، دم دم درد وندي جو

۱- هب ۾ ناهيان هيڪلي، ساڻم سور سپاه

۲- ڪندو قادر ڪٺي جو، نوري سان نباه

۳- سڪئون هئي سمير ۾، روز رمندي راه

۴- ڪندي ڪرهن جو ڪٺي، گوڏي ٻڌي گاه

۵- آهي ازل ڪئون اجهو اصغر تنهنجو ڏاه

ڪافي ٤٣

ٿله:- جڙي جيَ جڙي، جيجان تن جتن سان
۱- سينڌ ڏنم جاسڪ ۾، پنهل سان نه پڙي
۲- ڪاڪيون تنهن ڪيچي کي، ٿيس ڪوهه ڪڙي
۳- جيرا جگر جان مئون، سورن ڪئون ويا سڙي
٤- ورن واريون وري وڃو، چوري ويندي چڙهي
۵- ڏينديس ساهه سمير ۾، رانول ڪاڻ رڙي
۶- اصغر اڪ عجيب سان، اصل ڪئون اڙي

ڪافي ٤٤

ٿله- دلبر تنهنجي ديدار لئي، منڙو اداسي آهي گهڻون
۱- ڦارون ٿيو سو فراق ڪئون، چٽڙو چري جو جيئن چٽون
چيري چيهاڙيون مون ڪيون، تولئي پرين تن جون تٽون

۲- دانش ۾ دل سيکنهن نيون، ڪيچي هڻن ڪرجو ڪٽون
تنهن ڏينهن لاڪئون ڏکيا، جهوري تنهنجيَ ۾ تاجهٽون
۲-

۳- پير پايون ناپوءِ لئي، چوٽن اتان توڙي چڙون
ڳڻن پريا توڪل آهيون، توکي نه جي توڙي وڙون

۴- اصغر عشق ۾ جلندو اچي، هيهاءِ ٿو هڪڙو چڙون
سوز ساڙين سور جي، خاوند نه وک پوئتي ڪڙون

ڪافي ۴۵

ٿله:- موٽي نينهن نئون ٿيو، پلي ڏمريم ڏير
۱- هڪڙو سچ ويري ٿيو، جنهن اُلهي ڪئي اوير
۲- ٻيو ويري جهڙ ٿيو، جنهن جهڙ ڦڙلائي جهڪير
۳- ٽيون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پنهل جا پير
۴- اصغر چوي عشق وارن کي، پرت ڪٽايا پير

ڪافي ٤٦

ٿلهه:- مست ڪري ويا، مٺيءَ کي ماري ويا، ڏير ڏکي جا آيا مهمان

١- ڇا ڪندو ڏونگر پڌنديس ڏاڪا، وڙوندرم وڃنديس واڪا
خان پنهل لاءِ منهنجو هينئڙو حيران

٢- آئون جا برهمڻ پيئڙ پوري، هوت پنهل لاءِ گهمان ٿي گهوري
پرت پڇايان ٻر ٻيران

٣- اڪثريون اڙائي ويا مون کي لٺون لائي ويا، ڳالهه اندر جي ڪانه سڻائي ويا
بت ڪري ويا سارو ٻيران

٤- اصغر عاشق کي سڪ مان سرڪي، هوجي ڏيندا محبوب مرڪي
جو پنهي جهانن جو آهي اڳوان

ڪافي ٤٧

ٿلهه:- اوٺي الهه لڳ ڇڄ پنهل کي، اندر ناهي منهنجي آرام

١- آءٌ جا برهمڻ ڏاڍي آهيان گهوري، ڪاٺ ڪيچن جي گهمان ٿي گهوري
مون کي ڏئي ويا ماءِ ماتام

٢-

٢۔ آءُ جا چري ٿيس مونکي نه چوريو، رنده پنڌ پنهل سرتيون ووڙيو
ڏاگهن کي ڪشي ٿهري هنيائون ڪام

٣۔ هيڻَن نه مون پيا نيو ته ڪو پنهل نيندا، ڏير ڏکئي کي ڏکڙا ڏيندا
ڪيچين ڪئي مونسان تيام

٤۔ اصغر چوي اڄ پرين ايندا، نذر نماڻي ڪين ڇڏيندا
آئون آهيان سندين سام

ڪافي ٤٨

ٿلهه:- عاشق انهيءَ عشق ۾، بلڪل نه تون عاجز ٿجان ءِ
١۔ نازڪ سڳوڻي نينهن جو، سو نيٺ نباهي نجان ءِ
٢۔ اَلصَّبرُ مِفتَاحُ الفَرَحِ، دل کي دلاسو هي ڏجان ءِ
٣۔ وَهُوَ مَعَکُم اَينَمَا کُنتُم کي سو دل تي ڪجان ءِ
٤۔ بِي يَسمَعُ بِي يَبصُرُ، ڪر تون جدا جسمي ججان ءِ
٥۔ تو ساڻ اصغر هڪ ٿا ٿيون، ڪيتون ڪدي سيءُ ڪجان ءِ

ڪافي ٤٩

ٿلهه:- آيو ڪانگ اديون ٿيو، ايمان منهنجو
مٺي ٻولي ٻولي ويو ارمان منهنجو

١- سائيءَ تاري ٿلي آيو ڪانگ ڪهي خبرون ڪيا نٿي ڏنيون ساري سڀ صحي
پسي ماهه محبن پڪي پاڻ ويهي، ڏسي هينئڙو ٿيو حيران منهنجو

٢- سرتيون شان رکي آيو پيش پکي، اڏريو ولر مان ڪري لاٽ سکي
سهڻو سانگ پيهي آيو رمز رکي، ڪپي ڪنڌ ڪريان سر قربان منهنجو

٣- سرتيون شان وڏي آيو اُلهي اوري، وڏي ادب سان اچي هلند وهوري
ڳجهي ڳالهه ڪري سو ڪيئن ڇهنب چوري پکي پار سنڌ سو پران منهنجو

٤- اصغر عاشق چئي ڪاجا ٻولي ٻولي، تپيو تاريءَ تان ڪري حشر هولي
ڏيو ڳنڍڪا ڪري ڪاجا لعل لولي، سانجهي محب بندو سو مهمان منهنجو

ڪافي ۵۰

ٿله:- ڏکيءَ ساڻ سودوڏ، ڏسو ڏيرن جي ڪيا
۱- بگتي بلوچن جا، پَڪا هُڙا پوڏ
۲- ڪيچن ڪيچي ڪيچ نيو، مون سان ڪيائون لوڏ
۳- مون جهڙي مسڪين سان، ڪيچي ڇڏ ڪروڏ

ڪافي ۵۱

ٿله:- پوريءَ پاڙهيائون باب، سدا مونکي يار سِڪڻ جو
۱- سبق ڏنائون سورن جو، کولي ترب ڪتاب
۲- ڪُڇڻ پُڇڻ نه ٿئي، جانب ريءَ جواب
۳- مُنهن ڏسڻ محبوب جو، سرتيون آهي ثواب
۴- اَصغر چوي عشقَ اُنجي، رهان شال رڪاب

ڪافي ۵۲

ٿله:- ٿيس آءٌ نه سجاڳ، ڪاڪيون ڪَهيو ڪيچ ڪيچِن

۱- اندر ۾ آري جي، عشق اُٿاري آڳ
۲- جي هوند جاڳيس جيڏيون، وِڇُڙيس نه هوند واڳ
۳- حرف نه آهي حبيب تي، اصل هيس اڀاڳ
۴- ساٿِن جي سنگت ڪئُون، ڪيسِ ننڊَ نڀاڳِ
۵- اصغر عاشق ڏي آءُ تون، دانائَ دل نه داڳ

ڪافي ۵۳

تلهه:- ڪاڏيءَ سان ڪيوُ ڪُڻ پارج پنهنجو پنهل پيارا
۱- سوال ڪريئي جو سوز ڪئُون، سسئي جو سهڻا سُڻ
۲- وِڇئُون ويرَ وِڃائيو، بيخ وڇوڙي جو بُڻ
۳- گاريون گلن کان اڳريون، اوڳڻ پانيان ڳڻ
۴- رَهُ پنيو ر ۾ پانال نين، ڏُولَ پنهيون هڪ ڏُڻ
۵- سُڪ ريءَ سِڪ عشق اهنجن سان، عاشق پنهيون ڪين ڇُڻ
۶- عشق اٿايو اصغر چيئي، سُرسوُ واري هُڻ لُڻُ

ڪافي ۵۴

۲- ڪا ڪيون هيءَ ڪڙهي ڪا، جالي تن جتن ري

١- سَرَوَرريءَ سرتيون، سگهان چاڙهن تتُون نہ چڙهي ڪا
٢- سور سورن جي سرتيون، پُنهل ڪانءُ پڙهي ڪا
٣- جالي ڪيئن جتن ري، گهرِ گهورِي گهڙي ڪا
٤- دلِ درد ونديءَ جي، محبت منجهه مڙي ڪا
٥- اصغر جي دل عشق جي، ڦندن منجهه ڦڙي ڪا

ڪافي ۵۵

ٿلهه:- رانول ويمرسي، ويهان ڪيئن پنيور ۾
١- پوندسِ آءُ پهاڙ ۾، ڪيچن لاءِ ڪُسي
٢- ڳاڙَ ڳوڙهن جي ڪان جيديون، چولي پيم پُسي
٣- تير لڳو مون کي تن ۾ تنجو، جيڪس جيڏيون جُسي
٤- جاڪئون ويڙهم جانبَ جوءِ مُون، ويڙهم ساهه سُسي
٥- ڪانُ هنيائون جيڪو جيءَ ۾، ويو ڪو نہ گسي
٦- اصغر عاشق پنهل پچاڻا، پيس آءُ مُسي

ڪافي ۵٦

ٿلهه منهنجو پَهُه پنهل سان، پيزاوهين نہ پيح

١- ويٺي آهيان واٽ تي، سارو ڏينهن سُڄو
٢- رنجايل جي روح کي، پيڳڙن جيئُن نه پڄو
٣- اَصغر چوي اُنِ لاءِ، اندر منهنجو اُجو

ڪافي ٥٧

ٿلهه: آري ڄام ايندو ڪين وساريندو، سيد سڃاڻي پنهنجي شان کي

١- ڪيچن جيڪي قول ڪيا، پنهل پاڙيندو
٢- پوندي پاڄ ٻروچ کي، نال نماڻي نڀيندو
٣- پيري ڄام وصال جو، ڏکيءَ کي ڏيندو
٤- سُٺي آهون اَصغر جون، نينهن نڀائيندو

ڪافي ٥٨

ٿلهه: زلفن ڪيڙس زير، جيڏيون جوڳنِ جي

١- زلفان جوڳن جون جان زنجيرن، پيون منهنجي پير
٢- وروجهن ٿيون وانگي واسينگن، چڪيو وڃن ڏنهن وير

۳- ويا ويراڳي وٿان ويڳاڻي، ڏيون ڏونگر جبي ڪير

۴- ويهي وِرمين ڪين تنين ري، هِنيون جنين جي هير

۵- ڪاڻي ڏنم ڪين ڪي، پيز تنهنجي پير

٦- ڪڏهين ايندا ڪاپڙي، سرتيون سڙي جي سَير

۷- ايندا ساجهر اصغر وت، دم نه وجهندا دير

ڪافي ۵۹

ٿلهه- ڪوڙين ڪروڙين ڪيتريون، رائي تنهنجي هن روليون

۱- محب موڪل ڪئي نه مون ڪئون، ويو چپرم چوليون
۲- ڳوڙها ڳاڙيون تي ڳاڙيان، لڳ يار جبي ڏيان لوليون
۳- سرتيون سڪايل ڪان ويا، ڪري ٽڪرم ٽوليون
۴- سمجهي صحي ساڪين ڪي، ٻانيڙ ٻروچن ٻوليون
۵- سِڪَ ساهِ جن ساجن سندي، ڏونگرُيائِن سي ڏوليون
٦- جانب ڏئيُ ٿو تن اِجهو، جهوري ڀري سي جهوليون
۷- عشق جي آزار ڪئون، ٿيون ڪن ڇيهاڙيون چوليون
۸- سِرساه سپ مايا مڏي، ڏين گهوٽ تان ٿِيون گهوليون
۹- دل اندر ديدار جون، دلبر دريون سَوَ ڪوليون
۱۰- اصغر عاشق کي حب جون، آهن هنئين منجهه هوليون

سرجوڳ

ڪافي ١

ٿله:- جيئن پائين ڪرين تيئن، ڏوھ اسانجو ڪھڙو

١- لَا تَتَحَرَّكُ ذَرَّةٌ اِلَّا بِاِذْنِ اللهِ، ڏوھ ناحق اسان تي ڏيئين

٢- يَفْعَلُ اللهُ مَا يَشَاءُ وَيَحْكُمُ مَا يُرِيْدُ، اصلئون چيو اَٿي ائين

٣- ڳانو جو وڏيئہ ڳل سان، جاڏي وڻئي تاڏي نئين

٤- لَيْسَ سِوَى اللهِ مَا فِي الْوُجُوْدِ، ھوت منھنجي منجھ ھنئين

٥- پاڻ سڪندر پاڻ نوشابه، پاڻ وڪيل ٿي ويئين

٦- عقل وارن تي آھ عبادت، لَاتَقْرَبَ چيئي جيئين

٧- مسجد ميخاني دير دُوارم، پُر پيالا ٿو پيئين

٨- ڪڏھن اصغر ڪڏھن اڪبر، ٿوڪ سڀئي پاڻ ٿئين

ڪافي ٢

ٿله:- آھيان اُھو سوئي آھيان، لوڪان پاڻ لڪايان

١- آءُ ڪعبي جو ڪعبو حقيقي ، ٿاه نڪو ٿو ٿاهيان
مسئلو ملڪو ڪونه چڪايان

٢- بعد فناءِ الفناءِ جي بقاءِ البقاءِ، انهان پوءِ پي ناهيان
احيان پي پاڻ جهڪايان

٣- ڪُلُّ شَيۡءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجۡهَهٗ، اُوهو جي آءُ چيا ناهيان
غيرت سپ ٿو ڏڪايان

٤- ڪڏهن ٿي مڙهين ۾ ڪڏهن مسجد ۾،
ڪڏهن عاشق ٿي هنجهون وهايان
ڪاٿي سهڻو ٿي سڪايان

٥- ڪڏهن عبدالله ٿي ڪريان عبادت
ڪڏهن سپاهي ٿي سَرلاهيان
ڪاٿي چشمان ٿو چڪايان

٦- ڪاٿي اصغر ڪاٿي اڪبر ٿو ٿيان
وحدت ڪثرت مان آهيان
هر هنڌ پاڻ ٽڪايان

ڪافي ٣

ٿلھ :- آهيان پنھل توريءَ ماندي، آءُ موٽي ھن ڀنڀور ۾ !

١- يوسف ٿي آءُ ھن مصر ۾، ڳنيو وڃي آهيان ٻاندي
آري سو عشق جي زور ۾

٢- پاڻ پلائي پاڻ سان، ڪر ڳوليءَ سان هيڪاندي
ڇڏ نه هوري ساهور ۾

٣- ٻانهي تنهنجي آهيان ٻاروچا، ورھ ڪئون ناهيان واندي
شودي نه ڇڏ سا شور ۾

٤- ڪيچي قافن ۾ ڪر ڪج ڪائي، ٻرھ تنهنجي ڪيس ٻاندي
آهيان سو تنهنجي اور ۾

٥- اصغر عاشق چوي آهيان تنهنجي
پورو ڪجان سو تان تور ۾

ڪافي ٤

جنھن سان تنھنجو ڏک اوريان

ٿلھ :- ڪرنھي منھنجو حال پائي،

۱۔ پنڌ پورن سان پرٿئو آهي، معلوم توکي سپائي
ڪنڌ ڪلهن ڪئُون ٿي ڪوريان

۲۔ سنڱ نه ساهيان صاحب توسان، داين جي آهي دائي
ڳاله چوان نٿي هوريان !

۳۔ جنهن ڏينهن لاڪون ڇپر ڇڏي وئين، طعنن آهيان تائي
ڏونگر ٿي پيئي ڏوريان

۴۔ پانڌي جيڪو چوي چري کي، توکي پرين سنڀاليئي جائي
پاڻ تهين تئُون سوٿي گهوريان

۵۔ اصغر چوي توري مون کي، واه نه اٿم ٻي ڪائي
پير سيئي ويٺي سوريان

ڪافي ۵

ٿله:۔ چشمن جون ڏسي چاليون، سر ڏين سچا سيئي

۱۔ برهه وارا ٿيا ٻي ڪل
پيري هڪ تن آليون

۲۔ ماٺ پري ئي چشمان ڪڪوريون
ڪجل رئي هن ڪاليون

٣- سڪاين جون سِڪ ڪئُون سدائين
آهن اکڙيون سو آليون

٤- سهڻن اُٿائون صدقو سچاڪن
سر سوڏيون سڀئي ماليون

٥- نيم خوابي نرگس نيڻ نوريجا
نينا وارن نين ناليون

٦- اصَغر عاشق ڏي محب منجن ٿا
ڏڪڙن جون ڀري ڏاليون

ڪافي ٦

تله:- آهيان آءُ سلطان ، گام گدائيُ ڪوه ڪريان ٿو
١- فَاَحبَبتُ جو پور پيڙمُ ، ڪن ڪيم فرمان
٢- اَنَا الحَقُّ چئيُ پاڻ کي ورتمُ سوري چڙهي ٿيس نشان
٣- ذات چپائيُ ٿيس ظاهر ، صفت ڪيم سيلان
٤- جنس نه ايندي هٿ جنس جي ، تيلهان ڪيم طولان
٥- لِمَنِ المُلكُ جو هڻندس نعرو ، غير ڪندس غلطان
٦- هيس اڪبر ٿيس اصَغر ، وحدت اٿم مڪان

ڪافي ۷

تله۔ تنهنجي ڏسڻ لاءِ جاني، آيس ڏونگر ڏوري ڏوري
۱۔ جهاڳي جبل آيس تودر، مهرئون ڪريو مهرباني
۲۔ جاني منهن ڏيکاريو هيڏي ڪي يوسف يار لاثاني
۳۔ تنهنجي قولن يار ٻاروچا، ٻول ٻڌي ٽيس ٻانهي
۴۔ يار سڪاءِ نه هن اصغر ڪي، حب اٿس حقاني

ڪافي ۸

تله:۔ عاشق آهيان اصل جو، نينهن نه آهه اڄ ڪلهه جو
۱۔ اڳهين آدم ڪئون سڪ هئي تنهنجي، قول نه آهي عقل جو
۲۔ سڪندي پنهنجي سان سهڻا سائين، وعدو ڪر ڪو وصل جو
۳۔ سجدو توکي ڪيڙيم قربئون، ڪنديس نه هاڻي نقل جو
۴۔ سيف سورن جي سان محب نه ماريو، سعيو ڪريو نه قتل جو

ڪافي ۹

ٿله:- جيءُ ميڏي وچ جهوڪان ماهي ديان
الله دي سُنهن رانجهوديان، مولادي سُنهن

۱- من ميڏي وچ لڳ ڪي رهيان، نوباه نيٽان ڏيان نوڪان
۲- چول سهٽي دي آهِ عجب، لڪندا آوي وچ نوڪان!
۳- اصغر عاشق برسر چاون، ٿهلان سولڪ ٿوڪان

ڪافي ۱۰

ٿله:- شبها ويا سڀ شڪ، ظاهر ٿي صورت سڀ ۾
۱- پهري پوشاڪان ڪوڙين ڪروڙين، برهن کي بڪائين بڪ
۲- سسئي ٿئين ڪاڻ ڪيچيءَ جي، لونءُ لائيُ لنگهن لڪ
۳- ڪڏهين ابي چند ٿئين سرمد سالڪ، توته تهينگي ڪيوتڪ
۴- ڪاٿي ملان ٿو ٿئي ڪاٿي منصور، ٿڪين آءِ جهلين ٿڪ
۵- اَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ، پڙهيءَ ڪارڻ پڪ
۶- اصغر اڪبر اسم اوهانجو، ڏوليا ڏڪيا اڳي ڏڪ

ڪافي ١١

تله:- دل کي ڏيئي درد، ياڪي ٿي وڃي يار ويٺين چو
١- ساعت ساعت پلپل پيارا، سڪئون پريان دم ٿو سرد
٢- سڪ ڪئون ڏنم سر پنهنجو محبت ۾ هاڻي ٿيس مرد
٣- نينهن جو تنهنجي هن نذر کي، نپوڙيو جيئن گل ورد
٤- سورن تنهنجن ڪئون سانول سائين، چهرو منهنجو ٿيو زرد
٥- هلي آءُ تون ياراسان وٽ، هڪ ٿيون اسين تون هرد
٦- اصغر عاشق عشق تنهنجي ۾، فرق سين ڪئون ٿئو فرد

ڪافي ١٢

تله:- ڪيتا مئنون مستانا، محبت ماهي دي سيان
١- چوچڪ چائي سئيان اتي سڪيان، ڏيندي جو ماهيدي طعنا
٢- ڪول اسانڏي ڪيون نه آوندا، هونداهي لوڪ بيگانا
٣- ڳڌهُم گدائي ڏي ڪي شاهي، سوداڪيتو سي شهانا
٤- روح اسانڏا موج وحدت تئون بلڪل ٿيا ديوانا
٥- فوج وقت دي ڪون ڏيک ڪرهڻ ٿيا عقل حيرانا

٦- اصغر آکي چڙ ڪي چاتم، سهٽا ياريگانا

ڪافي ١٣

ٽله۔ لنوءُ جنهن سان لڳي منهن جي، سو بي مثل بي ڪيف آهه
١- دور دنيا جي ۾ هئي دل ديواني، ديد دلبر جي سادگي
٢- ڪيم رجوع سو پار اصل ڏي، ٽڳڻ جي ويئي لڳي
٣- سنڌو صفاتي جو هيو وچم، پائڻ جي پت پڳي
٤- آيو آهيان اوڏڙو، تار تنهنجي سوڳي
٥- اندر اصغر عاشق جي ۾، نوبت نينهن جي وڳي

ڪافي ١٤

ٽله۔ محب مون کي مٽيو چوٽي، هيڏي فراق سان سهٽا
١- نياز اسان ناز اوهان وٽ، ڪرم ته پيي نه توٽي
٢- ڦالان پاتم ڪاله ڪتاب ۾، پڇي رهيس پوٽي
٣- سرجي گهر جيس کهي اچليم، چيم هوت سو هوٽي
٤- لاه فراق محب ملڻ سان، ڳاله اهاهٽ توٽي
٥- ڪُلُّ جَدِيدٍ لَذِيذٌ، اصغر عاشق نوٽي

ڪافي ١٥

ٿلهه:- هنجهڙيون آءُ هاريان، تنهنجي فراق ۾ سهڻا
١- تون ئي ٻاجهون جاءِ جنت ۾، ڀڳڻ آءُ ٻاريان ٻاريان
٢- وسرين ڪين ڪي ويل ڪنهن ۾، دم دم تي ساريان ساريان
٣- ڪنڌ ڪلهن تئون ڪوري جي اڇليم، سڀڪي صدقي ڪاريان ڪاريان
٤- ليڪين توڙي يار نه ليکين، پرت توسان پاريان پاريان
٥- اچڻ واري وک وک تئون، دنيا دولت واريان واريان
٦- اصغر چوي توريءَ جيئَ، ڪيئن گهڙيون گهاريان گهاريان

ڪافي ١٦

ٿلهه:- جوڳي ڪر جنسار آيا، شمي لاڪي
چوڙس تخت هزار، آيا جهنگ پڇاڪي

١- وال جوڳي دي ول ول ولڙي، هڪ هڪ وال سئو سئو چلڙي
ڪيتان زلف زنار، سياليان جهوڪ پڇاڪي

۲- گل وچ کفني سرتي کلنگي، مليس منهن وچ ڀڀوت ملنگي
سهڻا کر سينگار، عاشق کيتس آکي

۳- الست آواز جنهن ونجهلي وڄائيُ، روپ بلي دي دلڙي ريجهائيُ
لا خون دا خمار، معشوق آيا چشمان چاکي

۴- آوندي کيتيس دلڙي ديواني، چوڙ قبيلي فران مستاني
رئندي زار و زار، ڳالهيان ڳڻ ڳاکي

۵- اصغر عاشق مرشد موهيندا، صورت مورت سڀ سونهيندا
غمزن کيا گلزار، آيا سرمان پاکي

کافي ۱۷

ٿله:- سودا خوب کٿيوسي، صفتان دي ذات ڳڌو سي
۱- صفت دي دل تان دال دوئيُ دا، چوکي طرح چٿيوسي
۲- دوئيُ والا دليون درخت، پاڙون پٽ کٿيو سي
۳- کفر کبيرا هووي دورنگي، قلبان کلي سوکڍيوسي

۴- مئین مئین دي نال ني سودا، جو كتوسي انهي تون نه هٹیوسي
٥- لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰی تُنْفِقُوْا، سر سرِ راه سٹیو سي
٦- جیم جمع الجمع ذاتي دا، جیم جدائي داهك ٻي نال مٹیوسي
٧- واعدا وَ نَحْنُ دا اَنْفُسِ دا، جهولي پاكي جهٹیو سي
٨- فراق اصغر اكبر دا، نال اِلَّا اللّٰهُ دي لٹیو سي

كافي ١٨

ٹلھ:- عشق تیݙي كنوماهي، جڳ دي جنگ مین چائي
١- دلڑي سانڈي ٹكي دلبر، كیئون وت ٹیندئین راهي
٢- مچھي وانگي كیتيءِ شكار، گهتكي ڳٹان دي ڳاهي
٣- محبت میٹا قئون لڳڑي میكون، اج كله دي سوناهي
۴- اصغر پیٹي وچ محبت دي، مار نغارا سرشاهي

كافي ١٩

ٹلھ:- باه برہ دي پالي پالي، عشق تیݙي رانجها سائین
١- روح رنجول دلڑي دیواني، چول كیتي چالي چالي
٢- منڑا میݙا كیتيءِ مستان، لائي لبان كون لالي لالي

۳- آءُ تون رانجھا جاءِ ساڏي، ڪيڙي ڪنئون ٿي خالي خالي
۴- آوڻ تيڏي دي مين نماڻي کون، گڙکي زهر دي پالي پالي
۵- ماه ماه پالي پاڙي ٿالي، رين انذاري جو ڪالي ڪالي
۶- باجهئون درشن دي مين مول نه، محب منگان نه ڏوجهي مالي مالي
۷- وچ سيالين سهڻا سائين، نام تيڏي هينئان نالي نالي
۸- اصغر عاشق دا روز ازل کنون، ماهي مٺا توهين والي والي

ڪافي نـ ۲

تلهه:- ڪيتي سي هڻ اظهاري، مار ڪي نوبت شاهي
۱- فَاَحبَبتُ اَنَا اَظهَرُ ، نينهن ڪيتي نرواري
۲- ديد پا ساڏا سڻ ڪي ڪيتي، هر ڪنهن جا همواري
۳- وچئون احد دي احمد هوڪر، ڪيتم براق دي سواري
۴- ڪڏهان مسجد وچ ڪڏهان مئخانه، مل پيوان سرشاري
۵- ڪٿان بادشاه ڪٿان وزير، ڪٿان ڪريندا هوت ڪوتواري
۶- ڪڏهان اصغر ڪڏهان اڪبر، هاسوا هو مختياري

کافي ۲۱

ٹلہ: کول اسانڈي تون آوين، ماهي واري جاوان لک لک واري
۱۔ وچ آوڻ دي طرف سانڈي، گھوٹ نہ گھتين کا گھاري گھاري
۲۔ مين کنون ماهي سڻوڑي سنيان، گھڑي هک نہ گھاري گھاري
۳۔ مرض مينون هور نہ کوئي، محبت تيڈي هان ماري ماري
۴۔ گل وچ کفني ويس ويراڳي، سر پر برہ دي کاري کاري
۵۔ اصغر عاشق کون اپڻان جو کيتيئ، گھت کيي گڻان ڏي ڳاري ڳاري

کافي ۲۲

ٹلہ: نیٹان وهنديان موکان جيجي جيهان درد تيڈي کنون دم دم دلبر
۱۔ ويکڻ کيتي يار ماهيدي، جھنگ ديان ڳولان جھوکان
۲۔ هک فراق اُتي ڏوجها سکايل، مل کر مارن ٹوکان
۳۔ تيغان ابرو مژگان پالي، چبيان ثنا نديان چوکان
۴۔ بنڈن پٹيان هڻم نشانيان، رهن نشا نبر نوکان
۵۔ اصغر عاشق تون جو وصالون، کرن رقيبان روکان

کافي ٢٣

تلھ :۔ سڻ صفتان تساڏيان سھڻا، ير عشق واليان سرگھولي

١۔ شمس قمر شرمندي ٿيون، جڏان گھونگھٹ چاوت کولي
کيتي قرباني کرکر، آون حوران پريان کرتولي

٢۔ طوطي نون کائيُ طاقت ھي، وت ٻول اوجھا کوئيُ ٻولي
شھد شکر کنون شيرين الئيندا، ڇي ھي مصري متائيُ اولي

٣۔ صبر سکوت گيا سڀ دلتون، جڏان چٹنگ پئي چولي
درد تيڏي ديان دل ميڏي تي، چوھئون چتکي چولي

٤۔ اصغر عاشق تنھن دلبر دا، جھيندي شاھ شھان ھن گولي
مطلب مئي مشتاق دي ٿيون، جڏان لعل لبان نون چاچولي

ڪافي ٢٤

ٿله: اُپي ڪريان ٿي سودا انهون، سدا سانول تنهنجي درتي
١- بخشِ بَديون هن هيٺي جون، مَٿيون پيون جيڪي ماهون
٢- پاڻ ڪنديس پٽ ۾ پرزا، ڇڏي ويامون ڪي سوچاهون
٣- پرينِ تنهنجي پَسڻ لاءِ ووميان، تڪيان روهن جون راهون
٤- ساجن سهڻا توري توجيئُن، ويون وِلهيءَ جون واهون
٥- اصغر عاشق پنڌَ پرتِ جي، ٻانهيَ ڪي ڇڏ نه ٻانهون

ڪافي ٢٥

ٿله: ذات ڇڏي ٿيا ذات، جوڳ جوڳن جو جدا آهي جڳ ڪٿئون
١- صفت ڪٿئون ٿيا اصاف ساميئڙا، تَنَ جي نه تنِ ڪي تات
٢- دم ۾ دوست ڏي دُرس وياسي، رهيا نه ڪا هڪ رات
٣- هي جڳ ڇڏي تنهن جڳ ويڙا، جاتي نه ڏينهن نه رات
٤- مَا ڪَانَ مُحَمَّدٌ اَبَا اَحَدٍ، سمجھ لطيفي سالات
٥- سِيرُوا سِيرُوا سُدَّة آ سامِنِ، اصغر وائي نه ٻي تن وات

ڪافي ٢٦

ٿلهه: موهي مست ڪَيُو مخمور مونکي، چشمن تنهنجن ڪيو آهي چور مونکي

١- پُرڪري پيتم پيالو پرت سندو، برهه تنهنجي ڏنو جو پرپور مونکي

٢- چاڪن چشمن چِتَ ۾ چاڪ وڌا، چڪي چاڪن ڪيو تن چڪچور مونکي

٣- محبت من ۾ مدامي محبوب تنهنجي، مِهرئون محب ڪيو منظور مونکي

٤- جوشن جان ۾ جوڙي جاءِ ڪئي، نعمت آهي نصيب سو نور مونکي

٥- حسن حبيب جي هينئڙو حيران ڪيو، شيدا شوق ڪيو مشهور مونکي

٦- ڪيو ڪيچي عاشق اصغر چئي، ورنه ساڻ وصلَ مسرور مونکي

ڪافي ٢٧

ٿلهه: ڏنو چشمن خمار مونکي، تنهنجي اکڙين ڪيو اظهار مونکي

١- واه بادام اکيون بادام آهن، سرمين سياه ڏيکاريو اسرار مونکي

٢- صبر صورت نيڻن سڀ عقل عيش، برهه سڀ ڳڻن ڪيو آ بيزار مونکي

٣- دين دانش ڌيان ايمان رهي، صاحب عشق جو ڏيو آزار مونکي

٤- زمين زور ڪيو ايمان سڀ، ڪفر منجهه ڏنائون اختيار مونکي

٥- موهي مست ڪيو مخمور آکن، انهين نيڻن ڪو نروار مونکي

۶- خُمرُ خماري خاصو هاڻي خوب پيتمُ، بيحد تنهن ڪيو بيقرار مونکي

۷- پروان جاڙيون تنهنجون هَنِ تراريون تِکيون، ڪُهج قرب نه ڪَجِ مرار مونکي

۸- لالڻ تنهنجو لقاء صبوح سَنجهيءَ، ڏاڻ ڏيندو اهو ڏاتار مونکي

۹- ديدن دل ڏِڳي ديوان ڪئي، پسڻ تن جو پرين آهي تار مونکي

۱۰- ميلو تنهنجو آهي مدعا اصغر جي، عشق تنهنجي ڪيو انوار مونکي

ڪافي ۲۸

ٿلهه:- چوري چشمن ڪيڙس چِت چري، ساجن توري منهنجي نه ساعت
سري

۱- ننگ نباهج ناميا! نان چوري ڇڏج، ڪوئي تنهنجي سا آهيان توڙي ڪري

۲- سُٺي سڌ سُميرم صاحب تون، ورنه وارث وهندو آءُ
وري

۳- ڪيچي ڪولِ تون آءُ قريب منهنجيءَ نه ته ويندس محب مجيب
مري

۴- ڏاتر مَنهن ڏيکارِ ڏُکي کي تون، دانا دلبر ڪولي دل جي
دري

۵- پاٽون پردو رکج هن پرني جو، ساري صحبت ويندي سا ڳهلي
ڳري

۶- اصغر عاشق کي آهي تنهنجي طلب، ايندو توڏي انشاءَ الله تار
تري

ڪافي ۲۹

ٿلهه:- طلب تن ۾ تنهنجي آهي تار مونکي، پلپل آهي پرين سا پچار
مونکي

١- هر دم حب هنيانءُ ۾ آهي تنهنجي، ساتان بخش مدامي مختار مونکي!

٢- ڏمرُ ڏاڍُ ڪري ڍوڪين ڏُکي، ڪيچي ڪرڻ قربُون سودار مونکي

٣- مورچا مڙگن جا جوڙي جانبَ تون، ڪيئي ڪانَ هڻين ٿو ڪنار مونکي

٤- پيرو ڪريتار پوري ٿي پِري، باري برھ جا ڏِنڙيُ بار مونکي

٥- اصغر عاشق چئي ٿو عرض اهو، ڪڏهن ايندي وصال جي وار مونکي

ڪافي نـ ٣٠

تلھ: ڏونگرا وهين ڏَس ڏيوڙي ڏيوڙي، ڏيو ڪو ڏيرن جو
ڪيچي منهنجا ڪالھ قطاريون ويا

١- ويٺڙي آهيان واٽ تي، جانب ملندو جوڙي جوڙي

٢- ساريون ويٺي ساريان، ساجن منهنجو سوڙي سوڙي

٣- اٺ قطاريون ڪالھ ويا، تو ڏاوٽئُون توڙي توڙي

٤- اصغر چوي اُن لاءِ، رَندَ وٺيون روڙي روڙي

ڪافي ۳۱

ٿلهه جوڳڻ سان ڪري جاڙون، جانب ويڙو سو جيڏيون

۱- جن جدا ڪيو جانب جيءَ ڪان، پٽ پرور تنهنجون پاڙون

۲- اندر منهنجي ۾ پهرائيُ هن، ڀڳڻ ٻروچ جون ٻاڙون

۳- ڏک جي ڏنگين کي ڪوهه ڪريندين، جوڳڻ جو جيڏيون جهاڙون

۴- ڪيچي ويڙو ڪري ڪيڏيون، ڏوهڻ سان سر ڏاڙون

۵- پنيءَ پرينءَ جي پرتي پهاڙين، تانگها ڏيون سي تاڙون

۶- جمر جانب سان ڏسي ڏکي کي، رک رقيب ڪن راڙون

۷- اصغر عاشق محب اچي مليا، سڙيا رهن انهيءَ ساڙون

ڪافي ۳۲

ٿلهه- درد تنهنجي دل داڳي، روح رتيون سهٽا سڪ ڪيو

۱- سڻ سوال سهٽا سقيم جو، ورهه تنهنجي آهيان واڳي، نير نيٽان هي نڪ ڪيو

۲- گهران نه گهوڙو پرديس، پيرين، سڳي تنهنجي ساڻ ساڳي
نيٽين ناوج لڪ ڪيو

۳- اندر منهنجي ۾ عشق پنهنجي جبي، آڳ عجيب تو آڳي
درد وندي تنهنجي دک کيو

۴- تار جا زلفن جي ظالم زوري، تن منهنجي ۾ تو تاڳي
چوٽو سوهين تنهن چک کيو

۵- غمۂ گوندر ويرو چاندر، محب ٿيو اچي ماڳي
روه جنهن لئي هومون رِکيو

۶- اصغر عاشق جيئي عشق عادت، آجانب لئي جان جاڳي
چولو روئي تنهين چِکيو

سر جهنگلو

ڪافي ١

ٿلهه:- جيءَ اندر هن جنجال، سانديندي ٿيم سال
١- جيجان ٽڙي جوش جتن جي، آهي اندر ۾ جال
٢- گذري ٿِي سو غم ڪئُون، گهڙي ورهه گهڙيال
٣- ٻٽيءَ ٻيئي پرينءَ جي، لڪ روئيءَ ڪيم لعل
٤- ٻيئي پهرئين پني ۾، فراق جي فال
٥- اصل ڪان اندر ۾، پورن ڪوڙيا پال
٦- روئيءَ رنگيندِيس رت سان، لڪ مڙوئيءَ لعل
٧- ملنديس تنهن محبوب سان، شال پلي جي پال
٨- اصغر چوي عشق ۾، هونن ري هڙا تيڙم حال

ڪافي ٢

ٿلهه:- سانگو هيڏي ڪريو ڪريو، لا آهيان آسائتي آءُ آهيان

۱- قدم ڪوهيارا ڪرم پنهنجي سان، در منهنجي ڏريو ڏريو
۲- هينڙو هيٺي جو سوزن سورن جي، ڏک کئون پوي ڏريو ڏريو
۳- اٿم اميد ايندو عجيب، اک ٿي منهنجي ڦريو ڦريو
۴- ڏاران توکئون دم ڪو دلبر، درد وندي نه سريو سريو
۵- اصغر عاشق ٿي نه تون عاجز، آري اچي سو وريو وريو

ڪافي ۳

ٿلهه:- سڀ ڪنهن سڄڻ اڄ عيد ڪئي، مونکي توريءَ ماتام آهِ
۱- عيد اضحیٰ جي آئي عاشق جو قتلام آهه
لوڪان خوشي مون لئه حشر سورن سندو انجام آهه

۲- دم دم وصل جو مشتاقن کي بي مدام آهه
سرسوڏو سڀ ڪنهن سٿڻ اهو عاشقن لحرام آهه

۳- سور سختيون سبق لئي عاشقن اڪرام آهه
سي حيرت ۾ حيران هن بيءِ هر ڪهين آرام آهه

۴- سر ڏيڻ سک اندر رهڻ جو توتي وام آهه
ترب وارن جو قتل عالم اندر آشام آهه

۵- مستن جان مخلوقات جو مون مٿي اڙدهام آهه
مهڻن ملامت توک سندو هل هنگام آهه

٦- ڪو چوي اهو ريو ڪو چوي سرسام آهه
ڪو چوي سودا اٿس ڪو چوي پيتو هن جام آهه

۷- دلبر هن ديوانئَ کي پئُو دوستيءَ جو دام آهه
اصغر عاشق جي عشق جو هي قصو ملڪ ۾ عام آهه

ڪافي ۴

تلھ:- ڪيچئُون ڪانگو ڪاهي ڪاهي، آيو اجهو اڄ سرتيون

۱- ايندي عجيب جو هن هيٽي کي، ڏس ڏنو ڏاهي ڏاهي
۲- زاغ زبانون بوليون اچڻ جون، سعيو سهٽي آهي آهي
۳- خبر ڪيا نتل آندڙي، غم ڇڏ بيئين لاهي لاهي

٤- سخن سچو سڀ آهي، ٿاهه نه ٿو ٿاهي ٿاهي
٥- جَاۤءَ الۡحَقُّ وَزَهَقَ الۡبَاطِلُ غير حڏيئين ڏاهي
٦- دال دعوا جو اصغر عاشق وٽ، انهيءَ آئي ناهي ناهي

ڪافي ٥

تلهه- ايندو جاني جائي جائي، لاهيان اميدون نه لاهيان

١- ڪانگل ايندي عجيب جي، ڪر ڏني ڪائي ڪائي
٢- لَاتَقۡنَطُوۡا جي پاريءَ پنهل جي، تن تسلي آئي آئي
٣- لڪ جا لڪي دوست دلاسي، ساهه وٽي سائي سائي
٤- منجهه ڪتابت هئي اشارت، ورڻ سندي وائي وائي
٥- اصغر عاشق جي دل ٿي ديواني، چشم جڏهين تو چائي چائي

ڪافي ٦

تلهه- چاهه جي چاٽي نه چاٽي، ٻانهپ تنهنجي مون آهولي

١- ساهه ۾ سڪ جو سڳو وڏڙيءَ، پاڻ ڏي تاٽي نه تاٽي
ايندي تو ڏي پاڙهي گولي

۲- سٽي آزيون يار نذرجون، رحم جي آيڱ نه آيڱ
گولي ته پيي تو ٿون گهولي

۳- جيڪي توکي پين پڌايون ڳالهه جي چاڙي نه چاڙي
جهوري لئه جهليم جو جهولي

۴- عشق وارن جو ٿرنه توري، سنگت ياڏي نپاڏي
سو نهين سائُ توسان ٽولي

۵- پهچ پنهل کي اصغر عاشق، انهي ٿاڏي نه ٿاڏي
تان پڻ هوندين گولي

ڪافي ۲

ٿله:- کل کانگل اچي ڌي کا، سڌ سڄڻ جي ساري
۱- گهورون گهوريان تنهن سهٽي تون
سگ سپيئي يار پيڪا سرسوڌي دنياداري
۲- وساري ويهڻ وندرم ورنه، هوت ڄڳائي توکي هيڪا
گهوٽ وجهڻ هاڏي گهاري
۳- لنو جنهن لاءِ وندر ساو يندي، جتن سان هلي جيڪا
جهاڳي جبل ۽ واري

۴- مھر عجيبن جي جبل ۾ جيڏيون، ٽڪي ٿي شل ٿئي ڪا
برھ آيو آھي باري

۵- اصغر عاشق جا سٽوا وھين سرتيون، نياپا ھي وٺي ني ڪا
جتي آھي منھنجو آري

ڪافي ۸

ٿلھ۔ ڪل ڪانگل اچي ڏيندو سڏ، سڄڻ جي ساري

۱- پاڻ پلائي ڪيچي ڪوھيارل، نيٺ نڌر سو نيندو
ڳڻن جي وجھي سوڳاري

۲- ويھي جي واھر وندر جي واٽ ۾، ٽڪيءَ سان شل ٿيندو
دوست ڏيندو دلداري

۳- درد دفع ڪيا اچڻ عجيبن جي، ساھ ايھو سيڌو
گھوٽ وجھي متان گھاري

۴- اصغر عاشق وندر آئون ويندي، جيُ جيتر ھوندو جيندو
تن تنھنجي ھوندي تاري

ڪافي ۹

ٿله: نيڻن ڪئي باراني، تنهنجي فراق ۾ سهڻا
۱- رات جا گذري هن هيٺي جي، تڪيندي سو تاراني
۲- نيڻ جي تنهنجا آهن مون لئي، ماڻ پريا سي ماراني
۳- عاشق موتن جي جڳ ۾ ٿين، ڪوڙاءِ سي ڪاراني
۴- ڪڏهن ملندين هن ويچاري سان، تڪيان تنهنجاٿي چاراني
۵- اصغر عاشق هڏ نه هنندو، پرت ۾ ٿئي جي پاراني

ڪافي ۱۰

ٿله- ماهي ميڏي دل لٿي [وي يار] ڪه نون ڏيوان دل دي ويڏن
۱- گهر پيٽي نون گهاڪر چوڙيس، گهل گهوڙا گهن گهٽي [وي يار]
۲- ماهي مهي ڏتي ماهي مينون، گهٽ تهين جو مڻ گهٽي [وي يار]
۳- ريجهه رانجهو نال جنه وت ڪيتي، سا ڪڏان ول چٽي [وي يار]
۴- درد فراق دي ماري مينون، نينه ڪنون نه مڻ هٽي [وي يار]
۵- اصغر عاشق الله ڪريسي، ڪاوي ڪيٽڙي نون ڪا ڪٽي [وي يار]

ڪافي ١١

ٿلهه:- ڪيهي ڪيئي مون سا ڪيهي [آئُون ٿي پاڻان]
آئُون ٿي پاڻان ڪا جادو جيهي [جاني ڪيهي]
١- پاڻ پلائي پنهنجو ڪيڙءِ، جوڙ ناهيان جتي جيهي [جاني]
٢- نيڻ چپائي رمز ڪي وئين، پوءِ نه پڇئي پڪي پيهي [جاني]
٣- عيش اصغر کي يار ڏيکاريو، وِرهه وڇوڙي نگسُ ديهي [جاني]

ڪافي ١٢

ٿلهه:- ماڻا نه ڪرتون مون سان ماڻا، سو دل يار سياڻا
١- ڏانئُو ڪوڏ سيو پنهنجي ڏسڻ جو، چاڻ اهونتي چاڻا
٢- پار درياءُن جهوڪ رانجهو جي، پاڳيا وسڻ تنهنجا پاڻا
٣- عشق اصغر کي يار ڏيکاريو، پنهنجي ديدار جا داڻا

ڪافي ١٣

ٿلهه:- آهين تون پاڻ اصل، پول متان ڪو ڀُوتون چاٽين
وحدت واري باغ جو، بي شڪ آهين بلبل
١-

٢۔ نَحۡنُ وارو سمجھ اشارو، غير جو ڇڏ تون غل
٣۔ اَيۡنَمَا تُوَلُّوۡا فَثَمَّ وَجۡهُ اللّٰهِ، ٻول نه ٻي کنھن ٻل
٤۔ اصل نقل جو فرق ڇا هي، اوهو جَوَاهِر امل
٥۔ بعد نفي جي اثبات آهي، اصغر ٿيو اکمل

ڪافي ١٤

ٿلھ:۔ ڪوري ڪلھن ڪٺون ڪنڌ، پيچ پوءِ پرو پرت جو
١۔ سيف جا آهي سڪ جي، وڍي ورهن سنڌ
٢۔ دعوت ڪرتون دوست کي، ڏانھ هيئين ۾ جوڙي هنڌ
٣۔ سھڻو ساجن ساھئون اوڏو، پرين پري نه ٿئي پنڌ
٤۔ اڳيون عجيبن عجز افضل ٿي، اصغر ڇڏ تون انڌ

ڪافي ١٥

ٿلھ:۔ ٻول نه ٻيءَ کنھن ٻل، اٿئي تنھنجو پرين تو ۾
١۔ تون آهين وڻ وحدت جو، توهين مکڙي توهين گل
٢۔ هرهنڌ هر سو تنھنجو، هي هلا چو هل
٣۔ ڪل نه ڪنھن کي انھي ڪن جي، سمجهيا هو جو پيئي امل

۴- سمجھ سفر در وطن ورھان، راھ وٺيون نہ رل

۵- وَھُوَ مَعَكُمْ سو آتي اصغر، ڏوري ڏور نہ چل

ڪافي ١٦

ٿلھ: آءُ ٻڌي منھنجون آھان، ڪيچي ڪاھي سوڪرھو

۱- گھر گھوري جي گھوٽ تون گھارج، ڪنڌ ڪٽي ڏي سَو پانھان
سڪندي ٿيءُ ساھ سرھو

۲- ھي سر صدقي ڪنديس قدمن تئون، ميدي مدھيراءِ راھان
چانگن تنھنجن چرھو

۳- پانڌي چئج چڱيان پرينءَ کي، درد وندي جون دانھان
ڳچي پائي سوڳرھو

۴- نيا پو نڌر جو نسيُ ڏج ويندڙ، ڪافن مٿون ڪري ڪاھان
ھلو ھُتي ھِتي مَرھو

۵- اصغر عاشق درد تنھنجي ڪئون، روز تڪي تنھنجون آھان
آھي اوھان ريءَ سوارھو

ڪافي ۱۷

ٿلهه:- دانهه وسين هرجاءِ، پوءِ ڇو لڪائين پاڻ ٿو
۱- رُبَّ اَشْعَثُ پوش ڪيو، پاڙهين ڍڪائين پاڻ ٿو
۲- منصور تي اَنَا الْحَقُّ چيوئي، سوري چڪائين پاڻ ٿو
۳- ڪاٿي ٿئين گلزارِ، ڪاٿي چُڪائين پاڻ ٿو
۴- معشوق عاشق پاڻ ٿئين، مسڪين سڪائين پاڻ ٿو
۵- اصغر عاشق جي دل اندر، پنهنجو تڪائين پاڻ ٿو

ڪافي ۱۸

ٿلهه:- سوري تي سر منصور جان، سلين سلائين پاڻ ٿو
۱- شمس جان شعلا ڪيو، ڪَلين ڪلائين پاڻ ٿو
۲- خليل جان خوش ٿيو ڪليو، پلين پلائين پاڻ ٿو
۳- شمع مٿي پروانو ٿي، جلين جلائين پاڻ ٿو
۴- بحرِ بر پاڻ آن، تلين تلائين پاڻ ٿو
۵- اصغر پي تون اڪبر پي تون، الين الائين پاڻ ٿو

ڪافي ١٩

ٿلهہ۔ ديدن وڏيس ڏکيڙي ڏکيڙي
پلو دلبر دوست پنهل جي [پلودانَهَ]

١۔ راضي گهر جي هڪ گهوٽ گهوري کي
پلڪارن جو پيؤ نہ پوري کي
ويري چاچو وکيڙي وکيڙي

٢۔ عشق آري سان منهنجو روز ازل کئون
ناهي اڄ جو ڏينهن اول کئون
پلو سپ کئون آهي اکيڙي اکيڙي

٣۔ ناهيو اوهين ورهہ جون ورتيون
لنؤ لعلڻ جي آهي من کي سرتيون
پلو تيلهان تتي ٿي ٿکيڙي ٿکيڙي

۴۔ ريهي روح رلي جو نيو رانول
سو گهو ساهہ سڙي جو کيو سانول
پلو سِکَ جي ساڻ سکيڙي سکيڙي

٥- بچي باهه برهه جي پوريون
نماڻي ڪُئون چاڪي سا چوريون
پلو دل ويو دوست ٺڳي ڙي ٺڳي ڙي

٦- تارطلب جي ٿم محب سان ميچي
چٽندو ڪين ڪميڻيءَ ڪُئون ڪيچي
پيڙ بلڪل پڳي ڙي پڳي ڙي

٧- ڪنديس پرزا پاڻ ته پنهنجو
هادي هوت تان آهي منهنجو
پلو چوريون چاڙو ٻڳي ڙي ٻڳي ڙي

٨- طعنا تهمت مهڻا ملامت
اصغر عاشق ڪُڻن امانت
پلو جڳ سيوجي جهڳي ڙي جهڳي ڙي

ڪافي ٢٠

ٿلهه:- سورن ساڻ سِهوڙي سهوڙي
پلو جيڏيون هن جڏيءَ جوٺيو
پلو سرتيون هن سڙيِ جوٺيو

رمز رِانول جي منهنجو روح ريجهايو ‏-١
سور سانول جي منهنجو ساه سجهايو
پلو ڏک ڏکيءَ کي ڏهوڙي ڏهوڙي

پرت پنهل ويو پنڌ ۾ حا پوکي ‏-٢
دردَ دلبر جي وڏڙيس دوکي
نينهن ننگيءَ جي نهوڙي نهوڙي

ويهي رهان کين ساعت سرتيون ‏-٣
اوهين سيئي پيرن کي پرتيون
پلو وڃي آئين گهر وهوڙي وهوڙي

محبت موهي آءُ کيس مستاني ‏-٤
درد جا کيڙي دلڙي ديواني
پلو وِره ته آهيان وهوڙي وهوڙي

اصغر عاشق کسندي نه کُرکن ‏-٥
مُتا مرندي مشکن مرکن
پلو انهيءَ ڀيءَ ائين ڀهوڙي ڀهوڙي

ڪافي ۲۲

ٿلھ:- تنھنجي رمزن جادل ريھي، تنھنجي ڳالھ چوان ڪيھي

۱- ورھ ٻچي مونکي ڪيو ديوانو، خويش قبيلي بيحد بيگانو
آءُ پڪي ھن پيھي

۲- عمرِ توريءَ ويم اجائيءَ، گذگذار نہ ٿئيم سجائيءَ
ورھ وراھيو ويھي

۳- ھوندو نہ مون جان ڪوجان نشانو، غم جي گھورن جو ڪيئہ نشانو
درد پريئہِ چو ديھي

۴- اصغر توتي ايڏو عاشق، جيئن عذرا تي ھيو وامق
ٿي اچي تنھن سان ڏيھي

ڪافي ۲۳

ٿلھ:- پاڪ پسان آءُ پيشاني، سھڻان سدا شل تنھنجي

۱- وانگي فرھاد جي سينو سليان، نينھن جا ڪيو نيشاني

۲- دمدم درتوُن عاشق بوڏ، بيحد آھي بيشاني

۳- آھن اکين ڪئون جرجال جاري، رت سندا سي پيشاني

٤- راحت رنج ۾ راضي رهن، پريتن جا هي پيشاني
٥- وڙءُ ون پنهنجي وچ ويهارج، جيڏين سان تئي شاني
٦- وڙ ڪيڙءِ وير ولهي سان، تنهنجو نه آهي ڪوشاني
٧- اصغر عاشق محب مليا اچي، ٿيس معاف نيشاني

ڪافي ٢٤

ٿلهه:- ڪوهه ڪنديس تنهنجون شالون، لڪ لهي منهنجي لوئي
١- اڳهين هوا هت حاڪم عمر، زور نه آنديون ڪنهن زالون
٢- وٺ ڪائڪن کي ڪرنه قيد، چوڪيون نه هي تنهنجون چاليون
٣- موڪل ڏي نه وڃان ملير، پلا پانهنجي سو پالون
٤- وڃڻ ڪارڻ ويڙهيچن جي، پايان پلپل سو فالون
٥- سٽن اپن مٺون دردا ورجي، نڪري ويندين منهنجون نالون
٦- ڏرڪن ڏيرن سان ڪين ڪنديس، سنهان سوڙيون تنهنجون شالون
٧- ڪچ جا اوين ڪنگٽيون ڪندلا، لوئيا ريون نه هي لعلون
٨- اصغر عاشق تئون لاهه فراق، هاڻي ويو آهي سوالون

ڪافي ٢٥

ٽله:- ڪر عمر ڪو عدل تون، هيڏو هاجو نه ٿو ٿيندو

١- ظلم زورو نه ڪر ضعيف سان، دانهَ ڏار عقل تون

٢- اٿم نڪاح ڪيت سان اصلئون، پيءُ ڪئُون پاءِ اصل تون

٣- وڃان آءُ ويڙيچن ڏي، فائق ڪر ڪو فضل تون

٤- ڏمر نه لاهيان ڏنم ڏنارجي، باندياڻي ٿي مَريل تون

٥- ڇنگر چاريون منجر موريا، موڪلندي مَجهل تون

٦- هن وڇوڙي ڪئُون اصغر چوي، ڪر پنهواريون قتل تون

ڪافي ٢٦

ٽله:- جاني ملي نه جيئان جيئان، پلي مشهور ٿيان ٿيان

١- جَل جدائيَ جي جيئُڙو جلايو، روح ڪري ٿو ريهان ريهان

٢- ڪَدَ ڪوهياري جي ڪيم ڪشالا، هيٺون نه ٿي تون هيان هيان

٣- ازل مان سان ائين ڪيڙو، ڏوهه پيو ڪنهن کي ڏيان ڏيان

٤- اصغر عاشق چئي عشق وارن جيئُن، شل نينهن نيائيَ نيان نيان

ڪافي ٢٧

ٿلهه:- رحم نه پيور تي ڪاتو، زارئون زاري ڪيم روئي روئي

١- اڄ نه ڪلهه ڪان پر روز ازل ڪان، پرت مون توسان پوئي پوئي

٢- نينهن لائي ڇا ڪان پرين پوءِ، پيئي کهڙي دوئي دوئي

٣- مون واجهائيندي ورهه لنگهيا، قاصد نه آيو ڪوئي ڪوئي

٤- واڪا ڪريان ٿي وِرهه ۾ تيلان، نينهن ۾ آهيان نوئي نوئي

٥- هيڪر ملج هن هيٺيَ ڪي، سوال منهنجو سڄ سوئي سوئي

٦- اصغر عاشق چيئي چيني نه ڇڏجان، لوڪ ساري توسان لوئي لوئي

ڪافي ٢٨

ٿڌه: منڙا ساڏا ليا موهه ڪيي، ڇائِڪيي چشمان چوري چوري

١- نين ماهيدي ڪيف ڪٽوري، دور ٿهيندي دل ڏوري ڏوري

٢- پلنگ پڙاٽيان کهِ ڪيڙي ديان، واه رانجهي دي ٽوري ٽوري

٣- ماهي مهي ڏي ڪيي دلڙي نيس، گهتڪيي ڏکان ڏي ڏوري ڏوري

٤- اصغر عاشق عشق انهين دا، ظالم ڪريندا زوري زوري

ڪافي ۲۹

ٿله:- ويسان مين جهوڪ ضرور، تسان مينون ڪيون وي جهليندريان

١- ترتر نديان ويسان طرف سجڻ دي، لنگه ڪي پهلي پور

٢- ڪڏان وت هسدا نيڙي جووسندا، ڪڏان ڪريندئُ دور

٣- گهت ڪي جدائيُ پار ڪيون وسندئين، گهاوان دي ڏيئي گهور

٤- اصغر عاشق عشق تساڏا، مُلڪان دي وچ هي مشهور

ڪافي ۳۰

ٿله:- لايو نماڻي ناتو، ذات زُورَا وَرَ سان

١- هتان ڪولنگهيو سات سيدجو، ادا ڏونگر ڪل ڪاتو

٢- زُورا زُوري چاڙهي ويا چوري، اديون ڏئُ ويا اوراتو

٣- اوڪا پنڌ پهڻ پٽيون، چمي نيٽن مون آ [illegible] چاتو

٤- اصغر عاشق چوي قدر عشق جو، جن لاتوتن چاتو

ڪافي ۳۱

ٿله:- ڪڏهن توسان يار ويهي، ڳجهيون ڳرهيندس ڳالهيون

۱- ڀول ڀڄڻ جي هڏ نه هيڙي، رمز تنهنجي آهي دل ريهي
۲- اپر يوسج جنهن ۾ جانب، ڏيه وريا پر ڏيهي
۳- پنهل پيارا جيءَ جا جيارا، پکي اڄ تون پارس پيهي
۴- جيهي مون سان لائق لاييءَ، هي هي ڪنهن سان ٿي هيهي
۵- سورن سوزن جي هورن هولن جي، ڪل اڳي چوان ڪيهي
۶- هن هيٽي سان هوت هلي ڪري، نينهن نيائج نيهي
۷- اصغر عاشق ٿن فراق جي ڪان، ڏکي ڏکي جي ٿي ڏيهي

ڪافي ۳۲

ٿله:- پالئون پلا پيرو ڪجو، هن پاڻ ٿوري اڄ پري
۱- گهور گهائڻ جي گهٽي، اڄ گهوٽ هن گهر ۾ گهري
سگهو اچج سرور سچا، ساجن ڪيان صدقو سري

۲- ڪمڙا ڪيم ڪمڙا بچا، ڪيچي پيس قلبئون ڪري
وعدو وصل جو ڏکي ڏي، ورنه نه وڃ بلڪل وري

٣- تن تتي جو تاوڪئون، ٿيو تڪا جيڏيون تري
ڦڦڙ ڦڙڪن ڦٽي جا، ڦٽڙا ڇٽائج اچ ڦري

٤- ڇال ڇڇوهرتا اڇن، ڇوري سرتي ڇوهئون ڇري
گرگ گيندا گوشت لئي، آيا گهر ۾ گهري

٥- اصغر جو ساهه سرير ڪٿون، ساجن ڏي ويڙو سري
هورن ۾ هيجئون هوت ڏي، حب ڪئون ويو هينڙو هري

ڪافي ٣٣

ٿلهه:- دلبر ڪري ديوانو ويو، دلڙي ديواني جي ڪسي
ڳهورن سان ڳهائي گهوٽ ويو، تنهنجون چسان هي ٻيجي

١- راضي ٿي رهبر راهه ۾، واهر ولهي جي شل رسي
ڪوڙين ڪڪرڪارا ڪيون، ورهه ٿو مون تي وسي

٢- پاڏهي پرت جيءَ پسون هينڙو اديون منهنجو هسي
ٿيندي نڪاري نارسان، جيڪا نينهن ڪان سرتيون نسي

۳- دهلي جيڪا نه درد ڪئون، پرتئون پنهل ڪي سا پسي
نشي نينهن جي ڪئون ڪيم گم، سرتيون جنهن جهتان جيسي

۴- ورد ۾ جهُت جي هڪا، ساجا آهي مون لئهُ بسي
عقل وارو ڪو نه ويندو، ٿا وڃون عشقئون اسي

۵- ٻر ٻر ڪري ٻڏندا اُهي، جيڪي عشق ڪئون ڏسندا ٻسي
اصَغر وچ اوڏاهون، سندرو ثابوت قصدئون ڪسي

ڪافي ۳۴

ٿلهه:- تو ڏارئون جڙياجاني، روح ڪنهن سان وندرايان

۱- ملهه خريدا اصل اوهان جي آهيان، ٻاروچل جي آهيان ٻانهي
سينو تنهن سان ڪهڙو ساهيان

۲- ڳوليان ڏوٿيان وندريئي وڙيان، ڪو نه ڏسان تنهن جو ثاني
ڳجهه جون ڳالهيون ڪنهن سان ڳرهيان

٣- هڪ ته اڳئي صورت جو سهڻو، ٻي جاپا تيئهٔ ڪجل ڪاني
بدن توري ڪيئن بچائيان

٤- اصغر چوي ڦڙا فراق جا، ڦٽن ڪئي آ پريشاني
چاڪ تولهٔ پسئي چڪايان

ڪافي ٣٥

ٿله- نال هوتان دي ، زاري وي زاري
١- ڳجهڙا تعويذ ميڏا ڪروسي ، يار ميڏا اسراري
٢- در در گهر گهر ڏيون هوڪا، مام تساڏي ميڪون ماري
٣- اصغر عاشق ڪون اپڻان جوڪيتئي ، پائي ڪي ڳل ڳچيءَ ڳاري

ڪافي ٣٦

ٿله:- اڄ ڪي آيون آيون، آيون دوست منهنجي جون دلداريون

١- ويهي وهايم راتيون ساريون ڳالهيون ٿي ڪيم اوهان واريون
نيڻن ٿي هنجهون هاريون

۲- ڪانگ آنديون خير جون خبرون، آڻي ڏنائين سُڏيون ساريون
پکي پنهنجون پتيون پاريون

۳- اَصغر عاشق عشق اوهان جي ۾، در ڏٺي ڪيم زاريون
بخشي بندي کي بدڪاريون

ڪافي ۳۷

ٿلهه:- دل ڦريئي دوست دلبر، وري ماڻان ڪرين ڪوهه ٿو

۱- ٻاڻان چاڻي پرين پرتيائي، سچا وسارِيئي سرور، ڏادا رکين کهڙا ڏوهه ٿو

۲- ڪاله جي آيا ڪرها ڪيچئون، شتابيئون سي منجه شهر، تن مئون سجهي دوهه ٿو

۳- وهن وڪرن غمن فِڪرن، اچي ويڙهيو مونکي انور، وَڏائي وِره انبوهه ٿو

۴- محبت من ۾ مچ مچايو، ڏُکايو ڏکيءَ کي ڏونگر، تاري عشق اندوهه ٿو

۵- زاريون ضعيف جون ٻُڌي ٻاروچا، مُکئون وِچ نه ائين منور، رانول ٻجهي وهه ٿو

۶- سنجهي ڪٽي فوجان فراقي، حب جي هِنيانءَ ۾ هو نگر، چيڙ چلائيم چوهه ٿو

۷- ڦٽيا ڦڦر تَن مَن سودا، لال لَڪن جي شڪر، لِنگن مان وهيس لوهه ٿو

۸- رحم نه لاهج چِڪَ مئون چاڙهج، هن عاصي کي اصغر ڳائي تنهنجو توهه ٿو

ڪافي ٣٨

ٿلهه:۔ عشق ڪيون آڏي اُيلان، جيئن مجنون هُئو ليلان

١۔ پڙ پرت جي ۾ عاشق اصلئون، ڪُڏن جون ڪرن ڪيلان

٢۔ پوَنه بارش جو آهي تهين، سڪ جون لنگهيون جنهن ٿونسلان

٣۔ صبر سڪوت دور ٿيو دليئون، پورن ڪيون مون تي پيلان

٤۔ چران ۾ چنيپ جي ڏسجن جڳ ۾ روح منهنجي جون ٿيون ريلان

٥۔ اصغر عاشق سان ڪڏهن ٿينديون، وير وصل جون سوويلان

ڪافي ٣٩

ٿلهه:۔ ڪانگڪئي مون سان ڪائي، اڄ صبح ايندو حبائي

١۔ سرتين سنگتن مٿن ماٺن جي، اوطعنن آءُ هيس تائي

٢۔ اڄ سي ايندا مون سان مِلندا، لنوُ جنهنجي مون آچائي

٣۔ رُقعو رانول مُڪو اچڻ جو، گهورَجنهن جي آهيان گهائي

ڪافي ٤٠

ٿلهه:۔ ڪنهن نون ڏيوان دل دي ويڏن، ماهي ميڏي دل لُٽي

۲- گهرٻيٺي نون گهاڪر چوڙيس، گل گهوران دي گُهٽي!
۳- ڏُوڌ ٻلاءِ ڪي دوڌ جو ڪيتس، ٿت اهين ول ڦٽي
۴- ماهي مَهي ڏِتي محب مينون، گهُٽ تهين جو هَٿُي گهُٽي
۵- موت فراق دي ماريا مينون، نينهن ڪنون ميئن نه هَٽي
۶- اصغرؔ عاشق الله ڪريسي، ڪاوي ڪيڙي نون ڪاڪُٽي

ڪافي ۴١

ٿله:- آئُٿي پانيان ته جادوجيهي، جاني ڪيهي ڪيئي مونسان
١- آءُ جانماٽي عيبن هاٽي، جوڙ تنهنجي نه جتي جيهي
۲- رمز جالائي نيڻ رکي وٺين، نه پُڇئي سوڪي پيهي
۳- عيش اصغرؔ کي دوستَ ڏِکايئي، ورهه وڇوڙو لنگهيم ويهي

ڪافي ۴۲

ٿله: چوڙ ڪرڙو توسي دعويٰ، ڪيتي سهڻي دي وو ميان
١- ڪد ڪدورت چون دل دي، صاف ڪيتوسي جيون ڪاوا
۲- مسلم ڪيتم نفس ڪافر کون، گوشت گوا ڪي ڳاوا
۳- وسين وجودي لاهه ڪرهُڻ، ٿاڙڪي ڪيتوسي ناوا

٤۔ چپ زبان ڪيتي الاوڻ تو، هن آليندا هي لاوا
٥۔ لَا يَسۡمَعُوۡنَ فِيۡهَا لَغۡوًا هي وحدت، اصغر عشق ڏي ماوىٰ

ڪافي ٤٣

ٿله:۔ ڏيرن کي ساوڃي ڏيندي، منهنجو ڪيچ نيا پو
١۔ رنجائيءَ جو ويڙين هڪ راتڙي، رندن تي ساپيءَ رڙندي
٢۔ الله اڪبر جي آئين رمزڪي، پرينءَ ڏارا ساڪيئن پرندي
٣۔ اصغر عاشق چيئي عشق وارن ڏي، واڳ سائي ساڪ ڏهن رُندي

ڪافي ٤٤

ٿله:۔ اڄ سڄڻ تون ڪيِ اوري، پاڻ وڃهان توتئون گهوري
١۔ هي جڳ هو جڳ دل جا دلبند، سُڄ پانيان سپ ٿوري
٢۔ ڪُٽم قبيلو سيڻ سيپيءَ، صدقي سسي ڪريان ڪوري
٣۔ ڪچو هوندو قرب ۾ جيڪو، تڪَ اهو پيو توري
٤۔ وِهَ ورهه جي ڪئون آءُ ڪاوران ٿي، محبت اجان ٿي موري
٥۔ اصغر عاشقُ اڳي ڪومَرندو، اورِ جيڪر توسان اوري

ڪافي ۴۵

تلھ: آءُ ولهيءَ جاوالي، توڪئون تنهنجو آهيان سوالي
۱- صدقو ڪنديس سهڻي ساجن تئون، موڙي مايا سِرُ مالي
۲- ڦٽو چوڪيَڙُئي هن هيڻي کي، پهريان پرين توجا پالي
۳- عجب جهڙو يار ڏٺوسي، چنچل تنهنجي ساچالي
۴- هَنيُوَ هيڻي کي جانب جيڪو، ٻاڻ نہ سو ٿيو خالي
۵- اصغر عاشق چيو آري عجيب کي، حال پنهنجو سڀ حالي

ڪافي ۴۶

تلھ: گهن وڃ ساڏي سلام، ڪانگل ٻلا يار پريان دي
۱- گولي هو ڪر ڪار ڪمئيسان، تيڏڙي در مدام
۳- دلڙي ساڏي لٽ ڪرنيتوئي، ديدان دي گهت دام
۲- سجدا ثابت تيڏ نهن هويا، ٻي طرف حرام
۴- تيڏي جو ڪيتي باغ لوايم، کل کل ڪر خرام
۵- هَٿون نہ سٽين سهڻا سانول، بند اهي بيدام
۶- آک عجيب نون اصغر عاشق، لگل هان تيڏي لام

ڪافي ٤٧

ٿلھ: - من اندر ماتم، آھي دلبر درد تنھنجي جو

١- ديرو ڪراچي دوست تون دلبر، من اندر مادام

٢- مون ڏي لال مُنجو بالڪل، اچڻ جو انجام

٣- آھي ڪونھ ھيٺي ڪي ھرگز، اوھان ريءَ آرام

٤- اکيون افضل ھَن نرگس ڪئون، بيشڪ ھَن بادام

٥- سٽي تِلڪَ الرُّسُلُ فَضَّلْنَا، نِدا ڪندو ناڪام

٦- اصؔغر عاشق جي اندر ۾، حب سندو ھاڱام

ڪافي ٤٨

ٿلھ: - ياريءَ اڄ يارانيءَ، مون سان چيچ وجھي اجھو چيچ ۾ جيڏيون

١- مينگھ مُلھارُ جو ٿيو محبت جو، برھ جا ڪيڙي باراني

٢- شاھي ڏنائون نم شوق جبي، اھڙي ڪئي نہ داراني

٣- ساھو سوڳھو ڪيو سڄڻ سرتيون، ڳُڻن جا وجھي ڳاراني

٤- ڳڏ ھجان تنھن دلبر سان، عمرِ ايام سي ساراني

٥- اصؔغر عاشق جا وقتِ تنھين، ثريا اکين جا تاراني

ڪافي ٤٩

تله:- سڀ مبارڪان ڏيو مون، آيا پرين اڄ اڱڻ منهنجي
١- پهريون رُوائڻ پوءِ هسائڻ، پير ڏٺوسي سوهن پون
٢- وِرهه وڪوڙيو هوروُن هيٺي کي، هوت چڏايو سا هڪ هون
٣- نينهن نشانڦي کياهئا، زور هاڻي ٿيا سي زون
٤- ڏٺم ديدار تنهن دلبر جو، رُنس ٿي جنهن لئه رت پون
٥- اصَغر عاشق پسڻ پرين جي، آهي نري لون لون

ڪافي ٥٠

تله:- چشمان چاڪي نال اڙيان، سڙوي سياليان سکيان
١- هار هميلا سوهي ساوي، کُهِ کيڙي ڍيان کڙيان
پور ماهيدي مٺين پکيان
٢- تل نه ترسان بنا ماهي دي، چوچڪ ماري جي چڙيان
درد اڳي ڀون ڏکيان
٣- ڪر ڪيڙي نال لانوان نه ڌسان، کيون وڳديان ڏڙيان
چوڙو ميڏي نال پکيان

۴۔ نال ماهي دي همدم ويڪ ڪي، سڀ سياليان سڙيان
سڙسڙ ڪڙهه ڪڙهه ٽڪيان

۵۔ اصغر عاشق ڏاران دلبر دي، گهارڻ گهر وچ گهڙيان
ڦڪڻ زهر ديان ٽڪيان

ڪافي ۵۱

ٿله۔ لوح لِکيا هئا لَکَ، لوڙيان اهي ٿي سرتيون

۱۔ وري وڃو سڀ سهيليون، هيءَ ويندي اوڏنهن هڪ
ڇوڇڏيو اوهين گهرٿيون

۲۔ جهل نه وجهو جهوري وارن کي، تني کي نه ڪيوتڪ
ڇو نه ڏيو اوهين ڍرٿيون

۳۔ ننگئون نانگي ٿي پيرين اگهاڙي، ڪائيندي ويندي ڏک
پيرن کي اوهين پرتيون

۴۔ ڇڏ جو چوري جون پسڻ لاءِ پرين جي، ماهه مرون ڪريو ڇڪ
ڇڏيو اکن ٻَريتيون

۵۔ اصغر عاشق مجنون وانگر، ڦڪيون زهر جا سو ڦڪ
ٿيليون وڇين سو ٽرٿيون

ڪافي ٥٢

تله: چو ٿور لائين تون روهين، محب منا مشتاقن کي

١- چيئي چنون جي ناحق نرمل، جوش وارن کي ٿو جهين

٢- ڪرين جو آئين ڪرم ڪوهيارا، آءُ ڪا پچان تنهنجي تو هين

٣- پَر پرت جا ڏسيئي پرتي کي، خاوند هاڻي ٿو ڪوهين

٤- سمجهي نه سگهيس سرتيون سيگيون، ڏوهن جي سون تا ڏوهين

٥- اصغر عاشق کي سهڻا سائين، ماڻن سان ٿو موهين

ڪافي ٥٣

تله:- شوق وارن ٿين شاديون، اگڻ اچين جي تون سپرين

١- حب وارن سان هوت هميشه، تون ٿو ڪرين تعديون

٢- مجنون وانگر سهڻا سائين، فرقت کئون ڦران واديون

٣- عشق وارن جون روز الست کئون، سک کيون دليون سا دين

٤- منع نه کنديون ويندي وهندر ڏي، هونديون حلال جي زاديون

٥- اصغر عاشق عشق آريءَ ري، مُٺيون مٽريئي سو ماديون

ڪافي ٥٤

ٿله:- ننڊي لاکون لاپُئي ناتو، سوتان نباهج يارتون
١- تنهن جي ڏسڻ لئي روزازل ڪئُون، عاشقُ آهيان سو آتو
٢- وسرين ڪين ڪي ويل ڪنهين ۾، پيچ جاڪون مون پاتو
٣- پينوهن لاءِ پرين پيارا، درد جو ٿي تون داتو
٤- جنهن ڏينهن لاکون جاني جدا ٿئين، ڏيئي وئين اورانو
٥- اصغر عاشق چئي روز روحن جي، پيچ جو پاتو سو پاتو

ڪافي ٥٥

ٿله: رسي نه ٿو جنتي رايو، اکڙيون اتي وجهي اڙيون
١- جيکو پڄي ٿو بيمثالي، طلب تنهنجي مونکي تايو
٢- لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُوۡلَدۡ، آهي نه ڪنهن جو سوڃايو
٣- يار ڏسبو اندر پنهنجي ۾، قلب ڪري پنهنجو ڪايو
٤- اِنَّ سَعۡيَكُمۡ لَشَتّٰى سٽي، ٿو ڪيم سي سعيو
٥- لَا تَقۡنَطُوۡا مِنۡ رَّحۡمَةِ اللّٰهِ، اڄ صبح اِجهو آيو
٦- اصغر عاشق روزازل ڪئُون، گهورتنهين جي آه گهايو

ڪافي ۵۶

ٿله: ماڻ تنهنجن ماريو، هوت هلي اچ هت تون
۱- ساعت ڪاهڪ اچي آري، گهوٽ گولي وٺ گهاريو
۲- رُسامن جي هوت هيٺي ڪي، ڳٽيءَ ۾ نه ڳاريو
۳- وسمي نه ورنھ آڳ اندر جي، ٻارڻ جو اوهان ٻاريو
۴- هنجهڙ ٻون هاريان هوت هزارين، ساجن سو توڪي ساريو
۵- سُٽي سڏڙا اصغر عاشق جا، واڳ ورنھ اچي واريو

ڪافي ۵۷

ٿله: اهي پرين گڏيا سولا، جنهن جا هئا سي ڳولا
۱- وَنَحۡنُ اَقۡرَبُ آهي تنين لئي، پند جنين ڪيا پولا
۲- جن سچا تو جيڏيون جانب، چيهاڙيون ڪيا تنين چولا
۳- اَيۡنَمَا تُوَلُّوۡا فَثَمَّ وَجۡهُ اللّٰهِ، پائڻ جا تون پنج پولا
۴- ظاهر باطن تنهنجو پسارو، هر هنڌ آن پاڻ مولا
۵- اصغر عاشق شوقان شائق، سِر سَهن شور شولا

ڪافي ۵۸

ٺله۔ اڄ گڏيو مونکي سوڻُ، جنهن لئي هيس آءٌ اداسي

۱۔ هڪ دم هڪ ٿياسي هر جاءِ هر هنڌ، دلٿون ڪڍي سڀ دوئي
۲۔ ٿيم اميد نااميديءَ ۾، چشمان بيٺو پاڻي چوئي
۳۔ پلئہِ پيڙم پرين تڏهن، پرت سان دل جڏهن پوئي
۴۔ روئڻ جنهنجي روز ميثاقئون، حب هيٺي ڪي هوئي
۵۔ دردي هيڙس دردن ۾، گم ڪيم سڀ گفتگو ئي
۶۔ اصغر اڪبر ٿيو سنگهي شهودي ڪئون، وجودي جي ٻيئي ڏوئي

ڪافي ۵۹

ٺله:۔ عرض احوال جو جاني، ڏين نہ جواب ٿو چاڪئون

۱۔ ڀريون پاتئي پيچ پرت جو، برهہ جو ٿئين تون باني
۲۔ منٿ نہ مَڃئي محب مُٺي جي، فڪر ڪندو اهو فاني
۳۔ منهن مبارڪ موڙ نہ ملڻ ڪئون، ڳڻن جي وجهي ڳاني
۴۔ ناهہ مناسب ظلم ضعيف سان، سهڻا توکي لاثاني
۵۔ پٺي پنڌ تنهين ڪي توسان، گهوٽ ڪيئي جنهنکي گهاني

۶- اصغر عاشق سان اکڙيون اڙائي ٿئين اتي وڃي ٿاني

ڪافي ۶۰

تله: صدقي هي جند ساري، لائق توتئون لک واري
۱- سيالن سرتن سڪن سينگن جي، خلق جي ڪيڙم خواري
۲- ماٽن ماري هيءَ ويچاري، برهه آيو سو باري
۳- ناکو نيا پوڄيءَ جياپو، آهي قيامت ڪاري
۴- اصغر عاشق کي رات و ڏينهان، برهه ڏني آهي بيقراري

ڪافي ۶۱

تله: اکيون اتي وڃي اٽڪيون، جاءِ وڃڻ جاتي ناهي
۱- دلڙي ڦري ويو دلبر سائين، قرب جون چاڙهي ڪنڪيون
ساهه وڃي نبائين ساهي
۲- حُسن هادي جي جون فوجان باري، چشمن سان چشمان چٽڪيون
ڳاهه وڏائون سو ڳاهي
۳- روز روحن جي ڪٿئون هن هيٽي جون هٽڪي ڪهين جي هٽڪيون
لوڪئون ڇڏيائون سو لاهي

۴- زلفان ظالم جون ول ول چلڙا ، لالڻ جي ڳل لٽڪيون
قتيل چاڙهن سو قا هي

۵- سهسين سهايون سرتي سرتيون، جهوري وارن جهٽڪيون
سر ڏناٺون تن سين سا هي

٦- اصغر عاشق تي عشق عجيب جي جون سهسين سانگان سٽڪيون
ورهئون هنجون ويٺو واهي

ڪافي ٦٢

ٹله- چور ڪيتا مئيون چاڪي، چائل چشمان چوري
١- چشمان چائڪي دلڙي کهائي، لنوڙي سوت لاڪي
٢- ڪيتي ويڪڻ سرچا ڏيوڻ، عشق چاڙهيا انهي ڏاڪي
٣- ٻيلي وسندا يار ماهيڙا ، نال گهوران سانون گهاڪي
۴- اصغر عاشق وانگي فرهاد دي، ٽڪر سولان دا پيوتا ڪي

ڪافي ٦٣

ٹله: لوڏ لڳي آءُ لڏڻ تنهنجي، ماٺان موسان ڪرين کهڙا
١- پند ڪريندي پرتيان پريان ڏي، عاشق ڪو پنهل ڪُهجي

٢- ڪجي شڪار جانب جنهن کي، هوت هٿين تنهنکي کھجي
٣- يار مشتاقن جي کل کلائي، جوڙجُتي تنهنجي ڇھجي
٤- اصغر عاشق روز ازل کئون، لوهن سان نہ سولھجي

ڪافي ٦٤

ٿلهہ- عيد عجيبن ري ڪانهي ڪا، سرتيون ورنهہ ريءَ هوئي ويراني
١- گھر گھر درد تنهن دلبر لئي، حبُون ڏٺم ٿي حيراني
٢- نفس اسان جا بعد فنا جي، جوشئون جليا ٿي جبراني
٣- جانب آيم جيءَ جميعت ٿي، وريا وصال جا ويراني
٤- صدقي ٿينديس اصغر تنهن تئون، سو هزار پيراني

ڪافي ٦٥

ٿلهہ؛ نيڻ پساءِ تون نوري، سال ٿيا تو لئي سِڪندي
١- اپ پون ڪاغذ قلم وڻ جرمس، صفت تہ پي نہ ٿئي پوري
٢- اندر منهنجي ۾ محبت ميثاقئون، ڪامي ٿي عشق جي ڪوري
٣- سهجئون سيبائي سهڻا سڪاين کي، سور تنهنجي سوري
٤- محبت تنهنجي ۾ موسيٰ جو ٿيڙس، تجلو گھران تو آءُ طوري

۵۔ اصغر عاشق چئي درد وندن تئون ، دلبر لاهه تون دوري

ڪافي ۶۶

ٿلهه ۔ ماهي مليا سانون سوئي ، حب جنهين دي هينئين هوئي
۱۔ محل ميڏي وچ ماهي وڙيا ، دور ڪيتم جدا دوئي
۲۔ شاهه هزاري دا جهنگ وچ آيا ، شڪ نه رهه گيا ڪوئي
۳۔ اصغر عاشق ملڪ وحدت وچ ، گم ڪرين گفتگوئي

ڪافي ۶۷

ٿلهه : نديان تار ترويسان ، جٿان رانجهن ديا جهوڪان
۱۔ نال رانجهن دي سٺوڙي سنيان، نينهن نباهه ڪي ويسان
چوچڪ ڏيوي توڙي چوڪان
۲۔ هڪ دل هُيَڙي جانيتي ماهي، ڪيڙي ڪون ڪيا هڻ ڏيسان
نيٽان ديان لڳ رهيان نوڪان
۳۔ ماءُ ڏي منديان پيڻ ڏي بديان، ڪرڪيڙا ڪري ڪيسان
سرتيان ڏيون ٽوڪان

۴- طول وهاڻي مول نه ياڻي ، ڳل ڪفني جو مئن پئيسان
ٽڪ سٽان انهان ٽوڪان

۵- اصغر عاشق چاون ملامت ، مئن بيچاري چئيسان
ڪيا وڃايا هي توڪان

ڪافي ۶۸

تله: ويسان رانجهو دي مين جهوڪ چوڙيا ٻاڻي شاهي شاهي

۱- جهنگل چيرڪي ٻيلي ويسان، ساٿي سنگت ڪائي نه چئيسان
جٿان هي منجهاندي پوڪ

۲- مائي ٻابا ڏيون تُنڪي، گهتن ميئون تورڙي پنڪي،
طعني ڏيون تورڙي لوڪ

۳- مئين ماهي دي روزازل دي، من ميڏي وچ اڄ نه ڪله دي
ڪيڙا تڏان دي هي ٿوڪ

۴- آءُ ميان رانجهانه ڪر پاسا، اندر ميڏي ڪون ڪيتئي اداسا
نيٽان وهندي هي موڪ

۵- ملڪ ماهي دي هوڪي جورهيان، منديان ڏينديان ڪيون وتن سنيان
نيتانيٽان ميئون نوڪ

۶۔ ملين هاجي هکاري، سڏ سولاندي پونيئي ساري
سبز ٿيوي ميڏي سوک

۷۔ اصغر عاشق درداهي بردا، مِلݨ کيتي آهين پردا
چور چشمان دي کيتا چوک

کافي ۶۹

ٿله: کيتا ميئون مستانا، محبت ماهي دي سنيان

۱۔ چوچک ماهي سنيان تي سَکيان، ڏينديان هن ماهي دا طعنا
۲۔ کول اسانڏي کيون نهين آوندا، هسندا لوک بيگانا
۳۔ روحِ اسانڏا موج وحدت تئُون، بلکل ٿئيا ديوانا
۴۔ ڳدم گدائيُ ڏي کبي شاهي، سودا کيتوسي شاهانا
۵۔ فوج فرقت دي کون، ڏيک کرجوهُڻ، تيڙا عقل حيرانا
۶۔ اصغر آکي چڻ کي چانم، سهڻا يار يگانا

کافي ۷۰

ٿله۔ تيڏي درسن کيتي، مئين بيراگڻ ٿئيان ٿئيان،

۱۔ سوز تيڏي کنون سهڻا سائين، نيڻين وهنديان نئيان نئيان

٢۔ تيڏي ويڪڙ ڪيتي پيارا، هوش حيا ڪنون گئيان ڳئيان
٣۔ طعني جو ڏيندي مئُن مُٺي ڪون، ساليان سڪيان سپ سئيان سئيان
٤۔ عشق تيڏي ڪنون، وسئون ايٽي جو وئيان وئيان

ڪافي ع٧١

ٿلهه، دل ٿي درد ڪئون داٽا، روح رتيون ٿيو رت جون

١۔ سور پرايم سرتيون سڪ مٺون، پرت چونديءَ ڪنيم پاٽا
جان ۾ جهوريون حجت جون

٢۔ ڪانگ جا ڪانگي آندي ڪيچئون، حرف سي سپ تنهنجا پاٽا
سٿون سيئي سو خط جون

٣۔ عشق آزاريو اندرُ آزارن جو، سور ڪيا سَنڌَ ساٽا
ڏتيون ڪندا مونتي ڏت جو

٤۔ اصغر عاشق عشق وارن جون، ڳائُن ٿا سو بر ڳاٽا
سچائيءَ جي ست جون

ڪافي ع٧٢

ٿلهه واتي ولهي وارث سڄٽان، سٽي سڏرا ڪيي ورنهه ورندا

۱- قاڪُوا وارا قول ڪٿي سان، پرين پنهل جا جيڏيون پرندا
۲- اِنَّ اللهَ لَايُخُلِفُ المِيُعَادَ، ڊولڻ بيشڪ مونتي ڏرندا
۳- سٽي ڌانهون دردونديءَ جون، ڏسي ڏڪڙاسي ڏونگر ڏرندا
۴- هُلَ منهنجي ڪئُون حيرت ۾ پيا، پکي پٽ جاسي سيئي چرندا
۵- ماڻن ساڻ نه مارمئيءَ کي، ڏِٺين اورا نياٿو ڀهگڻ ڀرندا
۶- ماڻِن محب محبوب کي سيئي، مرڻان اڳي سوجيڪي مرندا
۷- ڏسي ته عجيب آريءَ کي، نيڻ نمائيءَ جا بيحد ٿرندا
۸- بحر برهه جي ۾ اصغر عاشق، طالب تنهن ۾ ڪي تارڪ ترندا

ڪافي ۷۳

ٿله:- تولئيءَ نيڻ نهاريون، ڳوڙها ڳاڙن رت جا

۱- ڪهڙي ڏوهئُون ياريگانا، وَيڙن ويچاري وهاريون
واعدا ساريان ٿي سوجت جا

۲- سهسين سانول سسئيءَ جهڙيون، برهه بر ۾ بيهاريون
ڏيئي دلاسا خط جا

۳- اصغر عاشق چئيءَ عشق واريون، گهوٽ نه وجهنديون گهاريون
ڏاڻ ڏجن تن ڏت جا

سُر لوڙائو

ڪافي ۱

ٿلهه:- لائيُ محبت لعل لڪين ٿو، قطر ڪٿيءَ وٽ ڪين ٽڪين ٿو
نينهن وارن کان ناهي نقاب

۱- ويهڻ وهه آوررئَهن ڪي، ترسڻ ترسو بچو برهمڻ ڪي
عشق وارن ڪي آهه عقاب

۲- نند نفاق جي پوءِ وڏيس، ڏمر ڏاڍن جي ڏوهه ڏڏيس
آهي هي عذاب آهي هوءِ تاب

۳- ڪل پيئيَ هوند جي مون ڪائيُ، جاڳيس جيڏيون بلڪل جائيُ
وٺيو هلان هوندآءُ رڪاب

۴- ووءِ ووءِ وائيُ آهي ولهي ڪي، ٿيله نہ ڀڳڻ هن ٿلهي ڪي
غافر ساتر تنهنجو خطاب

۵- بديون پيون مون ڪئون بيحد باري، تڳاءِ رحيم هڪ تنهنجي تاري
حب وارن ڪي بخش حساب

٦- پرينِ پکي هن آءِ تون پيهي، ڏکي ڏکن کئون ڏکيءَ جي ڏيهي
نذر نواز تون شاهه شتاب

٧- اصغر عاشق عرض ڪري ٿو، محب ملڻ لئهُ تنهنجي مري ٿو
هيڪر هوت تون لاهه حجاب

ڪافي ٢

ٿلهه. سڪ سَيّد جي پانيم سولي، پوءِ پارڻ ٿي آخر اولي
عشق عجيب جو عين عذاب

١- پهريائين پيار ٿا ڏين پيارا، دلبر پوءِ ٿا ٿين دويارا
ڪُٺيو ڪهيو ڪن ڪباب

٢- قتل ڪرن ٿا قرب وارن کي، باهه ٻچن ٿا برهه وارن کي
سهڻن کي سڀ ثواب

٣- قدم ڪٽي جو عشق ۾ صادق، ٿئي معشوق تهين تي عاشق
خوف رکي سو ٿئي خراب

٤- ساڻ نه ڪنيائون هن سڪنديءَ کي، جهوري ڏيئي وياهن جهجندي کي
نوري جو آءُ هيس نواب

٥- ڏاڻ ڏکي کي ڏک جو ڏنائين، سڳو پڌي ويو سک جو سائين
ڳڻ ڳايان ٿي وٺيو رباب

٦- چڏي پنپور کي جدا جان ٿيڙيس، ڪري قبر ۾ ڪسي جا پيڙيس
شاهه قرب جو ڏنم شراب

٧- ڪيچي ڪاڻي ساڻ ڪهن ٿا اصغر، سچا سيئي سر ڏين ٿا
ڪنڌ ڪڍي سو آهي ڪذاب

ڪافي ٣

ٿلهه:- چري جا ٿيڙيس، وسئون جا ويڙيس
جوشن وڌڙيس تنهنجي جار

١- ننگ نباهج ناميا نيهي، وير وندر ۾ رهج نه ويهي
طلب اندر ۾ تنهنجي تار

٢- پنڌ پرت پرين وئين پوکي، دلڙي وڌيئي دلبر دوکي
پرين پُرنديس تنهنجي پار

٣- باهه پنپور کي ڏيئي هليس، ترنه ترسيس پيئي ٿي پليس
ڪيچ اينديس لڳ تنهنجي ڪار

٤۔ سدا وسايان سرتي سائين، جيترمئي ڪي پاڻ ملائين
چوري لئہ آ تنهنجي چار

٥۔ سرتين جا سڀ طعنا تهمت، سهرا سرتي مهڻا ملامت
گل پا نيان تنهنجي گار

٦۔ هوت ڏيان ٿي حب ۾ هيرا، جوشن ڪئون ٿا جلن جيرا
پارڻ پاريو تنهنجي نار

٧۔ اصغر عاشق عرض ڪري ٿو، ڏيل ڏکئي جو ڏکہ ڪئون ڏري ٿو
ڪيڏي ڪڙم ڪئون تنهنجي آر

ڪافي ٤

ٿلهه:۔ چئي پڏايان توري ڪنهن کي، هينئڙي اٿم سائين سهسين هور

١۔ دلڙي تو نين وتان ديواني، برهہ تہ سڀ ڪئون ڪئي بيگاني
درد جا دل ۾ ٿي پڙهان دور

٢۔ وتان ويچاري وئين سويري، ٿيس سجاڳ آئي اويري
جهوراڻي ڪئي موتي جهور

٣۔ جهوري حت جي اتم جهوريو دندر ويندبس ڏونگر ڏوريو
لوح لکي هئي ڪا ڏکي ڏور

۴- درد دل جي ڪان ڪريان دانهون، عشق تنهنجي ڪئون پريان آهون
شوق مچايا من ۾ شور

۵- محبت تنهنجي من موهيو، درد اوهان جي ڳهلي ڳوهيو
چت چورائي تو نيو چور

۶- توري ڪنهن سان نه پيو پهه مون، منڙي مائڙي مونسان نه تون
اصغر عاشق آهه تنهنجي اور

ڪافي ۵

ٿلهه:- ٻاجھ ٻئن جي ڪئون يار ٻارو چيا، سُنه سيبا ٽم تنهنجا سور

۱- جنهن ڏينهن جانب تون جدا ٿيڙين، محب مٺي ڪئون وندر ويڙين
گهائي گولي ڪي گهوٽ سان گهور

۲- ساڙيان ساجن توري سڪڙا، پهرا پورن تي پيم پڪڙا
پسند پرتيءَ ڪِ تنهنجا پور

۳- پڪين جان جي هجنم پڪڙا، لنگهي لعل لکين لڪڙا
عرض ڪريان اچي منجهه حضور

۴- باغن بنگلن ڪي ڏيان باهيون، ڪُهِ توريَ پيا کنبا ٻانهيون
چشمن تنهنجي آءُ ڪيس چور

٥- اصغر عاشق ڏک جا ڏاڍا، ڪيچ وڃڻ جا ٿا ڪرن ڪاڍا
خوش ٿيو ڪا من سي عشق جي ڪور

ڪافي ٦

ٿلهه- رمزن سان منهنجي دل ريهي، رمزن سان منهنجو من ريهو
نازن سان نماڻي نيهو، محب مئي ڪيو چو مستان

١- ڏئي فراق ڦٽيئي دل چاڪي، ڏور ڏکن جي پڌي وئين مانکي
روئي روه ڪنديس غلطان

٢- جبل جلي ويا جوش منهنجي ڪئون، ٽڪر ٽڪر ٿيا سوز منهنجي ڪئون
سرخ سمير ٿيو جيئن مرجان

٣- مٿي جا ميري آهيان سنديس، روئي رت جبل سپ ڪنديس
غم ڪئون گاذر آه غرقان

٤- سڏ ساجن جي سڙيڪي ناهي، ڪيچ آءُ ويندس ڪيچن ڪاهي
ملڪ پڇصي ٿو مڪران

٥- تڪي تو هنيا تيرتن ۾، مژگن جا معشوق منهنجي من ۾
نينهن وارن ڪي ڪئي نيشان

٦- باھ برھ جي ٻاريئي تن ۾، مچ محبت جو مچايئي من ۾
نرمل نينھ سندو نيران

٧- وعدو واحد لا يخلف جو پارج، کھيءُ قرآن ۾ سائين تون سارج
پرين تون پارج پنھنجو فرمان

٨- وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ، وصل جو سائل عاشق اصغر
فائق پنھنجو ميچ فرقان

ڪافي ٧

ٿلھ:- سھسين سلام آزيون عجيبن، ڪانگا وڃج ڪن نيازن نيلون

١- اوھان ري سالان سر آ، پلپل موشان پورن پر آ
ڪوڪان ڪيدان ٿي ڏک ڪئون ڏيلون

٢- باھ پنھور ڪي بلڪل ڏينديس، لعلڻ لاءِ وندرآءُ ويند يس
ھوتن ري ھت رھڻان ايلون

٣- لعل لکن ۾ پاءِ لياڪو، توري ڪنھن سان سنگ نہ سياڪو
وجھ نہ ورڻ ۾ ڊولڻ ڊيلون

٤- درد ڪئون دم دم دانھون ڪريان ٿي، پيرين پاندين دست ڌريان ٿي
روز پريان ٿي ضعف ڪئون، زيلون

۵- گھوٽ گڏيو مون خوشيون جن لئي، سڀ سچو ٿيو من ۾ تن لئي
اصغر عاشق شوق مٿون شيلون

ڪافي ٨

ٿلهه- ويهج ڪين وندر وڙي، قدم ڪٽين سو وجهج نه پوڙي
ٿي شهيد ته مليئي شاهه

١- هُوهُو ڪري هل حبيب ڏي، محب مٺي مجيب ڏي
ٻاري محبت جو مصباح

٢- پوري پرمائيُ ڪنهن جي نه پريچ، ترترسائيُ ڪنهن جي نه ترسج
روهن ۾ رڙهي هرگاهه

٣- سور سوغات سڄڻ جو چائج، طرف پنهل جي دم دم تائُج
چڙي چورج رکي چاهه

٤- اکيون عجيب پسج اکين سان، هلج حبيب ڏي هوري هڏن سان
مدڪ مُرائن جي ڪج تون ماه

۵- دنيا دولت مالي مايا هوڙ هنتي آ ڪنتا ڪايا!
صمدتو ساجن نٺن ڪرساه

٦- پاڻ وڃائي پاڻ ۾ ڳولج ، چول ٻئو ڪو مول نه چولج
محو مٿي ڪر ماسواه

٧- دَعَ نَفسَڪَ قَتَعَالَ لائج ڪن، فَثَمَّ وَجهُ اللهِ رکي تون من
هوري هادي هي ٿي راه

٨- اصغر ڳول نه دلبر بر ۾، دانهَ دوست اٿئي درگهر ۾
ڀلا ڳالهين جو ڇيڏ تون ڳاه

ڪافي ۹

ٿلهه۔ ميئن نماڻي دي نال، ڪيهي رمز جلائي

١- جنهن ڏينهن ساڏا عشق جو ٻگڙا [وي]
چڪ ڳيئي سڀ تال

٢- اتي نماڻي آپ پلا ڪر [وی]
ڪرين پلا ڪوئي پال

٣- اِنهي نماڻي نون سڪ تيڏي وچ [وي]
سڪندي ٿي ڪئي سال

٤- وچون اکيان دي سوز ڪنون [وي]
پاڻي وهنديان لعل

٥۔ اصغر عاشق بيوس ٿيئا [وي]
ويک ڪي تيڏي چال

ڪافي نـ١٠

ٿلهه:۔ جا ڙڪري ويا جيءَ سان جيڏيون، هوت مُٺي وٺ هٿڙا اهمان

١۔ ساٿ لڏيندي سڏ نه ڪيائون، واٽ ونڊرجي ڏهه نه ڏسيا ٿون،
اٿم عجيبن جو اهو ارمان

٢۔ آءُ جانماڻي عيبن هاڻي، پيوپُهه ڪيچن ڪيُ پاڻان جاڻي،
ڏيئُ ويا ڏکي کي سورن جو سامان

٣۔ اصغر چوي اِجهي پرين ايندا، دوست دلاسو دل کي ڏيندا،
راضي ٿيندو رب رحمان

ڪافي نـ١١

ٿلهه: نفعي ضرر جي خبر رکين پيو، بندگي ويلي بيخبري !

١۔ ويئي جواني آئي پيري، ريش سفيد عنوان ظهيري، ته به اثر نه ٿيو توکي بي اثري

٢۔ بالڪ بزرگ نيڪ سڏائين، ناهَنگي جا ويٿو ٿاهين، ته به توکي هُنر نه آيو بي هنري

٣۔ اصغر عاشق يار سڏائين، پُسا پانديون پوٽيون پُچائين، توکئون ذرو نه وسري سيم زري

ڪافي ١٢

ٿلهه: اِي نہ مناسب جتن کي جيڏيون، ڇپر ڇڏيائون جاڻي جاڻي
١- جوش جتن جاجئَ منجھ جاري، هلندي هوتن هه هه ٻاري، ساڪيئُن اندر جي آڳ اُجهائي
٢- ڪوجو ٻانڀڻ سان ورھ ڪيو ويلو، چاڪن چوري چاڪ ڪيو چولو، ڪيئن ٿيءُ هاڻي سياڻي
٣- اصغر عاشق آءُ انهن جي آهيان، ساھ اندر مان آس نہ لاهيان، پاٽا ڪري ويو هوت ٻڇاڻي

ڪافي ١٣

ٿلهه:- نہ وڃ نہ وڃ رهہ تون اسان وٽ، تون منهنجو جاني آءُ تنهنجي ٻانهي
١- پنهل پيارا جيءَ جيارا، خان ٻاروچا تون پرچ پيارا، تنهنجي ڏسڻ لاءِ آءُ هوت حيراني
٢- سڱ ۾ شريڪت توسان منهنجو ناهي، شهر پنهور ۾ توبنا ڇاهي، محب ملڻ جي ڪر مهرباني
٣- يارا وهانجي اصل ڪان آهيان، سينو توسان آءُ ڪهڙو ساهيان، قرب تنهنجي ڪُهي آڻاڻي
٤- اصغر عاشق هيءَ آسا سُتي آهي، توبنا منهنجو وارث ناهي، هوت هٿن سان اچي ڪر سماڻي

ڪافي ١٤

ٿلهه:- وريو ڪوھ وڃين ٿو، مئي کي ماري، ڪيچ ڏي ڪوهيارا ساٿ ڏي سوپارا
١- عيدان شاديون اُنجون، اڱڻ جنين جي اچين ٿو

۲- آهون دانهون دردجون، معذورِجون نه مڃين ٿو
۳- دوا دارون دردجو، ڏکيءَ کي نه ڏسين ٿو
۴- اصغر چوي عشق جا، بحري باز بچين ٿو

ڪافي ۱۵

ٿلهه: سورَ ڏَکي منجهه ڍاڪون، ڏير ڏکيءَ يَ اڄ ڏئي ويا
۱- هٽي ويا هيٺيءَ کي، تيز برهه جا چاڪون!
۲- پريءَ لاءِ پُڇائيان، اوتارا ۽ اوطاقون
۳- اصغر عاشق عشق مان، هينئڙو ڦَٽي ڪيئُ ڦاڪون

ڪافي ۱۶

ٿلهه: پنهل وئي ويا منهنجو پاڻ سان، لا ڏادي ڪئي آ ڏيرن
۱- ڪٽندس پير پنهل جو، لڙيو منجهه لڪن رويو رند پُڇنِ
۲- چوريءَ سنديون چيڙين، اڃنگارون ٿيون اڇن اولاٽان ٽا اڇن
۳- اصغر چوي عشق مان، ڪُٺي آهيان ڪيچ ڏٽنِ ريلا رت وهن

ڪافي ع۱۷

تلهه: ڪري ڪيچي ويا مون کي مجنون، ڇڏيان ڪين تنهنکي آءٌ چنون

۱- رهنديس ڪينڪي وينديس هرگز، روڪيو چو ٿيون مون کي اوهين ڙي رنون

۲- وڃي ويندس اديون پنهنجي ورڏي عشق جي اسپ تي حقيقي هنون

۳- ورن پنهنجن ڏي ائين وريتيون ورو، برهمڻ کي هي برهه بنون

۴- وڃي وٽڪارم پسان پرينءَ کي، سرتيون آهي منهنجو سو ونون

۵- حق ڏنهن جيڪي هن توکي مانع، اصغر کوڙ تون تنين کي ڪنون

ڪافي ع۱۸

تلهه: وهلو وارث ڪر منهنجي ورءِ پرين پارس حب جا حارث

۱- ڪوڪيي ڪانن مهيءَ جا ڪميٽي، ڪيچي تنهنين جي ڪَلَ ته ڪاڪرِ

۲- منهن ڏيکار متا مانديءَ کي، درد وندي جا آئي تنهنجي درِ

۳- ٿِتا ڪر تون ٿئين سان ماٽا، پرچ پرين تو يارَ ڪنهن پرِ

۴- سهڻا سهسين هن سنسارم، سينئِان سهڻو سيد تو سر

۵- لوڏ نه لالڻ هن لوئيءَ کي، گهلي هي آهي تنهنجي گبر

۶- دوست دلاسو ڏي ملڻ جو، ڏکيءَ کي ڪو ڏينهن حشرِ

۷- وَاَمَّا السَّائِلَ فَلاَتَنۡهَرۡ، پلا نه مڃين ته وڃان ڪنهن پرِ
۸- بانهنِ ٻيلين جي آءُ مَتُ ڪا، ڪتن تنهنجن کئون آهيان ڪمتر
۹- اصغر عاشق عشق جي روزئون، ڀڳڙ ٻاڪاري ڪيو ٻرٻر

ڪافي ۱۹

ٿلهه- آءُ يارجاني مون وٽ پلڪ ۾، ساهه اچي آهي ٻيٺو حلق ۾
۱- ساهه سورن کئون ٿو ڏيان سيڪهه ۾، جان جسمئون ٿي وڃي هڪ جهلڪ ۾
۲- تون آن سهڻو سونهن ۾ سينئون، پرين حُسن تنهنجي جو نه مَٽُ ڪو خلق ۾
۳- ڪونه ڄاڻي ٿو سڄاڻي سواديون، شهنشاهه آيو آهي دلق ۾
۴- هوت جو همسر حوران نه بشر ڪوئي ڇا زمين ۾ اديون ۽ ڇا فلڪ ۾
۵- محب سان ميلو ڏسي اصغر جو، پيا رقيب سي ريس کئون وڃي قلق ۾

ڪافي ۲۰

ٿلهه: آيو ڀنڀورِ هلي ڪيچيءَ ڪرم ڪيو، مالڪ ملڪن جو سوداگر ٿيو
۱- سُرهي سات منجهئون ڏيئي ماڻ مَيو، چاهئون آيو چلي ڪو جو ٻيسِ رِيو
۲- سر تن سينگن مئون نينهڙو منهنجو لڳو، برهه بلوچ جي کئون هئي هئي اهين چوي پيگو
۳- ڪانُ رُلي مَنجو مونکي ڪنهن نه چيو، وَفِيۡ اَنۡفُسِڪُمۡ ڪيچيءَ قول هيو

٤- سمجھو وَنجُڻُ کي متان پوءِ ورو، سيد ڳالھ وچان ھئي حجاب ويو

ڪافي ٢١

ٿلهه: جانب موهيو مون کي جنسار تنهنجي، سوگهو ساهه ڪيو سينگار تنهنجي

١- گل گلابي نه مٽ نرمي نزاڪت ۾، گهٽ گهٽو آ ڏنهن رخسار تنهنجي

٢- باغن بهشتن کي بيڪار ڪيو، گل گونٿن جي گلزار تنهنجي

٣- نرگس شهلاءِ اکيون آهوءَ جون، ٻِڪيا مَنگن ڏنهن بهار تنهنجي

٤- مشڪ ڪٿوري عطر عنبر واس وٺن، هادي ڏنهن زلفن هيڪار تنهنجي

٥- دلڙيون ديوانيون هزارين لکين، ڪيون قيد زلفن جي هر وار تنهنجي

٦- ويڙهيو ورهَ وجود هن وهمي جو، تالان بلڪل ڪيو آهي تار تنهنجي

٧- ٿهڪان ٿوڪن ۾ مَرڪان مهڻ ۾، ايهو دورُ پِرايم سان ديدار تنهنجي

٨- اصغر عاشق جهڙو آهي ڪو نه ٻيو، دانهن دلبر منجهه دُوار تنهنجي

سُر سهڻي

ڪافي ـ ١

ٿلهه:- ريتي آيس راڄ، ساهڙ تنهنجي سڪ ڪئون
١- ووسڪ وارن جي سير ۾، لعلڻ رکج تون لاڄ
٢- توري مون کي تون جيئين ڪتا ٿيا سڀ ڪاڄ
٣- محبت جي ميدان ۾، برها ڪن نه ٻاڄ
٤- اصغر چوي اندر ۾، توري ڪنهن جي نه ماڄ

ڪافي ـ ٢

ٿلهه:- ميهر جي ۾ حضور، هونديس شال هميشان
١- ترسان شال نه تڙتي، لنگهان پهرئين پور
٢- تري تار نه ٿي سگهان، سڙيس انهيءَ سور
٣- پيو شال پري وڃي، موٽي موتان نه مور
٤- ميهر جي مجلس ڪئون، ڏم ڏکيءَ ڪيس ڏور
٥- اصغر چوي عشق ڪئون، چري وتي ساچور

ڪافي ٣

ٿلهه:- ميهر جي مجلس سدا، سڪي ساهه سهڻي جو
١- ترنه ترسيس ٿي تارڪئون، هر ڪهين جي هئيَ هِيُس
٢- ڪري سگهي ڪو ڪڏهين، ريءَ وارن سان رِيس
٣- ڏم ڏکوئڻ لئه ڏکي جي، خار وڏا هن خِبيس
٤- حبّ ۾ هنج نه اصغرچيئَ، ڪهين ڇا جي خبيث

ڪافي ٤

ٿلهه:- پار ڪنيم جاوڪ، سا پايان ڪيئن پوءِ پاڙيچون
١- سچي سڪ وارن ڪي، لهر نه لوڏي لک
٢- توڪل سندي ترهي، تالان ڪري نه تڪ
٣- ڏکي ڏين نه ڏم جا، ڏک ڏولاوا اڏک
٤- دڙ ٻڙ دوس درياهه جي، دکيءَ ڏئيُ نه ٿي دک
٥- عشق وارن جي اصغرچوي، ماهه مڇي ڪائيُ مک

ڪافي ٥

ٿلھ- پرين ھجن جي مون پَڪ، اچان ھوندا آءُ اڏامي
١- چڪر جان چاھ ڪئون، لنگھيان ٻھرن ٻڪ
٢- جھلين جيڪي جانب ڪئون، جوٿيون مارن جڪ
٣- ترھو ٻڌي ترنديس، ڪانھن ميڙي ڪک
٤- تارج اچي تار مئون، ٻڏنديءَ کي پائيُ پڪ
٥- عشق وارن تي اصغر چئيُ، رَبَّ جي آھي رڪ

ڪافي ٦

ٿلھ:- ساھڙ تنھنجي سانگ، سانگئون سڪايم سھٽي ڪي
١- جھوري اٿم جھنگ جي، جڏھين چيڙين مينھن چانگ
٢- فھميدي جي فراق جا، دل تي ٿيڙم دانگ
٣- توڪل سندي ترھي، لنگھنديس لاواري لانگ
٤- خير سنديون ڪل خبرون، ڪنڌيءَ ويھي ڏنيون ڪانگ
٥- واڳون ويڙھاءِ سھسين سيسر، ڏنگن ڏکيءَ کي ٽانانگ
٦- پرھ ڦٽي پريت جي، برھ بانگي ھڻين بانگ

۷- پار لنگهديس پرينءَ ڏي ، ڏمرهٽي جي ڏانگ
۸- اصغر چوي عشق ۾، ڪوڙي نه ڪنديس مانگ

ڪافي ۷

ٿله- لوڙهن ڪيئن لهرون، مونکي آهي مار ميهر جي
۱- رمزان يار ميهر جون، گوليءَ سان گهريون
۲- مچين مورچا مڙي ڪيا، بلائون پيون بجريون
۳- سٽي سڙڪا سير جا، چشمان ٿيون چهريون
۴- گندڻ گڙندا آئيا، ٿيلهيون ٿاٿهريون
۵- آهون اصغر جون ميهر جي، ڪن پيون پهريون

ڪافي ۸

ٿله- ميهر جي محبت ۾ [ڙي] منهنجو موهي مست ڪيو
۱- سڌ سيرن ۾ ساهڙ ڪي ، شال ڏيندو ڪن [ڙي]
۲- گهڙان گهيڙن ريءَ گهور ڪيو، پرين رکندم پن [ڙي]
۳- مهي مينهن ميهر جي ، تانگهي ٽوٽي تن [ڙي]
۴- سانگن ساهڙ جي جو ڪيو، چڻ جو ناهي چن [ڙي]

٥- صدقي ڪيان ساهڙ جي، ڏونري اتئون ڏنڙي
٦- موهيو ميهر من اصغر چيئي برهه جو وجهي پنڙي

ڪافي ٩

ٿلهه- درد وندي جي دانهن، سٽي ساهڙ آءُ سگهو تون
١- پار وڃي پريان جي، اڏيان مينهن آنهَ
٢- ڇٿا پير ڇڏائين، ڏم ڏکيءَ ڪئون پانهَ
٣- مندان آيون ميلاپ جون، ڪو ڏکڪوريا ڪانهَ
٤- اصغر چيئي عشق ۾، منيون پيڙا مانهَ

ڪافي ١٠

ٿلهه- وڃجي ته ووُن وڃجي، وري نه واجهائجي پوئتي
١- پکو ڪٽجي پاڻ سان، پيلي ڪي پچجي
٢- جيڪا مرضي رَبَّ جي، برسر مٿي تي مڃجي
٣- ٻڌي ترهو توڪل جو، تار منجهان ترجي

عشق وارن سان اصغر چوي، راهه وٺي رمجي

ڪافي ۱۱

ٿلهه:- ميهر تان نه مٽي ، ڇا جي لوڪ مٽيندو

١- سِڪ رتيءَ جي ساءَ ڪان، آيسِ راڄ رَتي!

٢- گھوريان جيءُ جهان تان، هڪ جانب شال جَتي

٣- لوڏ نه ماري لوڪ جي، هڪ ساهڙُ تان نه سٽي

۴- ڪاهي ويندي پار پرين جي، منهنجو شال نه هينانءُ هٽي

۵- ڪاهي آيس ڪُن تي ، ساهڙَ لاءِ سَٽي

٦- هي ڏک ڏولائيُ جا ڏينهڙا، تادر شال ڪَٽي

٧- لنگهي ويندا لُڪَ جا، ڏکيا ڏينهن ٻَٽي

٨- پنجهوڙيون تن پاڏن جون، وارن جون به وٽي

٩- سر پڻ ڪنديس صدقو، ڪند ڪُلهن تُون ڪَٽي

١٠- سهڻي ۾ ساهڙ جي، وڏي گُهور گُهٽي

١١- اصغر عاشق چئي عشق جو، شال نه خيال ڪُٽي

ڪافي ۱۲

ٿلهه:- مونکي يار ميهار جا ، پلئيو پَون پور

- ميلو ٿيندو ميهر سان ، هلي منجھ حضور
۲- ڏورڻون ڏسڻ منجھ آئيو، نوراني سپ نور
۳- سڪ ته ساهڙ يار جي ماري ڪيو معذور
۴- اصغر حيئُ عشق ۾ ، چڪنائي آهيان چور

ڪافي ۱۳

ٿلھ :- ڏم نه جاڳي الا نه پاڙيچن کي سار، ويندس ڏانهن ميهار
۱- گھڙو ڪٽي آيس گھيڙ تي ، پيلي ڪئي هان پتار
۲- ڪچو لکيو ڪرم منهنجي ۾، ڪونهي ڏوهه ڪنيار
۳- دونهان ميهر يار جا ، ڏُکيا وڃي هن پار
۴- اصغر چئي عشق وارنکي ، لڳي لنءُ لنءُ منجھ لگار

ڪافي ۱۴

ٿلھ : ڪوھ ڪندا مون مُئيُ کي ، ڪُنن جا ڪڙڪا
۱- واهڙ ٿو واڪا ڪري ، سير هٽي سڙڪا
۲- پلي واڳون وات هٽي، ڪندس رڙ نه ڪا
۳- ڏم ڏهاڙي ٿو ڏئيُ، داپ سندا دڙڪا
۴- اصغر چوي عشق وارن تي ، وحدت ڪن وڙڪا

ڪافي ۱۵

ٽلهه: غور ڪري ڳولي تي، ٻاجھ ڪري ٻانهي، اڄ عجيب آيا، ننگ سچاڻي پنهنجو
۱- پاڻ ڀُلائي پنهنجو، پرين اڱڻ تي آيا
۲- هنڌ وهاڻا هوتن لاءِ، تن لاءِ مون وڇايا
۳- دل جا مقصد منهنجا، سائين ڪيڙم سجايا
۴- اصغر چوي عشق مان، پرينءَ قدم گهمايا

ڪافي ۱۶

ٽلهه: سڀ مون سور نه سارِيا، جي ڳنڍ جانب سان، هيس آءُ ڙي پينر
۱- ڪاف ڪشالا ڪيچ جا، جانب مون لاءِ هن جوڙيا
۲- نيرُ پڌا اسون نينهن جا، سي مون سر تي چوڙيا
۳- لکيا هيڙم لوح ۾ سي مون وندر ووڙيا
۴- ڏادِ ڏادي ڏيهه جي، منهنجي مت نه موڙيا
۵- پير پٿون ٿيا پٻ ۾، فرق فراقن ڦوڙيا
۶- عشق وارن کي اصغر چئي يارب ميلن وڇوڙيا

سُر سارنگ

ڪافي ١

تله- ڪهي ڪيس ڪباب، سڄڻ تنهنجي سورن
١- ورهه وارن جو ساهه ڪيدڻ، آهه سهڻان توکي ثواب
٢- پرين پري ڪر پرت وارن ڪئون، هوت حجازي حجاب
٣- ڏي ڏاتر تون ڏاڻ ڏکي کي، شوق سندو سو شراب
٤- لاهه لعلڻ هن هيڻئَ تئون، وڇوڙي جو عذاب
٥- اصغر عاشق ڪيچي ڪريو، نوري نينهن نواب

ڪافي ٢

تله- هادي لاهه حجاب، هاڻي هيڻئَ ڏانهه
١- ڏکيو ڏکن ڪيو آهي ڏکئَ کي، عرض جو ٿئي اجاب
٢- ملڻ سان ڪر معاف محب تون، عاشقن تئون عتاب
٣- اچ اصغر ڏي مهل مرڻ، شاهن شاهه شتاب

ڪافي ۳

تلھ۔ غم گذاريم رات، مٿن ماروئڙن ري

۱۔ ماروماڳن ٿئون لس لڏي ويا، تن ۾ تن جي آهي تات
۲۔ من منهنجي تي مير ماروئڙن جي، جوشن ڪئي آجمات
۳۔ مربا مصريون مٿايون، ويڙهيچن جي نه وات
۴۔ سگڙ سائون پپون پيرون، ڪائي ڪتيري ذات
۵۔ راڄ رعيت رت روئن ٿا، مير نه ڇڏ مرجات
۶۔ وات ويڙهيچن جي وائي اهائي، هئه هئه هيهات
۷۔ اصغر عمر کي ظلم ستم جي، ڪنهن موڳي آچي مسلات

ڪافي ۴

تلھ۔ ويٺو ويٺي آهيان واٽ، پنهل تنهنجي ڪارڻ، سڄڻ تنهنجي ڪارڻ

۱۔ پرتئون پرين تنهنجي پسڻ لئي، گهيڙ گهمان گس گهاٽ
۲۔ هڙ وهانجو ڪونه ڪنهن سان ٿيو، ٿي ٻانهڻ سان ٻوساٽ
۳۔ ڏيرن ڪيو ڏنگه ڏاڍو ڏکي سان، اوچي ڪيائون اچاٽ
۴۔ جن ڪرهن تي ڪانڌوئي ويا، سي ڪسن شال ڪنواٽ

۵- ڏونگر ڏيرن ڏيو پاريوٽي، لڪ لنگهج ڏسيولاٽ
۶- منداُتي هن مينهن جي، پوي ڇپر تي ڇاٽ
۷- جانب جت جي جيڏيون، آهي اندر ۾ اوساٽ
۸- اصغر عاشق عشق جي ڏادي، چست چڪي آهي چاٽ

ڪافي ۵

ٿلهه:- چشمان تيڏي چور، ڪيتي دل ميڏي
۱- من اسان ڏي مول نيانوندا، ڪيڙان دا مذڪور
۲- کهڻ عاشقاندا روز ازل ڪئون، سهڻان دا دستور
۳- سرڪ پيتم د ستئون ماهي دي، تنهن ڪيتا مخمور
۴- اصغر عاشق ڪون سهڻا سائين، بخشين هميشان حضور

ڪافي ۶

ٿلهه:- منهن محبوب نه موڙ، يار مشتاقن ڏنهن
۱- ڪريان تو تئون قربان، ڪنڌهجن جي ڪوڙ
۲- عادت آهه عشاقن جي اها، نينهن نيائين توڙ
۳- صورت تنهنجي لاءِ سڪن جي، وير نه تن سان وڳوڙ

۴- نا اميدي جي بحر ۾، ٻانهي هي نا ٻوڙ
۵- اصغر عاشق تنهن عجيب جي، جاءِ جگر ۾ جوڙ

ڪافي ۷

ٿلهہ:- جان ۾ جاءِ تون جوڙ، جانب لئہ تون عاشق صادق
۱- بانڪا بهادر منجھ بحر برهہ جي، ٻيڙي ٻيائيءَ جي ٻوڙ
۲- ڪوپا ڪاٿج ڪنڌ ڪلهن ڪئون، برهئون ٻيڙيون ڪوڙ
۳- ڳوٺ ڳلين ۾ ڳولج ڳهلا، وڻ وڻ هيٺان ووڙ
۴- سر ڏئي ٿي سرهو سڪ ۾، مرج نا منجھ سوڙ
۵- قدم ڪٽي سو وڃج نہ پوئتي، ڇوڪراٽي سيئي ڇوڙ
۶- نفس کي نيست ڪجانءُ تون نفي سان، گهنوريا ڏيئي گوڙ
۷- اصغر عاشق عشق ۾ آءُ تون، لنگهي عقل جي اوڙ

ڪافي ۸

ٿلهہ:- رانول تنهنجا راز، ٻڌايان نہ ٻين کي
۱- منهن منور موءِ معنبر، موهيس تنهنجي مجاز
۲- ڪج قبول تون هن هيٺي جا، ناميا سي نياز

۳- منجه محرابن تنهنجن پروئن، نيتم نينهن نماز
۴- عشق اوهان جي جاپرين پيارا، اجان آهن آغاز
۵- عشق منهنجي تي اشڪ اصغر، توڙئون آهن غماز

ڪافي ۹

ٿلهه:- رک رقيب سان راز، ڪنديس ڪيئن سائين
۱- ڪامل ڪرتون ڪينڪي، نماڻي سان ناز
۲- دل دہائيُ چاڪي چاهون، دوست دلبر دمساز
۳- اچن اوهان ڏي ائين عاشق، جيئن حاجي ڏي حجاز
۴- نوڪان نيڻن جون هنيون هزارين، اٿن توڏ نه اجاز
۵- سخن سانڍ يمر ساه سنوان، اڪثر ڪئون انداز
۶- افشان عاشق ڪين ڪڏهن ڪن، قصا ڪئون ڪواز
۷- ٻڌڻ ڳائن تا اصغر عاشق، سڪ جا وردون ساز

ڪافي ۱۰

ٿلهه:- نيڻن سان ڪري ناز، تو نهوڙيو هن نذر ڪي
۱- اکين تنهنجن جا، جهٽيون جيئن بحري باز

٢- اکين منهنجن روئيُ رت سو، روشن ڪيڙو راز
٣- ريجهائڻ کي يارمون تنهنجي، سازيو ٿم سپ ساز
٤- اصغر عاشق سر ڪر صدقو، نِوڙي ڪرتون نياز

ڪافي ١١

ٿلهه:- سانول تنهنجي سوز، صبر ساه منهنجو نيو
١- اچي اچانک منهنجي اندر ۾، جوراٽي ڪئي جوز
٢- ريءُ تنهنجي روئندي روهين، رانول ٿيڙم روز
٣- ڏي جمعيت جان جگر کي، فراوان ڪر فوز
٤- سرڪ ساقي ڏي اصغر کي، ماڻ پريامئون موز

ڪافي ١٢

ٿلهه:- لنو وارن تئون لوڏ، لاهي ڇڏ لعلڻ
١- محب منهنجون ڪر معاف مدايون
گوليءَ ڪئون جيڪي ٿيون گندايون، ڪرنه سون جان سوڏ
٢- دلڙي ڏتاري ڏين ڏ ڪاٿو، طلب وارن کي ڪرين تڪاٿو
دلبر نا ڪر دوڏ

۳- ياري لائيءَ يار ٽئين ياڪي، سمر وڏيئيءَ ڪو سرڪ ۾ ساقي
ڳاهه ڳاهي سند اڳوڏ

۴- وچ وچاندر اصغر سان چڏ، گولي پنهنجي پاڻ سان گڏ
ڪيچي چڏ ڪروڏ

ڪافي ۱۳

ٿلهه- حب وارن سان هوڏ، هادي ڪرتون معافي

۱- هيڪر آءُ تون هوت هيٽي وٽ، دل دکي جا درد ڪليءَ ڪٽ
ڪر ڪيچي ڪنڌ ڏوڏ، دل جي درد جا دافي

۲- حسن تنهنجي جا ڪري نظارا، عشق اوهان جي ڪيا اوجارا
ڪري عشاقن ڪوڏ، سُرڪي لئي نافي

۳- ملڪ مِرن جي ماس ڪيو مون، هڏ چم چيٽن ڪي چيو مون
رڳون ڪائيندم روڏ، نا هيان آئون گذافي

۴- اکيون اصغر جيئي توسان اڙيون، جڙيائين توسان جيءَ جون جڙيون
لنوَ لايس تنهنجي لوڏ، ڪيچي تون آن ڪافي

ڪافي ۱۴

ٿله:- جانب تنهنجي سڀال، موهيو من منهنجو
۱- پسڻ ڪارڻ پرين اوهان جي، پڇيم سڀ رمال
۲- سهڻا تنهنجي سورن سوزن، قلب اندر ڪيا ڪمال
۳- حيرت عبرت حسن هادي جي، دل ۾ لائيُ ڏمال
۴- غم هم الم اصغر، حُبَ وارا آهن حمال

ڪافي ۱۵

ٿله:- ٻيراڳڻ ٿئون ٻول، عفو ڪر آري
۱- ٻانهي سان تون ڀڳڻ ٻاڙج، ٻارو چاٽان ٻول
ظالم سڻ زاري

۲- پرينءَ جي پيشاني پسڻ لئي، روهن ۾ ٿيس رول
ڳوليم سنگ واري

٣- ڪيم ملڻ لئي محب مٺا تون، ڏولائُتا سپ ڏول
پايان ڳل ڳاري
٤- اصغر عاشق عشق ڪئُون اصلئُون چپن ۾ ڪن چول
ٿڳي تنهنجي ناري

ڪافي ١٦

ٿلهه:- يارو سچا تم يار، مون ۾ آهي ٻئي هنڌ ناهي
١- ساڳيو سچاتم جونشي چاتم، برهه جو آيم جڏهن بار
٢- مَنْ طَلَبَ شَيئًا جَدَّ وَجَدَ، عاشق ڪر اعتبار
٣- محبت ريءَ نه تون محب کي ملندين، حب جو وجھ ڳل هار
٤- تو ۾ تنهنجو سڀ مطلب، پڇ نه ٻيو ڪو پار
٥- اصغر اڪبر ڏٺم اندر ۾، وَنَحْنُ ٻي وٺ نه وار

ڪافي ١٧

ٿلهه:- موت مسافر يار، گهڻا ڏينهن لايَئي
١- اکن آرت چاڙهيا، نيڻ چاڙهيا نار
٢- وڄون وسڻ آيون، ڪري هار سينگار

٣- اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ٽيڙا مينگهه ملهار
٤- اصغر چوي آءُ پرين، محب مٿا منٿار

ڪافي ١٨

ٿلهه:- سانگ چڙي ورندا، سڄڻ منهنجا سانگي
١- جن وڏو وڇوڙو ورهن جو، سي منافق مرندا
٢- ايندا اٿم آسرو، الائيڻ ڏسي ٽرندا
٣- مينهن ميلائيءَ جا والي وسايا، چيهو اڃي چرندا
٤- اصغر عاشق عشق وارن سان، قولَ پرينِ پرندا

ڪافي ١٩

ٿلهه:- پنهل ڄام ساهه گهٽو ٿو سنڀاري، اچين نه ڪرهه ٿو
١- دل ديواني جي دوست نين ٿو، دلبر وجهي دام
٢- نينهن نيڻ وهائن نيرٽا، جُهڙَ ڏين جيئن جهام
٣- جيرا جگر جلن ٿا جانِم، ڪوري جيءَ ڪام
٤- ڇڏ نه ڇوري ڇپير ڇپرم، ساجنَ آ تو سام
٥- ڪري ڪيچن لءِ ڪوڪان ڪيئي، بامڻ مٿي بام

۶- عيب اڇي اصغرؔ عاشق جا، آري نہ ڪر عام

ڪافي ن ۲۰

ٿلھ:- ظالم زلفان زورِ، وڙهن مونسان واسينگ جان
۱- وہ واسينگن جو ويم ويڙهي، پوري ڪيائون پور
۲- اڳ ڏکوين کي ڏنگن ٿيون، آهن آيون سي شور
۳- چڱن ناهن سي مورچڻ جا، ڪَپَنِ سان نہ پيڪورِ
۴- مَنڊ نہ ڪنِ ماندن جو لڳندو، ڄاڙن چوڪئي چور

ڪافي ن ۲۱

ٿلھ: ڄاني پياريو جم جام، ساڙيو ساهہ کي سوز وڃيٿو
۱- سريون سڪاين ساعت ساعت، سَٽِنِ جان صمصام
۲- ابرو تنهنجا تيز تراريون، ڪُهنِ جان قمقام
۳- چشمان چيٽ جي ڪکرجان، هردم جهوئي بيناجهم جهام
۴- مينهن محبت جي ڪئي من ۾، ڇم ڇم ڇم ڇم ڇام
۵- اصغرؔ عاشق پير پريت ۾، رَسَائج تم تم تام

ڪافي ۲۲

ٿله: ڪارڻ جتن وندر، ووڙيٿي ووڙيو ووڙيان ::
۱- ڏس ڏکي کي ڏيو ڏونگر، پنهل ڪارڻ پوڙيٿي پوڙيو پوڙيان
۲- عشق عجيب ڪئون اِجهو سرتيون، لَکَ لالڻ لاءِ لوڙيٿي لوڙيو لوڙيان
۳- قدم ڪيچي جي سو قرب ۾، خوشبئون ڪوڙيٿي ڪوڙيو ڪوڙيان
۴- جاءِ جانب جي سوجيءَ ۾، سهجئون جوڙي ٿي جوڙيو جوڙيان
۵- اصغر عاشق عشق ڪئون، ڳانڍا سڀ توڙي ٿي توڙيو توڙيان

ڪافي ۲۳

ٿله: مژگان ماهيدي ڦٽيان ڙي ڦٽيان، روئنديان زار و زار
۱- غمزي گهوران برڇيان يالي، ڪات نيڻان دي ڪٽيان ڙي ڪٽيان، زلفان پيان زنار
۲- ويکڻ ڪيتي يار سهڻي دي، گهم رهيان سيو گهٽيان ڙي گهٽيان، شهر سارا سنسار
۳- مين تي ماهي هڪ جهاسي، پون چٽياڻي چٽيان ڙي چٽيان، ڏار ڪيتا لِجنان يار
۴- نال ماهيدي محبت لڳڙي، ڪيڙي ڪنون هَنِ ڪُٽيان ڙي ڪُٽيان، دلڙي لُٽي دلدار
۵- ابرو تيغان تيزئون لڳيان، ڪنه ٻَڌ ليسن پٽيان ڙي پٽيان، جو داغ ڪيتا دلدار
۶- ماهي دي منجهاندي مهي مين ٻَڌيان، سر پر چائي ڪي مٽيان ڙي مٽيان، پار ڪنون ورار

٧۔ اصغر عاشق ديان اوجان موجان، جاڻ نه سگھديان جڻيان ڙي جڻيان، ساڏاهو يا سينگار

ڪافي ٢٤

ٿلهه: تنهنجو حسن ڏسي حيران ٿيس، ناتي نيڻ کيو نروار ميان
١۔ ڪوُڙي ڪساري قبيلي ڪُلئي، ڪيچي ڪامل تولئي ڪيس
٢۔ عقل ادب ۽ دين دانش ڪان، نازڪ نينهن اوهانجي نِيس
٣۔ سرتين سينگن سَڪن سين جي، رَسان وَسان ويرو يس
٤۔ پائيُ پانديون بدڪاريون، پرين اوهانجي پيش پيس
٥ جانب جوت جمال تنهنجي جي، پانوَ پسي پنهل آءُ جِيسِ
٦۔ ليئُو پا تو مون جان اوهان لئيُ، شرم شناس شعورئون ڳيس
٧۔ ڳل ڳاڻي ڳڻن ڳڌي تو، ڪِلڻ تنهنجي آءُ ڪِيسَ
٨۔ دل ديواني جي ساهه سڙي جو، سهڻي سائين ساڻ سيس
٩۔ اصغر عاشق جي دل دلبر، لوڪ وچائون لال لِيسِ

ڪافي ٢٥

ٿلهه: هوت حبيب هلي آءُ هسان، لاهيو غم گوندر سيئي
١۔ ور ورج تون وهندو وندرئون، ويروچانتي آءُ وسان

٢- پرچ پرين ڇڏ رنج رُسامان، ڇڪي وڃي ٿي هن چسان
٣- غم گولي جا سيپ گم ٿين، گهوٽ گهمين جي هن گسان
٤- منهن مهتاب ڪئون لاهه حجاب تون، پلپل توکي پرين پسان
٥- اصَغر عاشق جو سُڻ سوال، رانول سائين روءِ رَسان

ڪافي ٢٦

تله: عيب پائيُ پاند ۾، آيس پرين تو در پري
١- ايترا منهنجا عيب هن، توري سگهي ڇا ڪاتري
٢- ڪنور ڪرِ ڪارو ڪاغذ، جيئن ڪٽ لاهي لوها گري
٣- در ڏيکاريو ڪو ٻيو، ڇڪي وڃي اوڏنهن ڇري
٤- توڙي لوڏين توڙي تڙين، ايندي تيپي توڏي ٿري
٥- منهنجون مدايون معاف ڪر، آئين ڍول تون مون تي ڍري

سُر بروو

ڪافي ۱

ٿلهه:- توسان ڳالهه اٿم هڪ ڪرڻي، هلي آءُ تون اڱڻ پيارا
۱- ڏي امانت وار سلامت، هو جا دل ڏنيم توکي ڏرڻي
۲- آءِ عجيب اڱڻ منهنجي، صبح محب آئُون آهيان مرڻي
۳- جيُ وڃي توجان مئُون نڪتو، پيئي ٿڦڙن ۾ ڦرڻي
۴- اجل! ساعت ساهه نه ڪيڏ تون، اڃان آهه اٿم هڪ پرڻي
۵- اصغر عاشق جي دل دانهن دلبر ناهي ڏاڍ ڏکن کون ڏرڻي

ڪافي ۲

ٿلهه:- شوق ڪيو مونکي شيدا، دلبر درشن تنهنجي
۱- مچ مچايو من ۾ محبت جو، ٻار ڪيائون جڏهين پيدا
۲- سڪ تنهنجي ڪئون سهڻا سائين، منهن مليدا پيا ميدا
۳- اصغر عاشق چون عاشقن کي، ڪر جي ٿيا هن ڪيدا

ڪافي ٣

ٿلهه:- آري اڙيون اکين اٽيون، توسان جاني منهنجون نوڙ ڪون

١- ايندس ايڏاهين پٽي اوهانجي، جوڳن جاهه پائي جٽيون
وهندس ڪين وو ڙڪئون

٢- پهچي پانڌي چيُج سنيها، ڪرّوچن پنهون ڪٽيون
ڏونگر جي وهن ڏوڙڪئون

٣- پنهل پلاٽيا آڏي اٽرا، هاڻي توڏي ايندس تٽيون
وڪين نه ٿيندس دوڙڪئون

٤- جنهن ڏينهن لاڪون جداجو ٿيڙين ڪڪرڪن جبن ڪٽيون
روان تنهنجي منهن موڙڪئون

٥- اصغر عاشق سهٽي سيّد جي، گهورن گهايون سوگهٽيون
ڳالهه چوان نه ٿي جوڙڪئون

ڪافي ٤

ٿلهه:- هي پيپو نه مٽ، پنهنجو پنهل تون ڳولج پاڻم
١- وَفِيۡ اَنۡفُسِكُمۡ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ، ڪلي اضافت ڪٽ

٢- لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا، سر سوڌو سيئي سٽ
٣- هر جاءِ هر هنڌ همه ۾ آهي، ڇو ٿو ڳولين آهي توئي وٽ
٤- وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ، لاسان ڪج سيئي لٽ
٥- صفحو دل جو صاف ڪجانءِ تون، حرف ٻيا ڪلئي ڇٽ
٦- دوئي وارو دليان پنهنجي، وڻ ايهوئي پاڙئون پٽ
٧- اصغر ڏيئي اڪبر ونجان، سودو ايهوئي هڻ هٽ

ڪافي ٥

ٿلهه :- علم حجاب آهي اڪبر، تنهن جدا ڪيو هو توهئون
١- ورد وساريم ورهه تنهنجي ڪئون، عقل وڏو هو اَدْبَرُ
٢- جهل جو هيڙم ورٿو وڏن جو، تنهن ڏيکاريو دَرُ
٣- محبت ري آدمي آهي حيوان، عشق ري ڪوٺيو انور
٤- وحدت ۾ آءُ تون ڪڍ ڪثرت کي، عاشق چئي هيئن اصغر

ڪافي ٦

ٿلهه :- يار تنهنجو تو ۾ آهي، ڳولين ڇو ٿو عاشق تون ڏور

١- وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ، سمجھ اِها جي تو ناهي
پيئي تون گهائج هڪ گهور

٢- وَفِيْ اَنْفُسِكُمْ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ، ڇڏ حجاب تون لاهي
دوست دليئُون نه سو دور

٣- اَلْاِنْسَانُ سِرِّيْ وَاَنَا سِرُّهٗ، فرق ٻنهي وچون چاهي
جسمئُون جدا ناهي سو مور

٤- ڪڏهين اصغر ڪڏهين اڪبر، گاهي چنين گاهي چنان
ڪڏهين ناري ڪڏهين نور

ڪافي ٧

ٿلهه:- بار بديون بهتانا، لڪ طعنا سرتي سورسنم

١- ڪاڻ ڪٿن ڪي مور نه ڪنهنجي، ٻڌين چوڙين پاڻم پنهنجي
شوقئُون ڪن شڪرانا

٢- طعنا تنڪا، جهيڙا جنيئون، سرتي سهنديون محبت مٺيون
پائيُ ڳل ڳچي ڳانا

٣- عرض عجيب ڪي ترپون ڪريان بلڪل بيحد وڃو پريان
جانب آڳيان لڪ جانا

٤- اصغر عاشق ڪي لاڀيئي لوري، جند جان سڄڻ توتان گهوري
گهوريان مال خزانا

ڪافي ٨

ٿله:- توکان يار سوا نه آرام آهي، ننڊ نيڻن کي سا حرام آهي

١- نوري نازوارو تو ويس ڪيو، تنهن عاشق جو آرام نيو
پنهل پرين جهڙو ڏسان ڪو نه ٻيو، او قادر رب جو ڪلام آهي

٢- هاءِ وو يار سهڻا تنهنجون ڳالهيون ساهه ۾ سانڍي مون آهن پايون
تنهنجون چوڪيون چاليون، سي نه لوڪ سڻائڻ اهم آهي

٣- ڪڏهن يار ايندو ملاقات ٿيندي، اها سڳورڙي رات اشال ايندي
مجلس ڪندي پريات ٿيندي، سو اصغر جو انجام آهي

ڪافي ٩

ٿله:- محب ڪڏهن مون سان ملندين، آءُ تان ماري تنهنجي ماڙي

١- سو ڏينهن ڪهڙو ٿيندو، خاوند مون سان تون ڪلندين

٢- آسروندي جي اڳڻ تي، تور سچڻ سهڻي ٿِلندين

٣- ڳوٺ ڳُڻن جي سان ڪٽُ ياڪتندس، پاٽا ساجي تون پلندين

۴- ساعت ننهن ٿئن اصغر عاشق صدقي، هٿ جنهين ۾ تون هلندين

ڪافي ۱۱

ٿلهه:- آئُ قدمن تان قرباني ، اڱڻِ پرين اڄ منهنجي آيو

۱- سڪندي جن لاءِ مونکي ورهه وِهاڻا، پاڻُ ڀلائيُ پرين آيو پاڻا
ڪري آيو احساني ، ڀَلن پاڻُ ڀَلايو

۲- ڀَرچي پرينِ پيرُ مون گهرِ پاتو، ڀالُ سندنِ مون ٻيحد چاتو
آهيان محبن جي مهماني ، ساهُ سِسي ٻئي مون سنبايو

۳- سج چنڊ صورت سڄڻ جي ۾، مَٿُ نه هئي محبوبن جي ۾
ساپرينِ جي پيشاني ، شمس قمر هئي شرمايو

۴- اصغر چوي ٿيو لطفُ الاهي، ٿيڙو وصال ويئي جدائيُ
جيڙئي مِليمِ سوجاني ، ٿيڙم سوال سَجايو

ڪافي ١١

ٿلهه۔ تنهن پاروچي تئون گهوري گهوري، گهوري گهوريان

١۔ سڄڻ اوهان کي سور جي، مون من پڳڙي لوري لوري
لوري لوريان

٢۔ جتن ڪارڻ جيڏيون، ڏونگر ٿيندس ڏوري ڏوري
ڏوري ڏوريان

٣۔ نڌر چڏيائون نندم، چاڙهي ويڙا چوري چوري
چوري چوريان

٤۔ اصغر عاشق کي عشق جي، جيءَ اندر ۾ آهي جهوري جهوري
جهوري جهوريان

سُر ديسي

ڪافي-١

ٿلهه:- سيئي سور سمير جا، ڪنديس عرض عجيب کي

١- لهي سج لڪن ۾، ڪئي آهي ڪَوِيُرَ جا ڪَوِيُرَ جا

٢- سورن ڪئي سرتيون، ايندي وير اُلير جا اُلير جا

٣- نماڻي سان نند ۾، لٽ ڪئي آهه لٽير جا لٽير جا

٤- اصغر چوي پڙي تن، وڏي پير ڪبير جا

ڪافي-٢

ٿلهه:- ويندس آءُ وڻڪار، جي جُسو وجهي جنجار هوت حبيب ڏي

١- آهي منهنجي اندر ۾، طلب تنهنجي تار

٢- نشي نينهن اوهان جي، شال هجان سرشار

٣- اوکي ٿيم اوهان ريءَ، دنيا جي هي دار

٤- سيران جي سمونڊ جن، پرين لنگها يوم پار

٥- مير محمد مصطفىٰؐ، واڳ ولهي تي وار

٦- جيتر روضي کي رسان، تيتر مولىٰ مونکي نه مار

٧- رسي روضي رهبر جي، ڪامل ڪنديس ڪار

٨- آري هن اصغر جي، محب مڃو هي آر

ڪافي ٣

ٿلهه:- پرهه نهاري پنڌ پيرا او پيرا، پنهل جا ورهه وڏي ڪئُون
سسئي ويچاري سوز گهڻي ڪئُون

١- سسئي ويچاري درد جو دل ۾، سوز سيني ۾،
ڳولي ٿي گس گهيرا هي گهيرا

٢- گهيرا پنهل جا پڇندي وڃي ٿي ڏکئُون ڏکي، هوندا سوجت ديرا هي ديرا

٣-

٣- ڏورائُون ڏونگرتي ڏکي ڏ تاسي،
بانيڙ برندا چيرا هي چيرا

ڪافي ۴

ٿله :- جڪ مارين ٽا جڳ، آءُ ويندي وندر پار پنهل جي
۱- چاريندين چڱا ڪري، سندا سيد وڳ
۲- ڏکيا پند پٽن جا، ڪين ڪيا هُئا مون اڳ
۳- لکيو ويٺي لوڙيان، جو ازل لکيو هو اڳ
۴- آسائتي جا اصغر چوي، دلڙي ڪري ويا ڏڳ

ڪافي ۵

ٿله :- سامت مئي ڪي نہ آئي، جنهن پر موٽيمِ جت
۱- چرخو چندن عاج جو، پيريان ڪهڙيءَ پٽ
۲- پانگها شهر پنيور جا، ميڙي ڪنديس مچ
۳- پاهڻ پير پٽون ڪيا، رائي ڪيڙا رت
۴- عشق وارن جا اصغر چوي، سورن وڃايو آست

ڪافي ٦

ٿلهه:- هر دم هوت هسج، ڏمر نه ڪج يار ڏيئَ سان
١- بدو بڇڙا برن جا، دلبر سيپ دسج
٢- بحر سنديون بنديون، ڪاٽي ڪان نه ڪسج
٣- آري جام اصغر ڪي، رچين منجھ رسج

سُر آسا

ڪافي ١

ٿلهه۔ نينهن ڪيس نيشان لايو سهڻا لوڪئون لڪين ٿو

١۔ صبر آرام مونکي مور نه آوي، جهاتي دلبر ويو جيءَ ۾ پاوي، مونسان ڪيو ماتام
پوءِ تون پنهنجو پاڻ پلين ٿو

٢۔ رات ستي ڪئون ويڙاسرتيون، ڏک ڏونگر جو ڏيکاري ڏري نون
ڪيچ ڏاڍو قمام، وندر سهڻا ڪره وڃي ٿو

٣۔ ڪافر ڪسوڙ ڪيو قتلام، جنهن دين مڃيو نا اسلام
جنهنجو مڙهه نه مقام، تنهنکي ڪهڙيون باهيون بچين ٿو

٤۔ اصغر عاشق چئي مون من موهيو، عشق آري جي اندر اُجاريو
تن ۾ تانگهه تمام، ڪليو سهڻا تون ڪلين ٿو

ڪافي ۲

ٿلهه:- جيءَ جي جيءَ ۾ رهي، ڳالهه تو مون ڪئون نه پڇي

۱- جوڙي جان ڳالهيون اچان مٿي تنهنجي در
منهن مقابل نه سگهان يار اوهان جي آءُ ڪڇي

۲- ڪڏهن هيڪر ته اچي يار ميلو ڪر
نه اچين تو نه سڏين ڳالهه اها آهي بڇي

۳- بيقراري آهي مونکي برهه تنهنجي ڪئون بيحد
لنو تنهنجي ۾ متان يار مران آءُ ڪڇي

۴- ڪونهي ڪو توريءَ پيو اسرار منهنجي جو واقف
تون ٻي جي ڪيئن نه مران لعل لڇي

۵- صبر ڪر سورهه سورن مين تون اصغر عاشق جي ۾ جُلي
ڪين ڪڇي مچ اندر ڪاٿي مڇي

ڪافي ۳

ٿله: وحدتئون آءُ ڪهي ڪثرت ڏي وچ، ڪيتاوي سهڻي عجب پسارا

۱- احدئون آڪهي عبد آڪايس، هر هند هرجا آپ لڪايس، عاشق اپڻا نام رکايس
ڪيتس اپڻا آپ نظارا

۲- بيرنگي وانگون آيا وچ رنگ ڏي، ڪڏان هوندا حاڪم ڪڏان ڪرڙ منگڏي،
چاڪ چوائي آيا وچ جهنگ دي،
ڪِٿان ڇوڙيس تخت هزارا

۳- حاڪم هوڪهي حڪم هليندا، ڪِنهان چڙيندا ڪِنهان جهليندا،
ڪِنهان نون عاشق ڪر تليندا،
مظهر ڪيتُس هي جڳ سارا

۴- ڪَڏان احمد ڪڏان محمد هويا، احدئون عبد الصمد هويا،
ابي چند ڪڏان سرمند هويا،
ڪڏان هويا علي حيدر ڪرارا

۵- اڪبر وچون هويا اصغر، اصغر اهو ول هويا اڪبر
ڪُلُّ شَيءٍ يَرجِعُ هويا وت اَظهَرُ،
لڳا لِمَنِ المُلڪُ نغارا

ڪافي ٤

ٿلهه: الغرضي سان منهنجو جيڏيون، قسمت آڻي ترب جو ڪيڙو

١- تون ڪيچي ڪوهيارو آءُ ٻانڀڻ، اڳُ نه هيڙم توسان ڏيٺي،
امرِ الاهيءَ لکيو جو ڪيڙو

٢- يارَ اوهان نجي صحي نا سيندي، کهڙو ڏورا پو ڏيرن کي ڏيندي
پيچ پرتِ جو ٿيجي ويڙو

٣- اصغر عاشق آيو قربُون ڪاهي، شهر ڀنڀور جا لياس لاهي
جانبُ آيو جيءَ جو جيڙو

ڪافي ٥

ٿلهه:- ڇوڙ ڳيبون تخت هزارا، ڪم ڪيها تيڏا اها سيالين

١- شاه شهاندا آهون اصلي، چا تويُ گدائيُ سٿ پسارا

٢- ڪَڏان مسلم مومن هوندئين، ڪَڏان يهودي ڪڏان نصارا

٣- ڇُم ڪيي تيڏا عشق ميئن چاتا، نوبت مارِي نينهن نغارا

٤- سِڪايان نون چاسولي چڙهيندين، مُدعيان دِي نال مدارا

٥- آنوندي نال حيران جو ڪيتويُ، مگر تيڏا اِهو آها مڪارا

٦۔ اَیُنَمَا تُوَلُّوا جڈاں سمجھ، اصغر کیڑی دا گیا خسارا

کافی ٦

ٹلہ: مژگان ماھیݙی قٹیان قٹیان، روئندیان زار و زار

١۔ غمزی گھوران برچھیان پائی، کات نیٹان دی کٹیان کٹیان،
زلفان پیئان زنار

٢۔ ویکڻ کیتی یار سھٹی دی، گھم رھیان سب گھٹیان گھٹیان،
شھر سارا سنسار

٣۔ مئیں تی ماھی ھک جو ھاسی، پون چٹیاڻی چٹیان چٹیان،
ڈار کیتا جِنان یار

٤۔ نال ماھیݙی محبت لگڑی، کیڑی نون ھن کٹیان کٹیان،
دلڑی لُٹی دلدار

٥۔ ابرو تیغان تیز ٹون لگیان، کون بڈیسی پٹیان پٹیان،
جولاغ کیتا دلدار

٦۔ ھاھی دی منجھان دی مَھی مین دئیان، سر پر چائی کھی مَنتیان مَنتیان
یارکنون اور وار

٧۔ اصغر عاشق دیان او جان موجان، جاڻ نہ سگھندیان جٹیان جٹیان
ساڈا ھویا سینگار

ڪافي ٧

تله: منهنجي انگِ لکيو هو عذاب، ڏيان دانهن ڏکن جي ڪنهن کي

١- جف القلم بما هو ڪائن، تنئي لاءِ ٿيو جڳ طاعن
ڪيس قرب ڪباب

٢- ساڙڻ سوزن ۽ سورن ۾، پرت وارن جو جيڏيون پورن ۾
سهڻ کي آهي ثواب

٣- متيون موڙڻ جون ڏين مُٺي کي، هَل اُچي چون ڪونه ڪُٺي کي
ڏين خواري جو خطاب

٤- رضا رب جي آهيان رولي، ڪريو دعا سرتيون ٿي منهنجي سولي
معافي ٿيئم حساب

٥- اصغر عاشق سدا سورن ۾، هردم هوت ڳُهڏي گهورن ۾
لهي تنهن کئون حجاب

ڪافي ٨

تله: اهو آهي اوهانجو حرف، پُنين ناهي ڪميٽي ڪيچ ۾

١- ڏيئي نه وئين ڏَس ڏُکيءَ کي، طرفَ پانهنجي جو طرفُ

٢- لڳ پسڻ لالڻ لئي سرتيون، شوق وارن جو آ شرف
٣- مٿو وٽ نہ مشتاق تون سور ڪئون، پڙهين سِڪ جو ٿو صرف
٤- سِڪ نہ ماپي سيني منهنجي ۾، تنگ تہ آهي ظرف
٥- تَري آئي نہ سگهان اصغر چئي، بحر برهہ جو ژرف

ڪافي ٩

ٿلهہ: جوڳي زلفان ڪول ني، آيا بيوت رماڪي

١- سرتي چيرا منهن تي بسمي، آها اصلي ناهار سمي
رهيا آسين ڪول ني، سامي سيني وچ سماڪي

٢- وچ زلفان دي مکڙا دمڪي، بدليان وچ جيوين بجلي چمڪي
ٿيوان تنهن توئن گهول ني، شعلي ويک شمعاڪي

٣- ڏينديهان ٻِڪيا گهنداجو ناهين دم دم درد ڦِرداجو آنهين
رمزين نال ڳيا رول ني، قهري ڪيس ڪماڪي

٤- شاه شهانداويس ويراڳي، ڪن وچ مندري پير بيراڳي
وي ويک عجائب چول ني، ڪڙيان سر نماڪي

٥- نينان ماهيدي اصغر نيتا، مثل جوڳي ڪنهن دانہ ميتا
چشمان نون ڳيا چول ني، غمزي نال غماڪي

ڪافي ۱۰

تلهه: پچان پنهل لئِ ڪيها پار، رانول منهنجي روح وَسي ٿو
۱- رويت ساڻ جو روح رچائين، رنگ رفع ٿيا همه يڪبار
۲- وَهُوَمَعَكُمُ پاڻ کِي چائِي، ڳوليان کهڙا غير جا غار
۳- وَنَحنُ واري رمز ڏسائين، جا آهي اندر کي آڌار
۴- غير ۾ چو ٿو غوطا کائين، اصغر اڪبر آهين يار

سُر ساموندي

ڪافي ۱

ٿله :- منهنجي محب جي ميٽ، ڪونه هوندو ڪو ڪاٿهين
۱- نينهن نبيرو ناڪجو، نوري نباهج نيٽ
۲- پنڌ ڪنديس پرينءَ ڏي، ماه مهيني چيٽ
۳- ڍڪ تون عيب اچاڻ جا، دلبر دامن هيٺ
۴- هي جي ڦٽ فراق جا، اصغر جا اچي چيٽ

ڪافي ۲

ٿله :- وڻجاري لاءِ واجهه، سهسين سرتيون آءُ ٿي وجهان
۱- پوي وڻجاري کي، پانهي تي ڪاپاجهه
۲- واحد وڻجارن جي، حاصل ڪرتون هاج
۳- هادي هن جامڙئيُ، سو لا ڪر ساج
۴- ايندا ڏسان اصغر چوي، جانب سندا جهاج

ڪافي ۳

ٿلهه:- سامونڊين جي سار، ساعت ساعت آهه ساهه کي
١- ڪٽي ڪوهاجي ويا، تن جي تن ۾ اٿم تار
٢- ساهي سڙهه جي ويا، جاني ميڙين سي جبار
٣- باري ٿيڙم بخت سو، پرين آيا ڪان پار
٤- خوشيون ٿينديون تڏهين، جڏهين ڪنڌي ايندا ڪنار
٥- ونجارا آڻ اصغر چوي، والي ڪنهن وار

ڪافي ۴

ٿلهه:- پنهل جهڙو جيڏيون، جڳ ۾ نه آهه ڪو
١- لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ، پيءُ پٽ نڪو
٢- لَيْسَ ڪَمِثْلِهٖ شَيْءٌ، پڙهو سبق پڪو
٣- لَيْسَ سِوَى الله سمجهي، شڪ ۾ نه شڪو
٤- هر جاءِ هر هنڌ، داتا جو دهڪو
٥- برڪت سان بتخانه جي، مڙهي ٿيو مڪو
٦- ڏيل ڏسي ڏک ۾، ڏکيون ڪيم ڏڪو

٧- پٽيءَ پيئي پنهل جي ٿرن ۾ نه ٽڪو
٨- اصغر اڪبر پاڻ آ، ٻئا ٻڪ نه ٻڪو

ڪافي ۵

تله:- وڻجارن جو وري، ساٿ سلامت آيو
١- ڪٽي ڪٿوري آيو، گهر گهر ڏيُ ٽوگهٽي
٢- سامونڊين جي سنگت جي، اتم گهر ج گهٽي
٣- ڪيائين واپار ولايت جو، آندائين مشڪ مٽي
٤- اصغر چيئي عجيب جي، پيئي واڌائي وٽي

ڪافي ٦

تله: محبن سندي ميٺ، ڪرنهي ڪاٿي ڪنهن مُلڪ ۾
١- ساٿ جي سُڌِ ڏي ڪانگل ڪائيُ، چلي ڪري چُست چيٺِ
٢- نج نيا پاهن نِيرجا، جت بلوچن جي بيٺ
٣- رات نه رهج ڪاوند روچ ۾، وهلو وڃج تائين نيٺ
٤- ڪٽي جا ڪنيا تل ڪاله ڏني ڪل، چام ايندءِ منجھ جيٺ
٥- اصغر عاشق ڪِل تون خوش ٿي، ڏَتُ ڪنديُ سندو ڏيٺ

ڪافيءَ

ٿله: بندر مون کان ڪالهه، ويا وڻجارا نِڪري

۱۔ موکي تنِ ترَ چڙهيا، پِره تنين ٿي پالهه

۲۔ وَرَنِ وڻجارا آءُ ونديان، ٿنين مصرين ٿالهه

۳۔ دانش دل کي درد ڏنو، جَڙيسِ جَڙي جيئن مالهه

۴۔ عشق ائين ڪيس اصغرچئيُ، ٿالهي جيئين ٿالهه

سرپياتي

ڪافي ـ ١

ٿلهه:- ڏتاري ورتيءَ دل هڪڙي ذري ۾
ڪيئہ قيد قابو اکين جي اري ۾

١- لڳي چڻنگ چولي چقمق چواتي، ساڪيئن اجها مي سڄڻ توجالاتي
لڳي عشق آتش جڻ ڪکن جي ڪري ۾

٢- اکين سان اماڪ ڪسي دل ڪٽي وئين، واه واه اسانکي سڄڻ تون ڦٽي وئين
وڏيءَ ونگ واري ورهه جي وري ۾

٣- چوري چشم چهري بڇيءَ بازبحري نيڻن سان نهوڙي هنيئہ ڪان ڦهري
هٿ چا ايندءِ گذارڻ پري ۾

٤- اهڙو عشق اهنجو جنهن ساڙيو ساهه منهنجو
رويورند پچان ٿي سڄڻ راه تنهنجو
گولي شاه اصغر چئيءَ رک پيزارجي تري ۾

ڪافي ٢

ٿلهه:- اڄ ڪا پرين جي خبر جا آئي
سرهي وڃايان تنهن لاءِ سيج سدائي

١- پونئرن گلن تي لٿ پٽ لائي !
ايندو باغن ۾ منهنجو جانب جائي

٢- ڪلنگا جي ڪليا بسنتي بهاري
سون ڪئي سوسن ۾ لئون لئون ۾ لالائي

٣- نازبو چمن ۾ خوشبو مچائي
منڊ ڪي سارين ٿا اهي باغ سدائي

٤- اصغر عاشق کي پرين ميلين سائين
تو لاءِ مون سڪندي ٿي عمر سجائي

ڪافي ٣

ٿلهه:- اٿ جاڳ جاني ، توکي ننڊ ٿي نهوڙي
سانجهي يا سپاٽي ايندو موت حقاني

١- اڀريو جو تارو صبح سوارو
جاڳو وي يارو آهي رين وهاڻي

٢- اوڙو جو پاڙو سمهڻ ۾ سهڙيو
آيو اگهاڙو جو آهي آخر فاني

٣- توکي آرس آهي ڇڏ لاڏ لاهي
ڪرهل ڪاهي پس پرين جي پيشاني

٤- اصغر عاشق چئي ڪوڙ ڪنهن سان نہ ڪجي
جهٽ پٽ چئجي اها راهه ربّاني

سرهيرَ

ڪافي ١

ٿلهه:- عشق عجب اسرار، جنڪي لڳو تن ڪان پڇجي

١- منهڙو موڙڻ ائين نه مناسب، تهدل ڏيئي تار
رئيَ گناهه نه رسجي

٢- وڃڻ واجب پار پرين جي، هوند هلي هڪوار
ڏيهه ڏوري اهو ڏسجي

٣- نندي لاڪون نينهن منهنجو توسان، ڪم نه اچي ڪار
جيسين توکي نه ٿو ڏسجي

٤- اصغر عاشق عشق وارن کي، برهه ڪيو بيمار
تنهنڪان پير پري پرچي

ڪافي ٢

ٿلهه:- سانگيئڙن جو سانگ، الله ڪندو اوري اوري

۱- وصف ويڙيچن جي جن وڄائيُ، تنکي کائيُ نانگ
مير عمر مڪائُون مونڏي چوري چوري

۲- سور منهنجا سهي سيوئُ، ڪل ڏجان تون ڪانگ
ڏيھ وارن کي ڏوري ڏوري

۳- اڪنڊا باٽن جي اٿم اهائيُ، جيئن روزائتن بانگ
جهوري انهنجي ٿي جهوري جهوري

۴- عمرا باٽن ڏي آءُ جاويندي، چيلن چوڙي چانگ
وڃي ٿڙٿيان تنجي ٿوري ٿوري

۵- تنهنجي دنيا ۽ دولت ڪان، پلا اٿم پانگ
زير ڪيس تنهنجي زوري زوري

۶- اصغر چوي قاصد آيو، چڙهي مٿي سر چانگ
سر ڏيان تنهن تان گهوري گهوري

کافی ۳

ٹلہ:۔ ہک ہادي نال ٿیو سي، چوڑکے دعوا دوئی دي

۱۔ شاہ شراب شوق دا ڈتڑا، تھن ݙي خمار کیو سي
۲۔ مُوتُوا قَبلَ اَنتَ مُوتُوا، مَرکے ڦِر ول جیو سي
۳۔ کُلُّ شَیءٍ یَرجِعُ اِلیٰ اَصلِہٖ، کثرت چوڑ ڳیو سي
۴۔ اصغر اکبر ݙي وچ آہا، اھو لاݙي نال ليو سي

کافی ۴

ٹلہ: وچڑان جھوک ضروري، اِٿاھین آرام نہ آوي
۱۔ عشق اساݙا نال رانجھن ݙي، مُلکان وچ مشھوري کیتڑي دل جل جاوي
۲۔ پلک پلک وچ ویک میݨ ݙر دي، او ماھي تیݙي مغروري، سیني م ساہ نہ سماوي
۳۔ اصغر آکي اِنھان اکیان دا، او ٻڳڑا کاݨ کلوري، خون جگر دا کاوي

کافی ۵

ٹلہ: اکیان اُٹھان وچ اڑیان، جاءِ پھچݨ جٹ ناھي
۱۔ ھَنکِي ھوڑي تر نہ ترسیان، جانب ݙي نال جڑیان

٢۔ دم دم ديدان دِرِ دلبر ݙي رووَن رووَن کڑيان
٣۔ آکِئي ميݙي مول نه رهيان، سوز ݙادي وچ سَڑيان
٤۔ اکيان اصغر ديان روز ازل ݙي، نال سهٹي وچ لڑيان

كافي ٦

ٹلھ: ياکي کيون وَسدئين پيارا، برهه بچ کي بارِي
١۔ مائي بابل چوڑ جو ݙتڑا، تيݙي رهيم هک تارِي
٢۔ جهوک جو تيݙي آکي نه سگهدي، ٻوچک هي وت چارِي
٣۔ مَئين نماٹي ݙي حال احوال ݙي، سُݙ لهين سهٹا سارِي
٤۔ اکيان جو تيݙي ويکڻ کيتي جَل وهينديان جارِي
٥۔ خبر لهين تون يار تَهين ݙي، كانُ مارئي جنهون كاري
٦۔ درد اُور ݙي ملڻ خاطر، زور کريندي هان زاري
٧۔ نال اصغر ݙي کرم کرکي، نپاوين تون ياري

كافي ٧

ٹلھ: جوگي دا ويک جمال، آيا دل ٹتاکي

۱- بِرہ ٻچیندا بین بجیندا، درد وندیان دیان دلڑیان کسیندا، کیڈي برہ ڈمال
جوڳي لٹکا لا کي

۲- اِنھین وِي جوڳي دي پڳوي کپڑي، سیلي ڳل وِچ کیتس سیڑھي، ڈیندا قرب کمال
کڈان چوڑي ھٹا کي

۳- شھر چوڑ کي ڳِدس جھنگل، ندي دي کناري کیتس استل، سیلی کر کي جمال
آیا ویس وٹا کي

۴- نینھن دي نانگ سوسرتي پائي، ویس وسیھر کالي کالي، اپنا آپ سمال
سانون گھتدئین سَتا کي

۵- ڈس نہ ڈِئي کوئي تنھن جوڳي[1]، پیر نھین[2] کِنھن نون اِنھین[3] پوڳي دا، پیچ پیچ رھیاں رمال
ڳئي سپ نٹا کي

۶- مُک وِکا کي مول نہ آیا، اصغر عاشق کرین کوسعیا، ساڈي ویک اعمال
گیا راہ مٹا کي

ڪافي ٨

ٿلھ: هير نماڻي ڪيئن هلي، آءُ ميان رانجھا، هت تہ آئي ڪنھن شوق جي شولي

١- سسئي ڀنهل لاءِ وئي ٿي جاچندي، ٿرن برن مان پوري پڄندي، جبل مٿي پئي جلي

٢- ليلان لاءِ مجنون بيٺو هو برن ۾، جنھن جا هٿا تاٽا تاڪ ٿرن ۾، محب انھئَ سان ملي

٣- سھڻي ساهڙ لاءِ تار مان ترندي، ڏسي ڪُنن جا ڪَڙڪا وچان ڪانورندي، چيڪو ٿيو ٿي چلي

٤- اصغر عاشق عشق وارن سان، نوبت سائين نينھن وارن سان، سورا ندر جا سلي

ڪافي ٩

ٿلھ: عشق ڏئي اظھار، سو لک ناچ نچايا

١- عشق جي بازار ۾ بيٺا بهادر، پائي حقيقي هار، مرڪي مقصد چايا

٢- عشق جي بازي اُلٽي جا آهي، لوڪ جا مھٽا ميار، سر تي ويراڳين وَسايا

٣- موج مجاز جي جنڪي لڳي هئي، اوڪي آپرت پچار، تنھن ڪان بيڪ بنايا

٤- اصغر چوي عشق وارن ڏي، نيٺ ڪٽي تون نهار، محبت مينھن وَسايا

كافي ن ١٠

ٿلهہ: لوکان ݙي چٺي لڳي ميٺن رانجھن يار رُسايا، هيکر آوي ميٺون هاٿ

١- آئ مياں رانجھا خدا کارݨ، ھن ݙُھاڳݨ کي کر سُھاڳݨ، ول نہ پچھاݨ تيݙي ذات

٢- اکيون ڄي آريون کن ٿيون اوجاڳا، انئي پھرکن ٿيون سجاڳا، تن اندر مہا تات

٣- پار وچھڑ جو پور جو پيڑن، نانگ ٿي سِنگن سان ݙيتا روجوݙ نڙن، ھي ساميا ٹي نيئن سات

۴- اصغر عاشق اڄ پرين ايندا، ميݨي مَدايون خوش ٿي کِلندا، ساتہ سدوري رات

كافي ن ١١

ٿلهہ: جھوک رانجھن ݙي ضرور، ويسان مين مول نہ رھسان

١- کرکيڑي ݙي نال مول نہ نقصان، ماھي کيتا مخمور

٢- جوگ جوڳي دي موھ کھي نيتا، چشما کيتا چکچور

٣- ست حجاب لاہ نقاب کرن، ھادي ݙي ويسان حضور

۴- دل ݙُکي ٿيوي ويک کيڑي نون، ويک ماھي نون مسرور

٥- اصغر عاشق عرض اندر ݙي، ماھي کيتي منظور

كافي ١٢

تلھ: ماھي كيتا مخمور ، ميريا سئياں

١- ماھي ماہ حقيقت دا ، نُورٌ عَلىٰ نُورُ

٢- رنج رانجھي نال ريجھ رھيوسي، كيڑي كنوں ھئي وھلور

٣- پرت پيالا پياري پلا كر، چاكي كيتا چكنا چور

٤- اصغر عاشق اصل اُنھين دا، تنھن نون كيتوئي مسرور

كافي ١٣

تلھ: لڳڑا عشق تمام، ميݙا نال ماھي دي، اج نہ كلھ دا روز ازل دا

١- اندر ميݙي وچ جو ٻلدا، حب تيݙي دا حمام

٢- ويكن نال صورت سھٹي دي، گئي عقل دي زمام

٣- صبر سداٹا جݙاں ميں ݙٹڑي، نين ماھي دي نمام

٤- ھوش كنوں مدھوش جو تئيھاں، ݙيك اكياں بادام

٥- ميں نماڻي تي ورھ جو وسدا، كالي كركي غمام

٦- اصغر عاشق عشق ميݙي دي، وچ دي دھل دمام

کافي ۱۴

ٿلھ: گھت کھي زلفان دا دام، رانجھن میڈي دل نیتي نیتي

۱۔ زلف ظالم دي نیش وسیھر، کالي جیھي بشیھر، کیتو سُنبل کون عام

۲۔ ھک ڈینھن ماھي مکڑا وکایا، درد دا ونھان دل وچ دکایا، من موھیا تنھن مام

۳۔ ماھي میڈي من سیباٹا، روح رانجھي دي دورِ کاٹا، کُھِ کیڑا کر خام

۴۔ من موھ کھي کیتس مستانا، راوي کناري گڈس استانا، روئان صبح وشام

۵۔ ماءِ پي چوڑ کھي تیڈي ھُٹیان، سَکیان سگیان ڈیندیان ڈوھیان، لڑھ گدم تیڈي لام

۶۔ برھ جو کیتا بیحد بیراگي، وِرھئون دکیم ولیس ویراگي، درد ھي ڈوم ڈام

۷۔ اصغر عاشق تو دلبر دا، روز ازل دا ھیلھ نہ پَردا، وصل دا ڈي تون جام

کافي ۱۵

ٿلھ: تیڈا حُسن کمال، میئن ویک مستاني جوٿئیان، قسم اللہ دي سُنھن مولادي

۱۔ ھي سَیائون زور زیادہ، جاني تیڈا جمال

۲۔ صدقي کیتم تو دلبر تئون، سَر سوڈا سبِ مال

۳۔ سوز سولان دي میئون ساڑیا، ٿیا سِرِ وبال

۴۔ آءِ مئیون ماھي محرم، اھو منِّ سوال

٥- آئُو يارو مل ڪرهُڻ، ڪيڏون برھ ڏمال
٦- اَصغر عاشق روزِ ازل ڏي، ڪيتا حُسن حلال

ڪافي ١٦

ٿلھ: عرض اِهوئي مئين تان ڪردِي، مِلڻ ٻاجهون مردي
١- در تيڏي گولي غلام، روز ازل دي هيله نه پردي
٢- ويکڻ ٻاجهون توسهٽي ڏي، سِڪنديان دي نِهين سڙي
٣- تَئين ڪَنون ٿيڪون مَگديان ماهي، طالب ناهيان زَردي
٤- مِلڪ جو تيڏي هوئيان اصلئون، نِهين هان ڪيڙي خردي
٥- اصغر عاشق درد دلبر ڏي، آنه سگهان جو هان ڏردي

ڪافي ١٧

ٿلھ: ڪونڌ قبولن قضا، رند رمزن وارا
١- منصور ڏني پنهنجي پاڻ کي، سوليءَ واري سزا
٢- ڪو ڏئون اچنتا ڪوپا قتل تي، واه تنين جي وضا
٣- ڪرٿ اچڻ ڪان ڪين ڪُڇن ٿا، واه غازين جي غذا
٤- اَصغر عاشق منجھ محبت ڏي، مردن ڪيا هَن مزا

ڪافي ۱۸

ٿله: عشق ڪيتا اظهار، بيوس ٿيئهان وس ڪنون ڳئيان

۱۔ جنهن تڙميڏا رانجهن وَسندا، سوتڙ باغ بهار
ڪِلد يان لئيان

۲۔ پار درياهون جهوڪ رانجهن دي، تانگهه نه پچند يان تار
وِچ گهِڙِ پئيان

۳۔ اَصغر عاشق عشق مَنجهانران، گُهمند يهان وِچ بازار
گَل وچ پئيهان

ڪافي ١٩

ٿلهہ: مين چم ڪر چاتا چاڪ ڙي، ڪيڙي ياڙي نون گل نہ لاوان
١- مين وي رانجهن دي رانجهن ميڏا، ڪيڙي دي سرخاڪ ڙي
٢- جسدن عشق رانجهن دا چاتم، هرهنڌ هوئي هوهاڪ ڙي
٣- ڪڏان سڏيندا وچ مجلس دي، ڪڏان نہ ڏيندا تاڪ ڙي
٤- اصغر هي يراصل تساڏا، پرت رکندا هي پاڪ ڙي

ڪافي ٢٠

ٿلهہ: پرت پڇاڻي نہ ڪج آرياڻي، آهيان اياڻ پيَّ پيارا
١- ڪُنذي قلب مِ هوت هٽي وئين، ڪديج ڪين ڪوهيارا
٢- هوتَ تون پارج هڏ نہ وسارج، جيڪي قول ڪُنوارا
٣- قول ڪميڻي سان جي ڪيڙوَ، سي پارج پرس پاگارا
٤- نال نماڻي نہ نينهن نبيرج، ڪيچي قرب قرارا
٥- ياڪي يار وچي ٿِيَڙين، عاجز آچي آزار
٦- اصغر عاشق کي هردم آهي، پنهل تنهنجي پچارا

کافي ٢١

ٹلھ؛ دل دوست نيتي ساڈي ٹر، قاضي کيوين سانون تون پلدا

١۔ خود اختياري دا ويکيا هَئي، لکيا وچ دفتر
نوين. چال کيهي تون چلدا

٢۔ حسب نسب هي وچ عرب عجم، سيوئي هک ک
نيکي کردي تتي نون کيون تلدا

٣۔ قاضي قضا دا نه منکر ثيوين، اصل هي اها گهُر
لکيا لوح دا مول نه ٹلدا

٤۔ کڈ نه کتابان ڈي نه عتابان، چا اٹاهون ٹُر
روح کيڑي دي نال نه رَلدا

٥۔ ماهي مينون مست جو کيتا، ڈي پيالا پُر
تون نه واقف نهين اِنهين کلدا

٦۔ اصغر عاشق هي روز ازل دا، حب تهين وچ حُر
ويکي تاب تابش نهين ولدا